
چنڊ پيرن هيٺ
غلام عباس ڪوريجو

# چنڊ پيرن هيٺ

(ڪھاڻيون)

غلام عباس ڪوريجو

ڪنول پبليڪيشن قنبر
2005ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# ارپنا

- جنم ڏيندڙ هستيءَ ماءُ جي نانءُ: جنهن منهنجي خوشين خاطر ڪيترائي ڏک ڏٺا
- اوچتو وڇڙي ويل هر دلعزيز شخصيت ماما محمد علي ڪوريجو جي نانءُ

# سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”چنڊ پيرن هيٺ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. 17 ڪهاڻين تي مشتمل هن مجموعي جو ليکڪ نوجوان ڪهاڻيڪار غلام عباس ڪوريجو آهي.

”عباس جي ڪهاڻين ۾ ٻوليءَ جي حسناڪي انوکي اوج تي آهي. ٻهراڙڪو ڊڪشن هجي يا مستقبليه ٻولي – هن هر طرح سان ٻوليءَ ۾ تخليقي عمل ذريعي انيڪ رنگ ڀريا آهن. ڪن ڪهاڻين ۾ روايتي ٽيڪنڪ هوندي به ڪردارنگاري، علامتي انداز، جملي بازي ۽ سسپينس موهيندڙ آهي. غلام عباس ڪوريجو جي ائين ئي فنڪاراڻا جنون جي وهڪ ۾ روان دوان رهيو ته نئين تناظر ۾ لکيل انوکي لاڙي وارن ڪهاڻي لکندڙن ۾ اوس اڀري ايندو.“

هي ڪتاب 2005ع ۾ ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون پياري عباس ڪوريجي جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سهاءُ

| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران | ................................ | سعيد سومرو |
| بئڪ ٽائيٽل | ................................ | الطاف شيخ |
| مهاڳ | ................................ | طارق قريشي |
| پنهنجي پاران | ................................ | عباس ڪوريجو |

# ڪهاڻيون


پوڙهو سچ
باسي گوشت
انڌيري رات ۾ صحرا جو سفر
راتين جا رولاڪ
وڪ ٽنڻ ٽائين
قيامت ڪان اڳ
چنڊ پيرن هيٺ
دال مچر ۽ ڪتاب
پنجين رات
وڏو چريو
معصوم محبت
هڪ ڏينهن جي روزي
خلا جو سفر
پورهيتن جي پڳ
ڊاڪٽر پروفائيل
زندگيءَ جا ڳولائو
ويهين صديءَ جو وڏو فراڊ

# اداري پاران

غلام عباس ڪوريجو- نئين زماني جي ڳڻتيءَ جوڳي ڪهاڻي نويس جو پهرياتو ادبي Identity card "چنڊ پيرن هيٺ" اوهان اڳيان آهي.
17 مختصر ڪهاڻين جي هن مجموعي ۾ مختلف ٿاپڪستي، ڪنهن قدر غلام عباس ڪوريجي مختلف نگاهه وجهي، ڪين زندگيءَ جو نئون ساهس ڏنو آهي. مزاحيه ڪهاڻيون هجن يا سنجيده، فيوچر ٽينس ڪهاڻيون هجن يا سسپنسي اسٽوريز، غلام عباس ڪوريجي جو قلم، هر قسم جي ڪهاڻي سان نياءُ ڪري ڄاڻي. سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ انهي رنگت جا ڪهاڻيڪار ٿورا آهن، جيڪي گوناگون موضوع پلي پيٽ لکي سگهن. چئجي ته غلام عباس ڪوريجو نئين ٿهيءَ مان ورسٽائيل ڪهاڻي نويس آهي، جنهن پنهنجي وهيءَ جي بنسبت وڌن موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي.
سندس ڪهاڻين ۾ ٻوليءَ جي حسناڪي انوکي اوج تي آهي. ٻهراڙڪو ڊڪشن هجي يا مستقبليه ٻولي — هن هر طرح سان ٻوليءَ ۾ تخليقي عمل ذريعي انيڪ رنگ پريا آهن.
ڪن ڪهاڻين ۾ روايتي ٽيڪنڪ هوندي به ڪردارنگاري، علامتي انداز، جملي بازي ۽ سسپينس موهيندڙ آهي. جيترو اعليٰ ڪهاڻي ڪٽڻ جو ڏانءُ غلام عباس ڪوريجي ۾ آهي، ڪن ڪهاڻين ۾ ايترو پختو ڪلائيميڪس ناهي ڏئي سگهيو. پوءِ به غلام عباس ڪوريجو جي ائين ئي فنڪاراڻا جنون جي وهڪ ۾ روان دوان رهيو ته نئين تناظر ۾ لکيل انوکي لاڙي وارن ڪهاڻي لکندڙن ۾ اوس اپري ايندو.
اوهان جي راءِ ، اسان لاءِ روشنيءَ جي سراءِ هوندي.

**سعيد سومرو**
ڪنول پبليڪيشن قنبر
2005-04-26

# بئڪ ٽائيٽل

”چنڊ پيرن هيٺ“ ڪتاب نوجوان ليکڪ غلام عباس ڪوريجو جي خوبصورت ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جنهن ۾ 17 ڪهاڻيون شامل آهن. هنن ڪهاڻين مان ڪجهه مزاح تي آهن ۽ ٻيون مستقبليه ۽ متفرق موضوعن تي آهن. مستقبليه ڪهاڻيون سنڌي ۾ طارق قريشيءَ لکيون آهن، جنهن ٽرينڊ کي غلام عباس هٿي ڏني آهي. غلام عباس جي ڪهاڻين جي هن مجموعي ۾ پڙهندڙن کي ٻهراڙي جي نج ٻولي، نوان لفظ، لهجو ۽ انداز نظر ايندو. معصوم محبت، وڪ ٽنڻ تائين، دال مچر ۽ ڪتاب مزاحيه ۽ معنوي ڪهاڻيون آهن ۽ غلام عباس مزاح تي سٺي طبي آزمائي ڪئي آهي. مجموعي ۾ شامل هر ڪهاڻي جو پلاٽ مختلف آهي ۽ ڪا ٻه ڪهاڻي سڌيءَ طرح رومانس تي لکيل ناهي. ”چنڊ پيرن هيٺ“ ڪهاڻين جو ليکڪ غلام عباس قمبر جي ڳوٺ ڪوريجا ۾ 1 مارچ 1983ع تي ڄائو، پاڻ ايڪانامڪس سبجيڪٽ ۾ گريجوئشن ڪئي اٿس. ادب کان علاوه پاڻ ٽن اين جي اوز ۾ صدر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي. اميد ته هو اڳان به لکندو رهندو.

**الطاف شيخ**

ٽوڪيو جپان

# اندرَاور

نِنڊڙائپ ۾ ڪٿي پڙهيو هئم ته وڏو ليڪ ٽيڻ لاءِ ”ويلڊنگ“ سکڻ ضروري آهي، جيئن مختلف خيالن ۽ جملن کي ڳنڍي سهڻي تحرير ناهي سگهجي. ٻئي ڏينهن ويلڊنگ مستريءَ وٽ ويو هئس، هو ڪنهن ٽريڪٽر ڊرائيور لاءِ ٽراليءَ جي ويلڊنگ ڪري رهيو هئو، مون غور سان ڏٺو هو ته مستري T.R پٽي کي ٽراليءَ جي ٿهيل خاڪي تي سيٽنگ سان رکي، ويلڊنگ مشين ۾ راڊ وجهي، اکين اڳيان شيشي جو سيفٽي ماسڪ ڏئي، ويلڊنگ ڪري رهيو هو.

مون ڪتاب ۽ ٽراليءَ کي پيٽائي ڏٺو، جن ۾ ڏينهن رات جو فرق هو، مون کي مٿيون جملو ته سمجهه ۾ نه آيو هو پر ان رات اکيون ڳاڙهيون ٿي سُڄي ويون هيون، ان رات اکيون هونديون به مان ڪجهه ڏسي نه سگهيو هئس، ان الميي اڳتي هلي ”انڌيري رات ۾ صحرا جو سفر“ لکڻ تي مجبور ڪيو.

شعور جي منزل تي پهچي مون اها ”ادبي ويلڊنگ“ ته سکي ورتي پر ”وڏو ليڪ ٽيڻ واري ڳالهه وقت جي ڌوڙ ۾ گم ٿي وئي.

اڪثر ماڻهو ”ننڍڙي ڳالهه“ سمجهي وڏا وڏا هاڃا ڪري وجهندا آهن، ڪين اها به خبر نه هوندي آهي ته ننڍڙي ماچيس جي تيلي ڪڪاوان ويڙهن جا ويڙها جلائي سگهي ٿي. پوءِ به اها غلطي ”آدم“ هر دور ۾ ڪندو آيو آهي، ان ”ننڍڙي ڳالهه“ جا پيروڪار انفرادي ٿي سگهن ٿا ته اجتمائي به. منهنجي عقيدي موجب اها ”ننڍڙي غلطي“ بغداد جي ماڻهن کان به ٿي هئي. بغداد جي مرڪزي ٽاٽي ”باب خراسان“ جي ڪال ڪوٺڙيءَ جي داروغي ”النشار“ جي حيرت جو ڪاٿو، ان وقت لڳائڻ مشڪل هو جڏهن هن ڪفر جي تهمت هيٺ آيل منصور کي عبادت ڪندي ڏٺو هو. چيو هئائينس، ”تون ڪافر، ملحد، خدائي جي دعويٰ ڪندڙ پاڻ عبادت چو ٿو ڪرين؟“!

منصور وراڻيو هو، ”اسان پنهنجو قدر پاڻ ڄاڻون ٿا“!

منصور جو نعرو ته ”انا الحق“ هو ۽ ان جي معني ۽ مفهوم آهي، ”مان نه آهيان، حق آهي“!

” النشار“ کان وڌيڪ حيرت ۾ مان پيو هئس، جڏهن منصور جي سوانح پڙهي هئم.

فطرت هميشه مون کي موهيو آهي، اونهاري ۾ شام ويلي سر سبز ٻنين ۾ بيٺل سارين جي فصل جو اوبر به مونکي ايترو ته عزيز آهي، جيترو ڪنهن بهار ۾ ٽڙندڙ گل. هونئن به موسمن تي پاڙڻ اجايو آهي، ڪنهن کي ماڻڻ لاءِ بهارن جو انتظار ڪيسين ڪجي!؟ اصل ڳالهه ”دل جي موسم“ جي هوندي آهي.

اسڪول لائيف ۾ جڏهن پر واري ڳوٺ جي هاءِ اسڪول ۾ ويو هئس، هڪ ڏينهن رستي تي ڪنهن مونکان منهنجو نالو پڇيو هو، منهنجي ٻڌائڻ تي نعرا هڻڻ شروع ڪيا هئائين، منهنجي نظر ڳوٺ جي گهرن جي پٽين تي لڳل اَلمن کان ٽيندي آڪاش تائين پهتي هئي، ان وقت مون لاءِ اها ڳجهارت هئي پر هينئر مون محسوس ڪيو آهي

ته ”جيسين غلام، غلام آهي، تيسين حاڪم به قيد ۾ آهي“. ڇو جو ”ايلچي“ ئي ”سڪندر“ هوندو آهي.

مون وٽ ڪهاڻي صرف پڙهندڙ کي مصيبتن ۽ لفظن جي ڄار ۾ ڦاسائڻ جو نالو ناهي! ڪهاڻي مون وٽ ”اڪيلائي جي ٿهڪ“ مثل آهي، جتي پڙهندڙ جي گهوريندڙ اکين ۽ خشڪيل چپن تي مرڪن جا پوپٽ ظاهر ٿيڻ گهرجن، اهوئي سبب آهي جو مان ڪهاڻين جي بندوقن ۾ جملن جا ڪارتوس به ڇوڙيندو آهيان، جن ۾ فقط توتڙ پريل هوندا آهن.

رومانس تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي، هاڻي تبديليءَ جي اشد ضرورت آهي، موضوعن جي وشال آڪاس ۾ اڏامڻ گهرجي. منهنجي ڪهاڻين جو محور فقط پيار ناهي، منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار راهه ويندڙ وينگس پنيان ڇيلڙي جيان ناهن لڳي پوندا.

مون پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪٿي به پاڻ کي ”ليڪڪ“ ڏيکارڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي، توڙي جو منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار ٻنيءَ مان گاهه ڪڍڻ کان وٺي خلا ۾ اڏامڻ تائين آزاد آهن، پوءِ به اڄ تائين مون پاڻ کي هڪ سنو پانڪ ئي محسوس ڪيو آهي، سنو پڙهڻ جو جنون اڄ به منهنجي رڳن ۾ ڊوڙي پيو، جو دل اڄ به ڪيترن ئي اڻلڀ ڪتابن لاءِ پئي سڌون ڪئي.

اڄڪلهه ”عجيب“ ڪهاڻيون لکيون پيون وڃن، جن ۾ فقط ذهني خلفشار وڪريل هوندو آهي، يا ائين ڪٿي سمجهو ته ڪنهن چينل شروع ٿيڻ کان اڳ ٽي وي اسڪرين جا ترورا، اهڙيون ته لاشعوري خيالن جون لنيون وهائي ڪيندا جو پڙهندڙ کي خبر ئي نه پوندي ته ڪهاڻي ڪٿان شروع ٿي ۽ ڪٿي ختم ٿي وئي! ٻڌايو ته اهڙي باهوڙيل، وسوڙيل ۽ بتاڙيل لکٽي پڙهندڙ ڪيئن پڙهي؟ تجريد ۽ علامت ته پري پر پانڪ ڪڏهن ڪڏهن وينو استعمال ٿيل استعاري تي سوچيندو، اهڙي ماحول ۾ جڏهن پڙهندڙ آڏو سمورو ڪتاب علامتي ڪهاڻين ۽ تجريدي مام جي ڪپڙي ۾ وڪوڙيل پيش ڪجي ته پڙهندڙ ٻئي هٿ مٿي کي نه ڏيندو ته ڇا ڪندو!؟

”چنڊ پيرن هيٺ“ منهنجي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي، جيڪو اوهان جي قدردان هٿن ۾ آهي، بقول طارق قريشيءَ ته ”هي منهنجا تجربا آهن“ ۽ اهي تجربا مان 1998ع کان ڪندو پيو اچان. امر جليل پڙهڻ کان پوءِ اتساهه پيدا ٿيو، پوءِ طارق قريشي، نور الهدي شاهه، طارق اشرف، نسيم ڪرل ۽ ٻيا پڙهيا،پر طارق قريشي جي مستقبليه ڪهاڻين اهڙيون ڪهاڻيون لکڻ لاءِ اتساهيو ۽ پوءِ اهو ادبي سفر اوهان آڏو آهي.

اوهان سان اندر اورڻ لاءِ اڄا دل گهري پئي پر ان کان اڳ جو اونداهي اندر ۾ ڪاهي پئي، منزل ڏنڊ پاڇن ۾ گم ٿي وڃي، رنگ فرش تي هارجي وڃن ۽ ڪينواس ڪورو رهجي وڃي، دلين جي روح رهاڻ ۾ ريٽيل هيءَ اندر اورَ دوستن جي نالن سان ”ٻيءَ وڪ“ تائين مانئي رکان ٿو.

آخر ۾ انهن دوستن جا نالا ضرور ڳڻائيندس جن مونکي هن منزل تي رسائڻ ۾ همٿايو، جن ادبي دوست ۾ استاد اياز حسين ابڙو، رياضت ٻرڙو، سعيد سومرو، فيض گل، "پائو درمحمد ٻرڙو، ديدار "ديوانو"، نورالحق، سيف الحق سيف، قمر الدين قمر، نادر ڪوريجو، گلزار جوڻيجو، جانزيب، سائين بخش قبولائي ۽ مرحوم غلام مصطفي ڦرڙو (جنهن جا خط مون لاءِ فخر جو باعث آهن)، شامل آهن ۽ ذاتي دوستن ۾ رفيق احمد نائچ، منظور علي ڪنڀر، نظير ڪوريجو، (ڊاڪٽر پروفائيل، ) ارشاد ڪوريجو، عبدالجبار ابڙو، عبدلسلام جوڻيجو، نوشاد ڪوريجو، ناصر ڪوکر، ضمير گوپانگ، احمد نوازڪوسو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ساٿي.

مان نهايت مشڪور آهيان "سنڌ جي سند باد" الطاف شيخ صاحب جو، جن مصروفيتن باوجود بئڪ ٽائيٽل لکي ڏنو. طارق قريشي صاحب جن جا به وڏا، جن مهاڳ لکي ڏيڻ جي عنايت ڪئي ۽ سا به پنهنجائپ سان ۽ هي خاڪسار مشڪور آهي، اداري ڪنول پبليڪشن قنبر جو، جن مجموعو ڇپائي اوهان جي هٿن تائين پڄايو.

## عباس ڪوريجو
**ادب جو شاگرد**

# مهاڳ

ڊيئر غلام عباس ڪوريجو!
مهاڳ طور هي خط توکي لکي رهيو آهيان، اميد ته قبول پوندو.روايتي انداز ۾ ته اکر لکڻ سان فقط رسمي ڳالهيون لکجن ها، سو الائي ڇو مون کان
کونه پڳو، ان کي حجت سمجهين يا منهنجي سهل پسندي، پنهجائپ جي صدقي درگذر ڪجانءِ تنهنجي درجن کن ڪهاڻين کي هڪ جاءِ تي پڙهڻ جو موقعو مليوان جي ڏاڍي خوشي تي ان کان وڌيڪ خوشي ان ڳالھ جي تي ته تون به ”جڳ جهڙو“ تي وئين، يعني تنهنجي ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿي رهيو آهي . تهائين وڌيڪ راحت ملي ٿي ان احساس سان ته سنڌي ڪهاڻين کي هڪڙو ٻيوڪنٽريبيوٽر مليو .
تنهن ڪري ڊيئر! توکي ڪهاڻي جي سفر کي اڳتي وڌائڻ تي ڪوڙ ڪوڙ مبارڪون هجن.. تنهنجيون اڪثر ڪهاڻيون وٽڻ جهڙيون آهن ۽ انهن ۾ ڪجھ ڪهاڻيون محسوس ڪرائن ٿيون ته تنهنجي اندر ۾ هڪ پختو ڪهاڻيڪار وينو آهي آئون بلاشڪ ان ڳالھ کي سمجهان ٿو ته ڪهاڻيڪارن بلڪ اڪثر ليکڪن کي لکڻو به پوندو آهي ۽ ڇپرائڻو به پوندو آهي ، ڇپرائي وري وراهڻو به پوندو آهي، پر ان جي باوجود ڪين سندن ڪهاڻين يا لکڻين بابت گهٽي انڪريجمينٽ نه ملندي آهي اسان جي قسمت ۾ سنا نقاد آهن ئي ڪونه شايد تنقيد جي ڪوٽ جو به اهو ئي ڪارڻ آهي مون کي به تنقيد ڪرڻ ڪونه ٿي اچي تنقيد، جنهن لاءِ ادب جون لغتون ”انصاف“ جو مفهوم ڪين ٿيون تنهن ڪري مهرباني ڪري منهنجي راءِ کي حرف آخر نه سمجهجانءِ ٺيڪ آهي نه؟!
تنهنجي ڪجھ ڪاڻين ۾ ”جن جو اڳتي ذڪر ايندو“ مون کي ڏاڍو مزو آيوانهن لاءِ ايتو ئي چوندس ته پڙهندڙ جڏهن اهي ڪهاڻيون پڙهندا ته ڪين وڻنديون، جو انهن ۾ تون ميچوئر ڪهاڻيڪار نظر اچين ٿو، گهٽي واڪاڻ ان لاءِ نٿو ڪريان ته تنهنجا پانڪ پاڻهي، انهن ڪهاڻين جي خوبين کي محسوس ڪري وٺندا..
تو سائنس فنڪشن تخليق ڪيو آهي يا ڪوشش ڪئي اٿئي، جنهن جون توکي مبارڪون هجن، پر چنڊ پيرن هيٺ ۽ خلا جو سفر ڪهاڻين جي تعريف ڪرڻ سان گڏ اهو به چوندس ته ان ڳالھ جو ضرور ڌيان رکجي ته، تجربن جي اڏيءَ تي ڪٽي اسان آرٽ کي ته قربان ڪونه پيا ڪريون سائنس وجهي فڪشن کي گم ته ڪونه پيا ڪريون؟
انهن ٻنهي ڪهاڻين جي باري ۾ مان آئون ايترو چوندس ته تو بجا طور تي انهن ڪهاڻين کي خلوص سان لکيو آهي ۽ محنت ڪئي آهي، پر تنهنجي قلم جي پختگي انهن ڪهاڻين مان نه، پر تنهنجي ٻين ڪهاڻين مان ظاهر ٿئي ٿي، جن جو آئون اڳتي هلي ذڪر ڪندس، هِتي بس ايتو ئي چوندس ته جيڪڏهن تون ڇِپ جي ايجاد ۽ جينوم پراجيڪٽ جي کي پنهنجا موضوع بڻائين ها ته اهي موضوع ڏاڍا وقتائتا ٿين ها ۽ ڪيترن ئي پيڙهين تائين تازا ۽ خوشبودار رهن ها .

ذڪر ڪيل ترقيءَ، ويهين صديءَ جي آخر ۾ ٻئي ملينيم ڪي تاريخ ساز بنائي ڇڏيو هو، ڇو تہ بني نوع انسان جي اتهاس ان ڪان وڏيڪ ايڏي ترقي نہ ڪئي يا ڏٺي هئي.

تنهنجي ڪهاڻي خلا جو سفر ۾ اشارتا "چِپ" جو ذڪر ملي ٿو تہ هُن ليب ٽاپ ذريعي فرج ۽ ٻيو سامان بند ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو هن ڪان بند ڪرڻ وسري ويو هو..

ان ڪي اجان وضاحت سان ڄاڻائين ها تہ وڏيڪ مزو اچي ها ڇو تہ اها پڪ آهي تہ هاڻي مائڪرو چپ ذريعي هر قسم جي برقي ۽ برقياتي اوزار ڪي توهان سيٽلائيٽ ذريعي ڪٿان بہ ويهي آپريٽ ڪري سگهو ٿا. ممڪن آهي تہ ڏهن پندرنهن ورهن ڪان پوءِ توهان پنهنجي گهر جا ،روم ڪولر، پکا، ٽيوب لائيٽ، استري، فرج، هيٽر، گيزر وغيره پنهنجي موبائيل فون يا وري ڪنهن ٻي ننڍڙي اوزار سان دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويهي آن آف ڪيو..... ۽ اهو جلد ٿيڻو آهي.

تنهنجي ٻن ڪهاڻين "هڪ ڏينهن جي روزي" ۽ باسي گوشت ۾ الائي ڇو هڪجهڙائي نظر آئي. مونکي ٻئي ڪهاڻيون الڳ الڳ فليور ڏئي نہ سگهيون آهن. ان ڪان علاوه اهو بہ چوندس تہ ڊونڊي ڪائڻ وارا يا بيمار گوشت وڪڻڻ وارا ڪردار ڏاڍا ورجايل آهن. ڪو شڪ ناهي تہ تون نئين مان اهي ڪهاڻيون آهن، پر اهي موضوع تنهنجي ڪوشش ڪي گهڻو نہ ڪري سگهيا آهن. ها، ايترو ضرور آهي تہ تون هر قسم جي موضوع سان ڇيڙ ڇاڙ ڪري پنهنجا "هٿ گرم" رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪهاڻيءَ جو فن بہ ميٿيميٽڪس وانگر آهي. پريڪٽس ڪندا رهو تہ نيڪ نہ تہ آهستي آهستي وسرڻ لڳندو آهي. جيڪڏهن ڪو ڪهاڻيڪار ڪهاڻي لکڻ ڇڏي ٿو تہ، ڪجھ نہ ڪجھ ٻيو لکندو رهي، نہ تہ مُرڳو هن ڪان لکڻ وسري ويندو.

تو ڏاڍو سنو ڪيو آهي. تو جڏهن ڪان لکڻ شروع ڪيو آهي، آئون سمجهان ٿو تہ لاڳيتو لکندو رهيو آهين. مختلف رسالن ۾ آئون تنهنجون ڪهاڻيون پڙهندو رهيو آهيان. تنهنڪري منهن جو خيال آهي تہ توکي انهي ضرور فائدو ڏنو هوندو.

تنهنجون ٽي ڪهاڻيون "وڪ ٽنڻ ڪان اڳ" ، "قيامت ڪان اڳ" ۽ "ويهين صدي جو وڏو فراڊ!" پڻ بهترين احساتي ڪهاڻيون آهن، جن ۾ فن خوبي بہ آهي تہ پڻ، انهن ڪهاڻين مان تنهنجي نفيس سوچ ۽ "مني درد" ڪي پروزڻ جو موقعو ملي ٿو، جيئن بيروزگاري جهڙو معاشي مسئلو ۽ هلڪي طنز ۾ ڪهاڻي "وڪ ٽنڻ تائين" جي اٽٽ. يقين ڪر! تنهنجي ڪهاڻين ۾ طنز جون ڪتڪايون پڻ رکن ٿيون.

"قيامت ڪان اڳ" ڪهاڻي ۾ ننڍڙي ڇوڪر جا احساس ۽ معاشري جي مدي خارج رسمن ۽ ويساهن ڪي ننديو اٿئي، "ويهين صدي جو وڏو فراڊ!" پڻ نواڻ رکي ٿي.!

ڪهاڻي "انڌيري رات ۾ صحرا جو سفر" ۾ اختتامي جملا تنهنجي ڪهاڻي سان نہ ٿا ڪن. وائينڊ اپ غير ضروري طور جذباتي ۽ بيگانو ڪيو آهي آهي. وائينڊ اپ غير ضروري ۽ بيگانو آهي. شايد تو ڪي ڪهاڻي لکڻ وقت ان جو انجام واضع ڏسڻ ۾ نہ آيو ۽ پوءِ "جيئن آهي ۽ جتي آهي جي بنياد تي" تو ڪهاڻي ڪي گهمائي ويڙهي سيڙهي بند ڪيو آهي.

تون پنهنجي اها ڪهاڻي شروع ڪان آخر تائين پڙهه ۽ پوءِ ٻڌاءِ ته جنهن جي زال گذاري وڃي ۽ هڪڙو پٽ نابين ۽ ٻيو ذهني طور ڪمزور هجي، (اهو شخصيپڙهيل لکيل به آهي) ته ڇا هو ان سڀي تڪليف جو ذميوار پنهنجي خراب قسمت کي سمجهندو يا ان لاءِ معاشري کي ذميوار قرار ڏيندو؟ ان جو مطلب ته سونامي جي تباهين جو ذڪر ڪري اسان آمريڪا تي لاعنتون ملامتون ڪيون ته اهو سڄو ڪم جاج بش (ثاني) جو آهي، جنهن اشاري تي سونامي طوفان آيو ۽ لکين هزارين ماڻهو ماري ڇڏيائين!؟

اِن ڪان علاوه ڊيئر! جيئن تنهنجي ٻين ڪهاڻين ۾ ڪافي ننڍيون ننڍيون غلطيون سواليه نشان بڻيل آهن، تئين ذڪر ٿيل ڪهاڻي ۾ به تو ڪان ٿي وئي آهي. سيزرين دوران ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪرداري زال ٿنا پٽ ڄڻڻ ڪان پوءِ مري ٿي وڃي ۽ ڊاڪٽرياڻي اڇي اهو ٻڌائي ٿي ته ماءُ گذاري وئي ۽ ٻار نابين پيدا ٿيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ٻن اڍائن مهينن تائين ڪنهن کي اها خبر ڪانه پوندي آهي ته ڇاول ٻار نابين آهي يا ٻي ڪا اٿس. ٻار جڏهن ٻن ٽن مهينن جو ٿيندو، تڏهن والدين يا ڪو اهو هوريان هوريان وڃي اندازو لڳائيندو ته ٻار ۾ ڪهڙي کوٽ آهي.

هلڪي ڦلڪي مزاح سان تنهنجون ڪجهه ڪهاڻيون، جن ۾ ”معصوم محبت“ ۽ ”دال، مڇر ۽ ڪتاب“ سٺي تفريح جو ذريعو آهن. انهن ڪهاڻين پڙهڻ ڪان پوءِ ليڪڪ ۽ ان جي لکڻين جي خوش طبعيءَ جو اندازو ٿئي ٿو. سو آئون تنهنجي زنده دلي کي ڪيان ٿو ته مون کي تنهنجيون ٻئي ڪهاڻيون گهڻي مدد ڏين ٿيون. انهن ٻن ڪهاڻين سان گڏ ”ڊاڪٽر پروفائيل“ پڻ تنهنجي بذله سنجي ۽ تنهنجي قلم جي خوشدليءَ کي محسوس ڪرائن ٿيون. ”ڊاڪٽر پرو فائيل تنهنجي سنين ڪهاڻين مان هڪ آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته تنهنجي ڪهاڻي ”ڊاڪٽر پروفائيل“ پڙهڻ ڪانپوءِ بي اختيار منير احمد جي ڪهاڻي ”حويلي جا راز ياد اچي وڃي ٿي.

سو، بلاشڪ ته ”ڊاڪٽر پروفائيل“ نسبتا بهتر ڪهاڻي آهي ۽ ان جو اڃا به مزيدار ٿي سگهيو پئي، پر افسوس تنهنجي ڪتاب يا ڪهاڻين کي سنو ايڊيٽر نه ملي سگهيو آهي. مون تنهنجيون ڪهاڻيون پڙهندي بار بار اهو خيال پئي آيو ته اهي ڪهاڻيون باقاعدي ٿين ها ۽ پاڻ جيڪڏهن گڏ هجون هان ته انهن ڪهاڻين کي ضرور ڪريون ها. ان ڪان علاوه هر ڪهاڻي جي عنوان تي غور ويچار ڪيون ها ۽ اهو به ته تنهنجي ڪهاڻين جا نالا ڪجهه رکون ها ۽ ڪتاب جو ٽائيٽل ڪجهه ٻيو سوچون ها. سچ ٻڌايانءِ ته مون تنهنجي سمورن ڪهاڻين ۾ سيني ڪان جيڪي سٺيون ڪهاڻيون لڳيون آهن انهن ۾ ”ڊاڪٽر پروفائيل“ ڪانسواءِ ”پوڙهو سچ“ ”پورهيتن جي پڳ“ ”راتين جا رولاڪ“ ۽ ”وڏو ڇريو“ شامل آهن. جيڪڏهن مون ڪان صلاح وٺين ها ته مان تنهنجي ڪتاب جو نالو پوڙهو سچ رکان ها .

باقي تنهنجي ڪهاڻي ”زندگي جا ڳولائو“ ۾ ڪا به نواڻ نظرڪونه آئي. الائي ڇو هاڻي اهي موضوع بيزار ٿا ڪن. روزانو اهڙيون ڪهاڻيون ۽ ڊراما پڙهڻا پون ٿا جن ۾ هڪڙو ظالم زميندار ۽ مظلوم هاري آهي ۽ ظلم ته اهو آهي ته ظالم زميندار

ايڊوڪمينو ڊيڪاريو وجي ٿو جو ٻار جي هٿ مان لالي پوپ ڦرڻ کان وٺي، هارياڻي جي لڄ لٽڻ تائين ۽ پاڻيءَ جي چوري کان وٺي مُلڪي راز چوري ڪري، دشمن ملڪ کي وڪڻڻ تائين سڀ ڏوهه اهو اڪيلو ئو ڪري ۽ هاري ايڊو گگدام آهي جو هن کي خبر ئي نه ڪونهي ته ماني وات سان ڪائبي آهي يا نڪ سان! اسان جي ليکڪن کي ٿوري صلاح ڏيون ته ٻه ٽي ڏينهن ظالم زميندار کي ڪرڻ جو موقعو ڏين ۽ ڪجهه ٻين مسئلن کي ٻه ڪٽن.

يار غلام عباس! توکي آءُ چا ٻڌايان ته سنڌ جي اڪثر ليکڪن وٽ هاڻي عيوضو، ڪڪڙن جي ميل ۽ ڏاندن جي گوءِ کان وڌيڪ ڪو موضوع ئي نه رهيو آهي. سو تون ئي مهرباني ڪري انهن کي سمجهاءِ ته ڪجهه ٻيون شيون ٻه ڏسن. دنيا ۾ تمام گهڻا واقعا ۽ لقاءَ ٿينتا، اهي ٻه اهميت گهرن ٿا، انهن تي ٻه قلم کڻڻ گهرجي ۽ هر پل بدلجندڙ دنيا جا نت نوان قدر ۽ ڪيفيتون اک ۾ رکڻ گهرجن. تنهنجي ڪهاڻين ۾ "پنجين رات" ڪهاڻي پڙهندي مون کي هڪڙي انڊين مووي "ليکن" ياد پئي آئي. سچي ڪهاڻي ان تجسس وچان پڙهيم ته هن ڪهاڻي ۾ تو ضرور قسم ڪرادار قوتون شامل ڪيا آهن. ڏاڍي ڪا قسم جي ڪهاڻي هوندي. ضرور ڪو فلسفياڻو نقطعو يا رکي هوندس، پر نه ڪهاڻي پوري ٿي، پنجين رات جي ڪٿا ختم ٿي وئي، ڪهاڻي جو آخري چيڙو هٿ ڪونه آيو سو ڪونه آيو. ڪهاڻي جو مقصد ٻه سمجهه ۾ ڪونه آيو ته آخر تو چا ٿو ڪرين. آئون ۾ لکڻ پسند ڪندو آهيان ۽ علامتي ڪهاڻيون جن ۾ ڪافڪا جون ٻه ڪهاڻيون آهن، شوق سان پڙهندو آهيان. شاعري ۾ ذيشان ساحل ٻه هضم ڪري ويندو آهيان پر يار شيون مٿي کان گذري وينديون آهن. منهنجي خيال ۾ آرٽ اهو ئي آهي ته ڳالهه سادي ٻه نه هجي جو "اڳ دي سٽيل هووي" ۽ ايڏي ٻه نه هجي جو "ڏک منهنجو ٻه ياد رکندين" واري صورتحال ٿئي. آرٽ پنهنجي ڳالهه کي اهڙي هنر ۽ ڍنگ سان ڪرڻ جي ڏانءَ کي سڏيو ويندو آهي، جو ٻڌندڙکان اها ڳالهه ڪڏهن ٻه نه وسري ۽ جيڪڏهن اها ڳالهه اهو ٻڌندڙ ڪنهن ٻي کي ٻڌائي ته ان ئي اسلوب ۽ پيرائي ۾ ٻڌائي جيئن اصل ڏٺيءَ اها ڳالهه ڪئي هئي.

قصو مختصر ته تنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻولي ۽ گرامر جي ننڍين وڏين چُڪن، طوالت، غير محسوس اختصار، ابهام، ٻين ڪهاڻيڪارن جي ٻوليءَ جو اثر ۽ ٻيون ڪيتريون ئي باريڪون ٿيڻ ضروري هيون. تنهنجي ڪهاڻين کي ۽ توکي هڪ سنو ڪهاڻيڪار دوست گائيڊ رهنما جي ضرورت آهي، جيڪو توکي تنهنجي هر ڪهاڻي تي ايماندارانه راءِ ڏئي ۽ اصلاح ڪري.

غلام عباس آئون تنهنجي ڪهاڻين مان مايوس ڪونه آهيان، پر آئون چاهيان ٿو ته تنهنجو لهجو، زبان، آهنگ لکڻ ۾ پڌرو هجي. منهنجي خيال ۾ تنهنجيون هيل تائين لکيل ڪهاڻيون تنهنجا مختلف تجربا آهن، جن مان توکي انداو ٿي ويو هوندو ته تنهنجو اسلوب ۽ مزاج ڪهڙو آهي.

تون پنهنجي اسلوب ۽ مزاج کي گرفت ۾ آڻ، ڪهاڻي خودبخود تنهنجي گرفت ۾ اچي ويندي.

## طارق قريشي

**ڪراچي**

24 مارچ 2005

# پوڙهو سچ

چنگچيءَ تان هيٺ لٿو، ڪيسي ۾ هٿ وجهي پنج روپيہ ڪرايو ڪڍي چنگچي ڊرائيور کي ڏنائين،آڏو واري سيٽ تي هن جي پرسان ويٺل پوڙهي بہ لڪڙ جي مدد سان هيٺ لٿو، ٿاٻڙجڻ ڪري هيٺ ڪري پيو .

”پوڙهو شل ڪتو بہ نہ ٿئي! هي بہ ڪا زندگي آ....! مان تہ هن کان اڳ ۾ ئي پاڻ ماري ڇڏيندس.“چنگچي ڊرائيور هن کي چيو، هو ڪجھ چوڻ بنا شهر ڏي رڙهي ويو،مسافر خاني وٽان لنگهندي ڇيڪر جو آواز ٻڌائين،

”ڪاڏي پيارا! مُنڍَ متايو وڃ!؟مسافر خاني جي در وٽ بيٺل ڪدڙي چيس.

هو ڪنڌ هيٺ ڪري اڳتي رڙهي ٿو، پويان آواز ٿو اچيس،

”هونهہ.....! حرامي پاڻ پنج منٽ پوئتي آهي“.

سرڪندي اچي مين روڊ تي چڙهيو، هڪ رڪشو رانياٽ ڪندو هن جي پرسان گذري ويو،”زندگيءَ جو محور فقط“ رانياٽ“ ئي آهن، جيڪي ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين نصيب جي ڪتابن ۾ لکيل آهن“.

مين روڊ تي موٽر گاڏيون، هڪ ٻئي کان اڳ ڪڍڻ جي آس ۾ هارن هڻنديون،اور ٽيڪ ڪنديون رهن ٿيون، بنان هن سوچ جي تہ ”منزل“ ڪان پوءِ زندگيءَ جو زوال هوندو آهي،هر نهيل شيءِ اوس ٽٽڻي هوندي آهي، نواڻ جي محور پوڙهائپ آهي، هر نئين شيءِ پوڙهائپ ڏي ڊڪي ٿي ۽ پوڙهائپ زوال آهي.

دوست جي سگريٽ_ ماندڙيءَ وٽ بيهي ٿو،کيڪاريندي پاڪر پائيس ٿودوست.

”ڪٿي ٿو رهين صاحب!؟يونيورسٽي وين تہ ويندين ڪاڻ، سنگت ساٿي کي منهن ڏيکاريو آهي“!

”بس اڪثر ڏوئڻ بہ وسري وڃين ٿو، ڏيکار ڇا ڪيان!؟“

”يونيورسٽي ۾ رهي ٽوٽا سکي ويو آهين“!

”وقت وڏو ”استاد“ آهي،ڪنهن کي پاپ ۽ پنج تہ ڪنهن کي ڪرب ۽ ڪردو سيکاري ٿو ڇڏي، ڇو جو زندگي اهو تلخ لفظ آهي، جنهن کي اچارڻ سان چپ بہ پاڻ ۾ نہ ملندا آهن“.

”يار ڇڏ انهن مايوسي جي ڳالهين کي ! لهي ويھ تہ چانھ گهرائي پيئون! ڇهن مهينن کان پوءِ مس مليو آهين ۽ اڄ تہ مان توکي منائي بہ ڪارائيندس“!

”ڇو ڪا خاص ڳالھ آهي ڇا!؟؟

”ها يار ايڏي وڏي خوشخبري آهي جو مونکي هاڻي پنهنجو جيون سڦل پيو لڳي،ڪالھ منهنجي گهر ڇئن نياڻن پنيان پُٽ پيدا ٿيو آهي“!

”اهو هڪ ڏينهن بہ ويچاري جو ڪٽي ويو، اهو هڪ قدم بہ پوڙهائپ ڏي وڌي ويس، جيئن هر شيءِ پوڙاهئپ ڏي ڊڪي ٿي“.

”يونيورسٽي تنهنجي دماغ ۾ علم نہ پر توتڙ ڀري ڇڏيا آهن.... ڇهن مهينن ڪان ظاهر نہ ٿيو آهين، ڳوٺ ڪڏهن پهتو آهين؟“
”شبير دنيا ۾ آئي تہ ٻاويهہ سال، ڇهہ مهينا ،چوڏهن ڏينهن ۽ چار ڪلاڪ ٿيا آهن پر ڳوٺ پهتي هفتو گذري ويو آهي“.
”لڳي ٿو تہ تون پاڻ ڪريڪ ٿي ويو آهين يا مونکي ڪرڻ گهرين ٿو، اڳي تہ ائين نہ هوندو هئين، ڪل مڪ هئين، توکي ڇا ٿيو آ سَلامَ“!
شبير يار! وقت مونکان ”ٺهڪ“ڪسي ورتا آهن، مون خوشين جا جهول ڀرڻ چاهيا ها پر وقت مونکي خالي ڪشڪول ڏنو،شبير!وقت ڪنهنجو ياءُ يا دوست ناهي“!!!
”سلام آخر توکي ڇا ٿيو آ!؟“ شبير ڇانهہ جو اڌ ڪوپ رکندي پڇيس ٿو،
”سلامُ، هاڻي ٺهڪ پروف ٿي ويو آهي،ها يار شبير !مونکان ڪلڻ وسري ويو آهي،وسري ويو آهي مونکان“!!!
”يار سلام ٻڌاءِ هاڻي منهنجي دل بہ صبر نہ پئي ڪري سگهي“.
”شبير منهنجو بابا جاني هاڻي هتي ناهي رهيو!! ۽ مان بدنصيب سندس آخري ديدار بہ نہ ڪري سگهيس“!!
”هان! ڪڏهن؟؟؟“ شبير چوءِڪندي پڇيس ٿو،
”هڪ هفتو اڳ.......منهنجون اکيون سندس نيڻ پسڻ بنا رهجي ويون“سلام سڏڪندي ڪيس ٻڌائس ٿو،“بابا جاني جو خلوص ۽ پيار مونکي هر موڙ تي ياد رهندو، مونکي ياد آهي اهو ڏينهن جڏهن بابا يونيورسٽي اسٽاپ تائين ڇڏڻ هليو هئو..........
پٽ سلام!مونکي افسوس آهي جو منهنجا هي هٿ تنهنجي سنئي اعلٰي تعليم جيترو پوڙهيو نہ ڪري سگهيا پر پوءِ بہ سمجهان ٿو تہ تنهنجي رستي جا پٿر ضرور ميڙيندا“.
”نہ بابا! ائين تہ نہ چئو!اڄ مونکي فخر آهي تہ هڪ هاري جو پٽ يونيورسٽي پڙهڻ وڃي ٿو“.
”ها پٽ! تنهنجي گاڏي هاڻي تيار آهي، ڏٺي نگهبان اٿئي،مونکي واپس بہ ورڻو آهي، ڇٽن ۾ گاهہ وڌي ويو آهي، اهو ڪيڏنو آهي.“ بابا چيو هو ۽ مونکان موڪلائي ڳوٺ ڏي موٽي ويو هو،مونکي بابا جي پورهيت هٿن ۽ دور انديش جهونڙين اکين جو قدر هو، مون پنهنجي ذهن ۽ وت آهر خوب محنت پئي ڪئي، جو بي.اي اڪنامڪس ۾ پوزيشن نہ سهي پر فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪئي هئم،ٽي سال گذري ويا پر مونکي خبر ئي نہ رهي تہ ڪتان منهنجي خرچ لاءِ پئسا ايندا هئا! ڪڏهن ڪار ٻہ چار ڏينهن پئسن ملڻ ۾ دير ٿيندي هئي تہ پئسن سان گڏ بابا جي چٺي بہ ايندي هئي، جنهن ۾ لکيل هوندو تہ، ”پٽ! ٻيهر دير نہ ٿيندي“!
ڪجهہ ڏينهن اڳ يونيورسٽي جي دوستن مجبور ڪري، پاڻ سان گڏ ٽوئر پروگرام تي وٺي ويا،۽ هتي بابا جي طبيعت بہ خراب ٿي وئي، منهنجو هڪ سوءِٽ مونکي اطلاع ڏيڻ هاسٽل تي آيو پر ڪيس ٻڌايو ويو تہ مان ٽوئر تي ويل هئس،هو پيغام رکي واپس هليو ويو.مان جيئن ئي ٻن ڏينهن بعد دوستن سان هاسٽل تي پهتس

تہ پرسان واري روم ۾ دوست منهنجي سوءٽ جو چڊيل پيغام ڏنو،ان وقت ئي ڳوٺ اچڻ جي تياري ڪري، گاڏي پڪڙيم پر ڳوٺ پهچڻ تي مونکي احساس ٿيو تہ مون کيڏي دير ڪري ڇڏي هئي،وقت آبشاري پاڻي جيان ڪيترو تڪڙو لڙهي ويو هو، منهنجو انتظار ڪندي ڪندي ، نيٺ تدفين ڪئي وئي، ڳوٺ پهتس تہ فقط ”رانياٽ“ ئي ٻڌا هئم ،”رانياٽ“ جن ۾ نج جاڻ ڪيتريون آسون، اميدون،خواهشون ۽ منزلون گم ٿي ويندين آهن ۽ مون بہ انهن ۾ پنهنجو مستقبل گم ڪري ڇڏيو،ها يار شبير! زندگيءَ جو محور فقط رانياٽ ئي آهن. جيڪي جمڻ کان مرڻ تائين،نصيب جي ڪتاب ۾ لکيل آهن.“ هو سڏڪي پيو، شبير ڪيس پاڪر ۾ پري دلجاءِ ڏيڻ لڳو.
”ڏس سلام! روئڻ سان پلا ڏورانهين ڏيهہ ويل موتي ايندا آهن؟ ڏس يار! زندگيءَ جي لفظي معنٰي ۽ مفهوم جڻ آهي ئي مشڪلاتن،سان جهيڙڻ، تون بہ دل وڏي ڪر“....
”شبير بابا جاني جو لکرايل هڪ خط اڄ صبح مونکي گهر مليو، جيڪو مون ڏانهن پوسٽ ٿيڻ کان رهجي ويو هو، خبر اٿئي، ان ۾ بابا ڇا لکرايو هو؟! بابا لکرايو هو،”پٽ سلام!ڪالهہ ٻنيءَ تي واهہ جي ڪاتي ڪٽندي، آءُ هيٺ زمين تي ڪري پيو هئس، مون محسوس ڪيو تہ هاڻي مان پوڙهو ٿي ويوي آهيان، منهنجي عضون ۾ وڏيڪ جهيڙڻ جو ست ناهي رهيو، مونکي اڄ اعتراف ڪرڻو ٿو پوي تہ مان پوڙهو ٿي ويو آهيان“.
”سلام يار! هي دنيا فاني آ، هت ڪير نہ رهڻو آ، واري واري سان اسان سيني کي هلڻو آهي.“ ”شبير ڪيس آٿت ڏيندي چيو، ٻنهي جي وچ ۾ خاموشي ڇانئجي وئي، شبير، سنگريٽن لاءِ آيل گراهڪ سان ڳالهائڻ لڳو.
”شبير! مان اڌ ڪلاڪ اندر موٽي ٿو اچان! اندر شهر ڏي ٿورو ڪم آهي!“ سلام اٿندي چوڻ لڳو.
”موتجان تڪڙو،شام جي لٽي واري ڇانهہ مون وٽ پئيجان“!
هو سگريٽ مانڊڙيءَ تان اٿي روڊ تي چڙهي، اڳتي وکون ڪٽندو ٽريفڪ_ هارون ٻڌاندو اڳتي نڪري ويو، اچانڪ هڪ ٽرڪ ڊرائيور اور ٽيڪ ڪندي رستي تان گذرندي ٻن گلرن کي چيپاٽي ڇڏيو، گلرن کي ڦتڪندي ڏسي هن کان رهيو نہ ويو، تڪڙو اچي ٽرڪ ڊرائيور کي هيٺ لاٿائين.
”انڌو تہ ناهين!ٻن ساهن کي چيپاٽي آيو آهين“!!
”ڪتا ئي تہ آهن، ڪهڙو ماڻهو آهي!؟ ٽرڪ ڊرائيو ورنايس.
” اڄ ڪتو چيپاٽڻ تي توکي ڪهل نہ آئي سڀاڻي ماڻهو لتارڻ تي ڪهڙو احساس ٿيندئي!؟“
”اڙي خوچ ڪتو ئي تہ ماريو اٿم، ڪهڙو پٺين کي چيپاٽي آيو آهيان!؟“ ٽرڪ ڊرائيور تارا ڦوٽاري ڏيڪاريس.
”وات کي لغام ڏي ڪتا!“ ڊرائيور کي چماٽ وهائي ڪڍي ٿو.
” ڪمبخت! مان توکي ڏسي وٺندس!“ ٽرڪ ڊرائيور نسوار سان پريل ٿڪ اڇليندي چيس.

ماٺهن جا انپوهه مڙي آيا ها، هو جذبات تي ڪابو رکڻ لاءِ ٽرڪ ڊرائيور کان هٽ ڪڍي، اڳتي نڪري آيو، هن کي احساس ٿيڻ لڳو ته هن کي ائين جذبات ۾ اچڻ نه گهربو هو پر گلرن جو ڦتڪڻ به هن کان ڏٺو نه هو ويو.

وڏندو هڪ دڪان تي چڙهي ويو، ڪجهه سامان وٺي مين چوڪ وٽ آيو، پريان پريس ڪلب هئي، جتان شهر جو آواز ملڪ تائين پهچندو هو.

هن چوڪ تي ٿهيل ٿاور ڏانهن نهاريو، جنهنجي پنيان سج آيل هو،هن کي ائين لڳو ڄڻ هن ڏينهن جو پوڙهو سج ٿاور جي لٺ ۾ هٿ وجهي آهستي آهستي هيٺ جهڪي رهيو هو.

هن هڪ نهار گل ڪپائيندڙ ان پوڙهي تي وڌي جيڪو پاڻ ”پراڻو“ پراڻو هوندي به تازا گل ڪپائي رهيو هو، هن کي پيءُ ياد اچي ويو، پرسان اچي پوڙهي کان گلن جا هار ورتائين، گلن جا هار وٺي هو موٽڻ لڳو، هن جي سامهون ساڳيو ٽرڪ ڊرائيور پناڻ بينو هو، هن کي گار ڏيندي پسٽول سان به فائر ڪري رش ۾ گم ٿي ويو.

هو ڍرڪندو وڃي روڊ تي ليٽيو، هن جي چوڌاري رت جي ڳاڙهاڻ وڌڻ لڳي، جنهن ۾ ڳاڙها گلاب جا گل به گم ٿي چڪا هئا.

هن اپ ۾ شفق ڏانهن نهاري، جتي به پوڙهي سج جي چوڌاري ڳاڙهاڻ ڇائنجي چڪي هئي.

# باسي گوشت

گهڙيال جا ٻہ ڪانٽا چار انگ تي بيٺل هئا ۽ هڪ ڪانٽو پنج انگ تي ڪاھ ڪري رهيو هو. گوشت مارڪيٽ ۽ ان جي چوڌاري ڪاري ڪانپارا جا ڪارا ڄڻَ ويٺل هئا. مارڪيٽ ڏي اچڻ لاءِ ٻہ رستا اتر ۽ اولھ ڪان آهن، ٻنهي رستن جي چوءِنڪ واري دڪان آڏو لڳل بلب جي روشنيءَ جي پهچ ڪان اڳتي منظر تي ڪارو برش گهميل هو، رولو ڪتن جو هڪ لشڪر اتي ڦريو پئي ، ڪنهن ڪنهن ويل ڪاري چادر ۾ گم تي تي ويو تہ ڪنهن ويل بلب جي روشنيءَ ۾ ڦِريوتي.

اوچتو اولهندي رستي ڪان ٽپ ٽپ جو آواز اڀريو. مفلر ۽ جرسي پاتل هڪ گوڏر همراھ هڪ ڏور ڪاهيو پئي آيو. هن جي پنيان ننڍڙوڇوڪرو اڪيون مهٽيندو ۽ ڪونهڻ ڪي لٽ هٽندو پئي آيو. دڪان اڳيان ٺهيل سيمينٽ جي دڪيءَ جي ڪُنڊي ۾ ڏور ڪي ٻڌي، دڪان کولي اندران ڇَلي ڪٽي آيو. ڇليءَ مان ڪاتي ڪڍي روهيءَ تي چيرڻ لڳو.

”اڙي ڇورا! ونگ ڪتي پيا آهن!؟“ ڪاوڙ مان ڇوڪر ڪان پڇيائين .

”واڙي جي ڪٻٽ ۾!؟“ ڇوڪري اوٻاسي ڏيندي وراڻيو.

جنهن تان اجا ننڊ جا ڪيپ نہ لٿا هئا.

لخ لعنت تي، هٽ بينو ڇاٽو ڪرين، وڃ ڪٽي آءُ نہ“....“

ڇوڪرو تڪڙو تڪڙو واپس واڙي ڏي ڊڪي تو،

”نياڳا آهن ٽٽڪ، لانتي ڪم بہ ڪن ۽ شابس بہ نہ ونن“.

ڇوڪري ڪي ويندو ڏسي ڪست مان ڇيائين.

ڇوڪرو ڊوڙندو وڃي وَنگ ڪٽي آيو. ڪتن بہ دڪان جو پاسو ورتو ۽ ڦيراٽيون پائڻ لڳا. ڪاسائي وَنگ ڪٽي ڏور جي آڏو وارين ڄنگهن ۾ ڦاسايو تہ اترئين رستي ڪان ڪنهن گاڏيءَ جي ڪڙڪي جو آواز آيو. ڪاسائي ٻيو ونگ هٿ ۾ ڪنيو هو پر هن جون نظرون ڪڙڪي ڏي ڪڄي ويون. ڇوڪرو جيڪو ٽڏ ۾ ڊوڙندو وَنگ ڪٽي آيو هو،تنهن ڪي سيءَ پنهنجو پوائنٽو مُنهن ڏيڪاريو هو، سو بہ ڪُبو ئي ڪُبو ڪنڌ ورائي ڪڙڪي ڏي نهارڻ لڳو، ڇوڪرو جيڪو لوئي اوڍي، اوڪڙو وينو پٽس ڪي ونگ هٽندي ڏسي رهيو هو، تنهن ڪي رستو اونداهون نظر آيو ۽ رستي تي ڪا بہ شيءِ نظر نہ آئي. اوچتو جَهڻِ جَهڻِ ڪندي، اَسي سال جي پوڙهيءَ جيان ڏڪندي هڪ ڊاٽسن اچي دڪان اڳيان بريڪ هنئي. بسڪوتي ڪلر جي ڊينٽن واريءَ ڊاٽسن مان بہ سبرات ماڻهو ٻاهر نڪتا، هڪڙي ڪي لوئيءَ جي ٻُڪر لڳل هئي ۽ ٻئي ڪي پوتڙو ڳچيءَ ۾ ڊاريل هوس ۽ ميريون قميصون ۽ انگوشا ٻڌل هئن، ٻئي ڳوناٽا تي لڳا. ڪاسائي ڊاٽسن جي جهنگلي واري باڊيءَ ۾ ڪو ڪنل ڏور ڏنو ۽ دل ئي دل ۾ سرهو ٿيڻ لڳو. ڪتا بہ ڪنهن ڏاڙيل حملي جيان گاڏيءَ ڪي وڪوڙي ويا. ڳوناٽي پنهنجو ٽڏو هٿ ڪاسائيءَ ڏي وڌايو، ڪاسائي بہ ڪاروباري مرڪ سان ڪيڪاريس.

”ڍور آندو آهي!“ ڳوناٽي ٿڌو ساهه کڻي چيو.
”جيئرو حلال ڪيو توَ يا مئل؟!“ ڪاسائي اکيون ڪَرڙيون ڪري پڇا ڪين .
”قسم سان جيئرو هو.“ لوئي واري وراڻيو، جنهن کي رت جا نشان اجا ڪپڙن تي هئا .
”ڇا ٿيو هوس!؟“ڪاسائي پڇا ڪين .
”پيٽ خراب ٿي پيو هوس، ڪاڏي کي نہ پئي وڃڙي، رات ليٽي جو پئي تہ حلال ڪيو مانس.“ لوئي واري تفصيل ٻڌايس .
”اڙي ڄُوت! پڇاڻ تو بيماري کهڙيءَ ورتس؟“ ڪاسائي جلاوت ٿيندي چيس.
”الائي! ڊاڪٽر چئي ويو هو تہ گهوگهو اٿس.“پوتڙي واري ڳوناٽي پوتڙي جي ڪنڊ آڱر مٿان چاڙهي اوجاڳيل اکين مان ڇپيون ڪڍندي چيو.
گهوگهي وارو گوشت تہ نہ ٿو هلي!“ ڪاسائي ڊاتسن ڏي ليئو پائيندي چيس
تنهنجا هٿ ڊگها آهن، هرويرو اسان کي رُلاءِنہ!“،پوتري واري گهرو ٿيندي چيس، جو ڪيس ڦڦڙيءَ ورتو هو تہ هتان نہ وني!
هي هڪڙو بينو آهي ۽ ٻيو وني پنهنجي مٿي ۾ ٽاڻڪو تہ نہ مڃائيندس.“ڪاسائي ڳوناٽن جو اونت لهڻ خاطر پڪائي ڪندي چيو.
نيٺ نهڻ واري ڳالهہ ڪر، سودو ناهہ ٻہ!“ لوئيءَ واري ڪُڇيو.
ٻيو تہ گوشت ٻہ پاڙوتو ٿي ويو آهي، هلندو ئي مشڪل سان!“ڪاسائي مينهن جي ڳلَ ۽ گوشت تہ هٿ ڦيريندي چيو.
ڳوناٽن ٻہ ڏٿئي مان ٻٽئي حاصل نہ ٿيندي حال حقيقت ڪيس تہ ٻيلي، نيٺ گهڻو ڏيندي!؟
”ٻہ هزار......؟“
”ٻہ هزار.....!!؟؟“ ٻئي ڳوناٽا آپي کان ٻاهر نڪري ويا. سندن سُڻي اکهہ وڪڻڻ وارا خيال ڇڙان پڙان ٿي ويا
ڏهن، ٻارهن هزارن جو ڍور آهي، وري ٻہ هزار ٿو چئين!؟“ لوئي واري پٽڪندي چيو.”وڌيڪ مون کي نہ ٿو کپي، جاڏي وٺيوَ تاڏي ڪيو، صبح جو پريان دڪان کلندوَ،انهن کي ڏجو.“ڪاسائي بند دڪانن ڏي هٿ کڻي چين.
لوئي واري ڳوناٽي انگوڇي جي لاڪ ٻڌندي چيس،”ڪُلئي ٻہ هزار، صفا پيٽهان جمي سٽ ٿي وينوآهين ڇا؟ ڪجهہ مڙئي ڪس ڪسر ڪاڻ“.
”هي ڍور ٻہ تہ بيمار آهي ، ٻہ هزار ٻہ سئو ۾ رات سنجهي جو ورتو آهي. هي ٻہ مرڻ تي آ.....! توهان وارو هلائيندس يا هن جي پچار ڪيان. ان لاءِ تہ ساجهر ڇوڙيو اٿم تہ ڪنهن کي بونءِ ٻاق ئي نہ پوي تہ حلال ڪري هلائي ڇڏيانس، ۽ مٿان وري توهان نهڪو ڪيو آهي. هڪ سئو وڌيڪ ڏيندو سانوَ، نہ تہ توهان جي مرضي، مون کي کپي ئي نٿو“.
”ڪنئي ڪپي نہ، ڳولي ليي نہ!“ ڳوناٽن نماڻائيءَ سان چيو. ڪاسائي پئسا ڏي ڪين فارغ ڪيو ۽ ڍور دڪيءَ تي رکرايو.
آذانون ملي رهيون هيون، گوشت مارڪيٽ جو هڪ ٻيو دڪان ٻہ کلي چڪو هئو.

”اڙي ڪتي جا پچ! تون هت بيٺو ڇا ٿو ڪرين؟ هن ڪونهڻ کي واپس واڙي ۾ بڌي اچ، مري ويو ته سياڻي هلائيندا سين ۽ پاڻين کي به اُٿاري اچ ته مونسان ٽيڪ ڪرائي.“ ڪاسائي پٽ کي رهڙ ڏيندي چيو.

ڪتا مسلسل تڪيو بيٺا هئا ۽ گوشت نه ڦٿوٽيندو ڏسي، بيچين ٿي ويا. پوئين هڪ ڪتي اڳئين کي چڪ وڌو ته اڳئين به پوئين تي رومڙ ڪري چَڪُ وڌو. ٻاڪر ڪٺو مڇڻ سان ڪتن ۾ ياڃ آيو ۽ گوشت مارڪيٽ مارڪيٽ خالي ڪري ويا .

هاڻي مارڪيٽ جا سڀ دڪان ڪلي چڪا هئا. سج پنهنجا تجلا ڪڍي اٿڻ لاءِ آرس پيچي رهيو هو، تيسين ڪاسائي ڊور کي ٻوڙي ٻوڙي ڪري چڪو هو.

# انڌيري رات ۾ صحرا جو سفر

”بابا ! مالهيءَ واري ڏاڪڻ ڪٿي آهي؟“ منهنجي نفسياتي مريض پٽ مونکان پڇيو ، جڏهن مان پنهنجي ننڍي نابين پٽ کي سندس سوالن جا جواب ڏئي رهيو هئس .
”چو پٽ ! تون ڏاڪڻ ڪهڙي ڪم ۾ آڻيندين ؟“!
”بابا ! منهنجي جي ڪمري جا جارا ڪليل آهن، اتان رات جي انڌيري ۾ ڪيئي ” ڪوئا “ ۽ ڪوئيون “ منهنجي ڪمري ۾ گهري اچن ٿا، ڪوئا ٽوڙ ڦوڙ ڪن ٿا ۽ رانديڪا ۽ شوپيس زيان ڪن ٿا ۽ ڪوئيون“ منهنجي بستري تي پيشاب ڪري وڃن ٿيون ، مان اهي جارا بند ڪندس، جيڪي ڪيترن ئي سالن کان ڪليل رهيا آهن“.
”پٽ ! منهنجي خيال ۾ ڏاڪڻ يوڪلپٽس جي ٻوٽن پرسان پئي هوندي!“ مان پنهنجي وڏي پٽ کي ان طرف موڪليان ٿو ته ننڍو نابين پٽ معصوميت مان پڇي ٿو ، ” ٻڌايو نه بابا ! سائو رنگ ڪيئن ٿيندو آهي ؟ “
هن جو سوال ڪندو ٻڌجي منهنجي زبان ۾ ٿنبجي پوي ٿو ۽ مان ڪو به جواب ڏيڻ کان لاچار ٿي وڃان ٿو.
اڄ ثناء کي وڇوڙي پورا ڏهه سال ٿيا آهن، اڄ سندس ڏهين ورسي آهي، مونکي زندگيءَ جون ڪجهه بهارون سات ڏيندڙ ۽ پوءِ اڪيلو ڪري ويل جيون ساٿي ثناء يونيورسٽيءَ جي شاگردي دور دوران نهايت ذهين شاگردياڻي هئي، منهنجو ساڻس رسمي تعارف الماس ڪرايو ، الماس منهنجي ڪلاس فيلو رحمان جي زال هئي. جلد ئي اهو رسمي تعارف دوستي ۽ پوءِ جيون جي پڪي رشتي ۾ تبديل ٿي ويو. وقت جا لمحا تيزيءَ سان ڦرندا ويا، الوداعي پارٽي ٿي وئي .سڀ ڪٿو ڪٿو ٿي ويا . رحمان به ميڊيڪل جي تعليم لاءِ نڪري ويو . وقت ڳاڏي رڙهندي رهي . مونکي به بينڪنگ ڪورٽ ۾ ريڊر جي نوڪري ملي وئي . ٻين جا ڪيس اڪلائيندي هڪ ڏينهن پنهنجي هڪ ڪيس ۾ ڦاسي پيس، ثناء جي ڊليوري ڪيس ۾، موتن جهڙو ڀهريتڙو پٽ ڄائو هو ، وقت ترڪندو اڳتي وڌي ويو ، پٽ جڏهن پنجن سالن جو ٿيو ته ثناء ۽ منهنجي پريشانين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو ، ڇو جو باوجود پنڌ ڪرڻ جي هو اڃا تائين ڪجهه به نه ڳالهائي رهيو هو ڪڏهن ڪڏهن باوجود اسان طرفان ڪلائڻ جي ، هو ماٺ ڪيو ويٺو هوندو هو. ڄڻ هو اتي موجود ئي نه هجي. هو نه ته روئڻو هو ۽ نه ڳالهائيندڙ . پوءِ ته اسان جي سوچ جا دائرا (disable persons ) ڏانهن ڪجي ويا . پر پوءِ اوچتو سوچن کي ٽوڙي موڙي ڪيس نفسياتي ڊاڪٽر ڏانهن کڻي وياسين . ڊاڪٽر جي استقباليه کان اڳواٽ ئي وقت وٺي ڇڏيو هو.جنهن جي ڪري انتظار بلڪل نه ڪرڻو پيو . اسان جيئن ئي ڊاڪٽر جي آفيس نما ڪلينڪ ۾ داخل ٿياسين ته اسان جي حيرت جي حد نه رهي، ڇو ته نفسياتي ڊاڪٽر ڪو ٻيو نه ، پر منهنجو پراڻو ڪلاس فيلو رحمان هئو . رحمان بلڪل به تبديل نه ٿيو هو . ساڳي گرمجوشيءَ ۽ سڪ سان ڀاڪر پائي مليو ۽ خوب ڪچهرون ڪيائين

ڪلينڪ ٽائيم کان پوءِ پنهنجي گهر وٺي ويو الماس پاپي تبديل ڏسڻ ۾ آئي تبديلي اها هئي جو اڳ ۾ اڪيلي هوندي هئي، هاڻ ٻن ٻارن سان گڏ هئي . اسان ٻه ڏينهن ٽي راتيون رحمان وٽ ترسياسين ، تيسين رحمان منهجي پٽ جو معائنو ڪندو رهيو ، آخري رات هاڻ مشڪيو ٿي ۽ ڊاڪٽر رحمان جي ننيڙن سان راند ٻه ڪيڏيو پئي ، ان رات رحمان مونکي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو.

”يار علي ! تنهنجو ننيڙو مون کي ڪلاسترو ڦوبيا جي نفسياتي مرض ۾ مبتلا ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ منهجي تجربي موجب پائرو ڦوبيا جا اثرات ٻه ٿي سگهن ٿا . ڪلاسٽرو ڦوبيا اهڙو مرض آهي ، جنهن ۾ مريضَ جڳهن ۽ عمارتن کان خوف محسوس ڪندو آهي ۽ پائرو ڦوبيا جو مريض باھ کان ڊڄندو آهي ۽ ممڪن آهي ته ننيڙو بلب ۽ سج جي تيز روشنيءَ کان خوف محسوس ڪري، ڪيس آٿت ڏيندو ڪر ۽ انهن شين جي ويجهو رکندو ڪر ، مونکي اميد آهي ته جيڪڏهن هن وقت کان ئي سندس تربيت ڪئي وجي ته هو بهتريءَطرف وڌي سگهي ٿو “.

صبح جو اسان رحمان جي گهران پنهنجي گهر آياسين ، گهر اچي مون موقعو ڏسي ثناء کي سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيو . ان ڏينهن کان هوءِ پريشان رهڻ لڳي . مون ڪيس آٿت ڏني پر هوءَ ايتري حساس هئي جو اهو مسئلو هن جي دل ۾ گهر ڪري ويو ، پر پوءِ ٻه هن مونکي محسوس ڪرڻ نه ڏنو . ننيڙي جي ڪمري کي رانديڪن ۽ شوپيسن ۽ خوبصورت تصويرن سان سجايو ويو . ننيڙو هاڻ ٿورو ٿورو ڳالهائڻ لڳو . ٻاتڙي ٻوليءَ ۾ ” امان _ ابا “ اچاري رهيو هو مان تمام خوش ٿيو هوس پر ثناء نه ڄاڻ مرڪ ڪنهن قلف لڳل پيتيءَ ۾ رکي چابي گم ڪري ڇڏي هئي . وقت گذرندو رهيو . اسان ڊاڪٽر رحمان کان ننيڙي جو معائنو ڪرائيندا رهياسين. هاڻي ثناء ٻه ٻئي ٻار جي اميد سان هئي مان ليڊي ڊاڪٽر جي ” ميٽرنٽي هوم “ ۾ موجود هئس، اتان رحمان جي گهر واري نمبر تي فون ڪئي، ڪجھ گهڙين ۾ پاپي الماس اچي پهتي، ليڊي ڊاڪٽر آپريشن جي صلاح ڏني، جڏهن ته مونکي آپريشن ڏکي لڳي رهي هئي ڇوجو مان ذهني طرح تيار نه هئس. رحمان ٻه پهچي ويو نيٺ پاپي الماس ۽ رحمان جي زور رکڻ ڪري مان راضي ٿي ويس، مان، رحمان ۽ پاپي الماس ٻاهر انتظار ڪري رهيا هئاسين ۽ ليڊي ڊاڪٽر اندر آپريشن ڪري رهي هئي.اچانڪ ڪوماٽل چهري سان ڊاڪٽرياڻي ٻاهر نڪتي منهنجي اکين سان اکيون ملائي نه سگهي، ڊاڪٽر رحمان کي ڏسي چيائين ” افسوس جو اسان ماءُ جي جان بچائي نه سگهياسين... ۽ شايد ننيڙو ٻه ” آءِ سائيٽ “ کان محروم هجي....“ رحمان مونکي ياڪر ۾ پري صوفي تي ويهاريو ، بس منهنجي اڳيان اونداهي ڇائنجي وئي . اونداهي جنهن جي رستي تي ڪٽي ڪو ٻه روشندان ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو.

ان ڏينهن ثناء جي ڏهين ورسي هئي ، مان ڪورٽ ٻه نه ويو هئس ، ڇو جو مان اهو ڏينهن هر سال پنهنجن پٽن سان گڏجي گذاريندو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن رحمان ۽ پاپي

الماس ٻه اسان جي دلجوئيءَ لاءِ اچي ڪنا ٿيندا آهن . ان ڏينهن جي اخبار جو معائنو ڪري رهيو هئس.
”بابا ! توهان وينا آهيو نه ؟!“ مونکان منهنجي ڏهن سالن جي اکين کان معذور پٽ پڇيو.
”ها پٽ! تنهنجي پرسان ئي وينو آهيان“!
”بابا! سائو رنگ ڪيئن ٿيندو آهي ؟“!
منهنجي اکين مان لڙڪ لڙندا اچي تريءَ تي ڪريا ۽ هٿ جي لڪيرن ۾ جذب ٿي ويا .
ڪاش ! تون ڏسي سگهين ها پٽ ! هي سر سبز ۽ سائي دنيا ! جيڪا اکين وارن لاءِ ته ڦولاري بيني آهي تنهنجي لاءِ انڌيري رات ۾ صحرا جو سفر آهي ! ڪاش! پٽ ، تون اکين سان هي سائي دنيا ڏسي سگهين ها!
”بابا ! توهان چپ چو آهيو؟ ٻڌايو نه ، سائو رنگ ڪيئن ٿيندو آهي !؟ “
”چو پٽ ! تون پڇي ڇا ڪندين ؟“!
”بابا ! ڪجھ ڏينهن اڳ شائستا پنهجي پيءُ چاچا رحمان کي چيو پئي ته هوءَ هن عيد تي سائي رنگ جا ڪپڙا خريد ڪندي ! مون کي ته خبر ناهي ، سائو رنگ ڪيئن ٿيندو آهي ؟ “ !
”پٽ ....... ! هي جيڪا دنيا آهي نه سا رنگين آهي جتي اکين وارن لاءِ رنگ برنگي نظارا آهن ۽ “........
”بابا ! مالهيءَ واري ڏاڪڻ ڪٿي آهي ؟ “!
منهنجي نفسياتي مريض پٽ مونکان پڇيو، جڏهن مان پنهنجي نندي نابين پٽ کي سندس سوالن جا جواب ڏئي رهيو هئس .
”چو پٽ ! تون ڏاڪڻ ڪهڙي ڪم آڻيندي؟ “!
”بابا منهنجي ڪمري جا جارا ڪليل آهن ، اتان رات جي انڌيري ۾ ڪيئي ” ڪوئا “ ڪوئيون منهنجي ڪمري ۾ گهري اچن ٿا . ڪوئا ٽوڙ ڦوڙ ڪن ٿا ۽ ڪوئيون بستري تي پيشاب ڪري وڃن ٿيون . مان اهي جارا بند ڪندس ، جيڪي ڪيترن ئي سالن کان ڪليل رهيا آهن “ .
”پٽ ! منهنجي خيال ۾ ڏاڪڻ يوڪلپٽس جي ٻوٽن پرسان پئي هوندي “ مان پنهنجي وڏي پٽ کي ان طرف موڪليان ٿو ته ننڍو نابين پٽ معصوميت مان پڇي ٿو، ” ٻڌايو نه بابا سائو رنگ ڪيئن ٿيندو آهي ؟ ! “ هن جو سوال ڪندو ٻڌجي منهنجي زبان ۾ ٿنبجي پوي ٿو ۽ مان ڪو به جواب ڏيڻ کان لاچار ٿي وڃان ٿو.
”بابا ! ڇا توهان به سائو رنگ ناهي ڏٺو ؟ ! “ ننڍڙي جي معصوم سوال مون کي ائين ڦٿي وڌو ، جيئن جنگ ۾ ڪو زهريلو تير جنگجوءَ کي ڦٿي وجهي .
”پٽ ! هن دنيا ۾ رنگ آهن ، هر شيءِ کي پنهنجو پنهنجو رنگ آهي ، وڻن کي سائو رنگ هوندو آهي ۽ جيڪو اناج کائيندا آهيون ، ان جو فصل به سائو ٿيندو آهي ۽ ان

رنگ جا ڪپڙا بہ پائبا آهن . “ پٽ کي سمجھائڻ لاءِ بي وزن دليل ڏيڻ لڳس ، پر سمجھيم تہ هو اڃا مطمئن نہ ٿيو هو.
”بابا !باغيچو تہ صفا اجڙي ويو آهي ، ڪنڊڻهار ، موتيو ، چنبيلي، رات راڻي ، رابيل ۽ يوڪلپٽس جھڙا قيمتي گل ۽ ٻوٽا سڙڻ تي آهن ! مالهي تہ صفا غير ذميوار آهي! بابا “ !! .....
” ها پٽ ! هن ” باغيچي “ جي نصيب ۾ ڪو لائق ” مالهي “ ڪونهي ، ڪو مالهي هن باغيچي جو پاڻي سڪائي ڇڏي ٿو، ڪو وقت تي گڏ ۽ ڇانگ نٿو ڪري تہ ڪو قيمتي ” گل ۽ ٻوٽا “ پٽرائي يا ساڙائي ڇڏي ٿو تہ وري ڪو مالهي ٻاهران بيڪار ۽ وڻ ويڙهي جھڙا نقصانڪار ٻوٽا پوکرائي ٿو ڇڏي ، ها پٽ ! هن باغيچي جي نصيب ۾ ڪو لائق مالهي ڪو نہ آيو آ“.
منهنجو وڏو پٽ ، جنهن کي ڏاڪڻ هٽ ۾ هئي ، سو پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃي ٿو، جنهن ڪمري ۾ هو ڪيترا سال تہ سمهندو نہ هو ! ڪيس پئو هو تہ ڪمري جي ڇت ڪري پوندي ۽ هو مدفون ٿي ويندو يا بلب تيز ٿي ويندو ۽ ڪمري کي باهہ وڪوڙي ويندي ڪيتريون ئي راتيون اهڙو خيال اچڻ تي ، هو ڪمري ڪان ٻاهر نڪري پڌر تي ستو هئو پر ساٿس گڏجي رهڻ ۽ دلجاءِ ڏيڻ ڪان پوءِ ئي سندس اعتماد بحال ٿيو پر باوجود ان جي هو اڄ تائين باورچي خاني ۾ نہ گھڙيو آهي .
”بابا! يلا چنڊ ڇا هي ۽ ڪاٿي هوندو آهي ! ؟ شائستا کي پنهنجي ماءُ چنڊ چوندي آهي .“ ننڍڙي نينگر سائي رنگ واري سوال کي ڇڏي ٻيو سوال پڇيو.
”پٽ ! چنڊ سج جو ننڍو ڀاءُ آهي ، صبح جو جڏهن ننڊ مان اٿندا آهيون تہ سج بہ ايري نڪرندو آهي ۽ روشني ڪندو آهي ، جيڪا اس سڏبي آهي ، پر چنڊ ان ويل ظاهر ٿيندو آهي ، جڏهن اسان سمهڻ وارا هوندا آهيون. چنڊ رات جو اچي روشني ڏيندو آهي . پٽ ! چنڊ سڄي ڌرتي جي سيني کي روشن ڪري ٿو پر تنهنجي معصوم اکين کي روشني نٿو ڏئي سگھي“ ......
”بابا ! شائستا ڪجھ ڪاغذ ڪٺي آئي هئي ، ٻڌايئين پئي تہ سندس فوٽو آهن ۽ بابا ..... هوءَ چئي رهي هئي تہ ڪاش ! مون کي اکيون هجن ها ۽ مان اهي فوٽو ڏسي سگھان ها ، پر بابا ..... مون هن کي چيو تہ هوءَ پنهنجو منهن منهنجي پرسان آڻي تہ مان بريل جيان هٿڙا گھمائي هن جو چهرو پنهنجي من ۾ اتاري ڇڏيان“.
منهنجي حسرتن جا ڳوڙها ٽمڻ لڳا . ڪاش ! ثناء تون ايترو جلد نہ وڇڙي وڃين ها ..... !
”بابا ! ڪمري جا سڀ جارا بند ڪري ڇڏيا اٿم ، هاڻي ڪوئا اندر اچي نہ سگھندا ، نہ ٽوڙ ڦوڙ ڪندا ۽ نہ ئي بستري تي پيشاب ۽ بابا ..... هاڻي باغيچي جو مالهي بہ مان پاڻ ٿيندس . “ منهنجو وڏو پٽ ڪمري کان ٻاهر نڪري اچي چيو ، ان وقت هو مون کي نفسياتي مريض نہ پر وڏو ” ڏاهو “ لڳو هو . پوءِ منهنجي نظر پنهنجي نابين پٽ تي پئي ، جيڪو شايد انڌيري رات ۾ صحرا جو سفر ڪري رهيو هو . ڳوڙها منهنجي اکين

مان وهندا هٿ جي ترئيءَ تي ڪريا ۽ لڪيرن ۾ گم ٿي ويا ، مون ٻنهي کي پاڪر ۾ پري ورتو.
”پٽ ! توهان معذور ناهيو ! معذور ته هي دنيا آهي ، جيڪا اکيون هوندي به ڪجھ نٿي ڏسي ! جيڪا سوچ هوندي به ڪجھ نٿي سوچي ! نابين ته هي دنيا آهي ! مريض ته هي معاشرو آهي ! ٻچڙا توهان معذور ناهيو“ !!! ....

# راتين جا رولاڪ

”مَ مَ.... مان آهيان شرفو !“
بيد مشڪ جي سڪل پنن تي ڪنهن جي هلڻ جو آواز ٻڌي نوروءَ گولي چيمبر ڪري اَشهد آڱر ٽرئگر تي رکي اٽڃاتل ڪڙڪي کي هَڪلَ ڪئي هُئي.
”مَ مَ.... مان آهيان شرفو !“ شرفوءَ گهٻرائجي چيو هو.
”ڳالهائين نہ ها تہ ريوالي سان لونڊڙيءَ ۾ ڪُڙٻ ڪريانءِ ها.“
نوروءَ آڪڙجي شرفوءَ کي چيو.
”هائو ڙي هائو ! تنهنجي بہ خبر آهي ! وخت (وقت) تي چونپل هٽ ايندي اٿئي؟“ شرفوءَ بہ آڪڙجي ورندي ڏنس.
”بس هاڻي گهڻي يخي نہ هڻ، هلي اچ!“
ڳوٺ جي پريرو اسان ڇهن ”شڪارين“ جو هي ڳڙهہ آهي، چوڌاري ڪجين جا جهت آهن، هڪ بيدمشڪ ڪان ڪجهہ گامون اڳتي باهڻ جو ڊگهو ۽ گهاٽو وڻ آهي، جنهن هينان اسان ڇهن شڪارين جو ڳڙهہ آهي ۽ اُتي هر روز گڏجڻ اسان جو معمول آهي. ڳوٺ ۽ جوءِ جا ماڻهو ان پڙَ تي اچن ئي ڪونہ، رات تہ ڇا پر ڏينهن جو بہ مجال آ جو اُتي ڪو پير رکي، ڇو جو سيني کي خبر آهي تہ باهڻ جي وڻ هينان ”موڏو فقير“ پوريل آهي. جنهن جي ڊيري واهہ ۾ لڙهي آئي هئي، ڪنهن ڪڏي اُتي پوري ڇڏيو هوس. ڪجهہ ماڻهن کي جو ديڄ مليا تہ ماڻهو ڪائين ڪال اُتان ٽپڻ لڳا. اسان شڪارين کي هٿيار تي ناز ! سو اسان اُتي گڏجڻ جو پروگرام ناهي ڇڏيو آهي پر مجال آ جو هٿيارن جا رانياٽ ٻڌي ڪڏهن موڏو فقير آڏو آيو هُجي !
”سلاماليڪم سنگت !“ شرفوءَ پڙ تي پير رکندي چيو.
”وعليڪم سلام، شرفو ڪٿي هئين!؟“ مون پڇيو مانس.
”يار خدن ! انهي اربوءَ ڊينگ رولي ڇڏيا آهن، پر سال گڏهہ گاڏي جي جوٽ ڏني اٿمانس، پئسن ڪاڻ آئونبنو ڪڏي بينو آهي، ڪڏهن ڊاڪ تي چڙهي آيو تہ آندا لوڙهي تي پيا هوندس“. شرفو توائيءَ مان ڪڇيو.
”تو بہ ان ٽنينگ نوني وال کي ڏنگو ڇاڪاڻ !؟“ مان بہ ٽوٽو هٽي ڪڍيومانس.
”مونسان عليڪ سليڪ هئس، اعتبار جهڙو هو، مان بہ سهولپ سمجهي ڏنو مانس.“
”مانا، تو ڪنئون بہ هڦيسٽڙو آهي نہ !؟“ منهنجي چوڻ تي سڀ ڪليا تہ شرفو ڳالهہ بدلائيندي مونکان پڇيو، ”يلا شآهو اجا نہ پڳو آهي ڇا؟“.
”بس نوروءَ ريوالو آندو آهي، الله بخش بندوق آندي آهي، بشوءَ کي ڪهاڙي آهي ۽ مونکي ساو ڪريل پستول..... باقي شاهو شآهينگ ڇاڻ لمندو آيو“.

”يار خدن ! مان ٻه ليسڻ جي ٻنالي بندوق وتي اٿمانءِ ! صفا شؤنڪ جي آهي، ايڙهي شيءِ نه ڏني هوندئي.“ شرف بندوق مون ڏانهن وڌائيندي چيو.

”هنمهل نگهه ٿينگو تي پوي !؟ جو توکي ٻڌايان ته ڪنڌاري شيءِ آندي اٿئي! باقي مان ٽيڪر ڪونه تو ڏيانءِ، جيڪا ٻه هوندي، مون واري پستول کان چگيرڙي هوندئي.“

پريان بيد مشڪ پرسان نُورو ۽ بَشو سگريٽن جا سوٽا هڻي رهيا هئا، باقي الله بخش ٻه سرڪي اچي اسان سان وينو.

”ڦٻياسي ته ٿن لڳندا، پر آهي زبري ذات جو ماڻهو!“.

شرفوءَ پنهنجي راءِ ڏني.

”زور جي آڏو زاري آ بابا!“ الله بخش ڪيس ورنايو.

”چچا ڳالهه آهي؟!“ مون ڪانئن پڇيو.

”الا بيڪَ، شڪار تاڙيو آهي، ڊنگ جي مُئي مالي آهي، چوي ٿو لانگ ورائي خواب وانگر ڪٽي ايندا سي پر مڙس آهي صفا ڳڪ، گيدوڙي جيان چنبڙيو ايندو، ٻُنيءَ تي ٻه حساب ونڻ وارو آهي“. شرفو مونکي تاڙين شڪار بابت ٻڌايو ”هيڏي ته اچيو پيٺهان! سگريٽن جون پاڙابن ئي پٽي ڇڏيون اٿوَ!“. شرفو، نوروءَ ۽ بشوءَ کي سڏ ڪندي چيو.

هو اجا ٻه گامون چريا مس ته بيد مشڪ جي سڪل پنن تي ڪنهن جي اچڻ جو آواز اڀريو، بشو کهاٽي ڪٽي جهتن جي اوٿ ويهي رهيو. نوروءَ ريوالور سڌو ڪندي پڇيو:

”کهڙو آهين؟!“

”شڪاري نمبر ڇهه !“ پريان آواز آيو.

”هلي آ شاهو، هلي آ.“ نوروءَ ريوالور ور ۾ هڻندي ڪيس چيو.

”ٻيو ڪير اٿئي؟!“ نوروءَ ٻه پاچا ڏسي شاهوءَ کان پڇيو.

”چاچو خانمند (خان محمد) آهي!“

”چاچا! تون هيڏي اينل پَٽَ تي ڪيئن.“ بشو نه سجاڻندي ٻه دڦ کي ياڪر وجهندي چيو. نورو، الله بخش، شرفو ۽ مان ٻه چاچي خان محمد سان ملياسين ۽ پوءِ سڀ گڏجي پڙَ تي گج مچ تي ويناسين.

چاچا خان محمد جيڪو هاٺي اُيرو ٿي ويو آهي، سندس جواني بهادري، دليري ۽ جرئت جي ڪري ڏور ڏور تائين مشهور آهي، شڪاري خيال جو ماڻهو هئو، سندس همت ۽ طاقت جي هاڪ اڄ ٻه هلي پئي، هن علائقي جا لونيا ۽ شڪاري اڄ ٻه سندس حاضري پريندا آهن، ڪيس ٻه يائر هئا، جان محمد ۽ ڏٽي بخش. جان محمد شهر جي زميندار مُکي مل جو ڪمدار هوندو هو. اسان جو ڳوٺ علائقي ۾ چاچي خان محمد جي ڪري مشهور آهي، چاچا خان محمد جي هڪل اهڙي ڊهوندي هئي جو چگا ڀلا ٻه

سٺ سهي نہ سگهندا هئا، اڄ بہ ڪيس ساڳي ڪرڙائي آهي پر اها جوڀن واري طاقت نہ رهي اٿس.

”چاچا ! اسان جي غريب خانن تي ڪيئن ڪرم ٿيو آ!“

شرفو ڪجهہ لمحن جي چانيل خاموشي کي ٽوڙيندي چيو.

”شاهوءَ گهرڪ ٻاري ڏني هئي تہ اسان لاٽ ڪوٽ سان بہ ڪڏهن رهاڻ ڪيو، سو اڄ گهٽيءَ ۾ ملي ويو مانس، زوريءَ گهلي آيو آ.“

چاچا وراڻيو:

”چاچا ! لڪين لائق قرب اسان تي“. مون چاچا جي دل رکڻ لاءِ چيو.

”ڪو سُڃهندي جو بہ ٽڪو پنجو ڪيو ٿو يا دڦ تي سڃاڻٽو پوندو؟“

”چاچا .! اسان جو سڃهندي سان ناهہ تہ ڪونهي، پر چار پنج منهن (ميڻ) بتيون منهنجي ڪيسي ۾ پيون آهن. باڪس تہ هونئن ئي اسان موالين وٽ هوندو آهي.“ بشوءَ ڪهاڙي هيٺ رکي ڪيسي ۾ هٿ هڻندي چيو.

”ماشا مولا اَبا ! اسان کي مڙئي سڃهندو ڪپي !“ چاچا کلي چيو.

”پٽ شرفو ! ڏيو ڪي احوال، ڦبيا ٻبيا بہ آهيو يا نلها سڙڻ وارا جهتا تا هلن......

ناني ماسي جي ڪڪڙ ۽ آنا، پاڙي اوڙي جا پَلَ ۽ گنديون ۽ ڪراڙين سراڙين جو صندوقان!“

”چاچا ! نئين پونگ جا وڪڙ نتي ڏنا ! ياڳيو جاڳيو، صبوح تي مالڪ ان جا ازبا (عضوا) پيا ميڙيندا آهن. شرفوءَ وراڻيو.

”ها ابا! اڄ تہ ڪليشنون، ريوالا ۽ بندوقان عام جام تي ويون ـآهن، نڪمٽا نڪمٽا بہ بُنديل بٹائي چڏيا اٿن، اڳي ائين نہ هوندو هو. بہ پٽي لٺ جي لاپڙ هوندي هئي، ها هو هڙ تي ڏڪ هڻبو هو، باقي اڄ وانگي گولين سان گيچڻ ڪونہ ڪبو هو.... اَبا! بهادري بہ اڳي هئي، هاڻ تہ تا هٿيار وڙهن!“

”ڏاچا ! هاڻي ڳلاهہ ڪوٺي بہ اٿوَ تہ مڙئي ڪجهہ الله جي ڏني مان ٻڌايو!“ مون چاچا خان محمد کي ڇيڙڻ چاهيو.

”خدن ! مڙئي هنن سيني ۾ تنهنجي ٻوٽ جو غوست (گوشت) ڪنئرو آ.“ چاچا منهنجي مُنهن تي پوندڙ شعاع ڏسندي چيو.

”چاچا ! تنهنجي مُنهن بہ ڪلراني قاتل زمين جهڙو ٿو لڳي.“ مون بہ چاچا خان محمد جي گهنجيل مُنهن ۾ ڏسندي چيو.

”هائو خدن هائو ! ڏند ڪائي چپن کي لڳو آهيان، هاڻي گرتي ختم آهي، پڪي ماني بہ يا نصيب، رڏل پاچي بہ يا نصيب!.

”چاچا ! توهان ڳالهہ پئي ڪئي پنهنجي د ير جي !“ شاهو سگريٽن جي پاڪيٽ مان سگريٽ ڪيندي چاچا کي ياد ڏياريو.

ميڻ بتيءَ جي ڏيمي روشنيءَ چاچا خان محمد جي گهنجيل مُنهن ۾ سونڊ جو اهڃاڻ ڏيکاريو، شايد سانير جو سڳو تي جوڙيائين.

”مان ۽ مهرل ٻہ ڄڻا هوندا هئاسون، پوءِ شڪار تي ٿورو گهڻو اٿياسي، پر پنهنجي جُوءِ اسان لاءِ حرام هئي، ٻہ ٻيا ڄڻا بہ اسان سان ملي ويا، سو هڪ ڏينهن شڪارپور وڃي نڪتاسين، اُتي هڪ ڪارخاني جي ٽجوڙيءَ جو ڏس هو، رات جو ٽجوڙيءَ وٽ تہ پهتاسين پر ٽجوڙيءَ کي تالو هجي تمام وڏو، سيني وس ڪيا، ٽوڙي نہ سگهيا، مان جڏهبن بہ جوش ۾ ايندو هئس تہ تيز رڙ ڪندو هئس جو چڱا ڀلا جوان ڍهلجي ويندا هئا. سو مونکي ٽجوڙي ٽوڙڻ لاءِ چين، مان جوش ۾ اچي زور ڏنو، تالو تہ ٽٽي پيو، پر منهنجيءَ رڙ تي مالڪ اُتي پيا، مون وارا سنگتي ڪسڪي ويا ۽ مان گهيرجي ويس، پر هجوم ۾ ڪٽي آ چور؟ ڪٽي آ؟ پڪڙيوس ! چوندي ڪاهي پيس ۽ ٻاهر نڪري آيس، ٻاهر اچي سنگتين جي ڇپ تي لت ڏئي سندن پتاپتو ظاهر ڪيم.

ٻئي رات شڪارپور مان موٽي اچي رهيا هئاسين تہ هڪ هنڌ شادي هجي ۽ راڳ هلي رهيو هو، ڄاڃي راڳ ۾ مست هجن اسان بہ اچي پاسو ورتو، راڳ هليو پئي تہ ڪيوڙي جي نگهہ پريان ٻڌل ٻن ڏاندن تي پئي، هن مونکي چيو تہ ”خان محمد ! ڏاند ڪاهڻا آهن!“ مان چيو مانس تہ:

”هل چوڙ ! مان هنن سان مُنهن ڏيان ٿو“.

هو ٽئي ڏاند چوڙي هليا مس تہ ڄاڃين اک پٽي، مان بہ ـ پٽي لٺ بہ دفعا جو ڏرتيءَ تي وهائي ڪڍي تہ ڪو بہ اڳتي نہ آيو، هڪڙو جوانڙو ٻاهر نڪرڻ تي هو، ان کي لاپڙ جو لڳي تہ ڇنگهان نڪري ويس ۽ اسان نڪري آياسين.....“

”چاچا تنهنجي بہ تہ گهوڙي ڪاهجي وئي هئي نہ، اِها بہ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ!“ الله بخش وچ ۾ سوال ڪيس.

”بروبر الا بيڪ! منهنجو هڪڙو پناڻ دوست هئو، مون وٽ ترسندو هئو. ماني تکي ڪارائيندو هيومانس، هڪ دفعي رات ٽڪيو ۽ منهنجي پاليل گهوڙي ڪاهي ويو، چوندا آهن ”ان جو مُنهن جنڊ ڏي“ سو پناڻ جي جوءِ بہ شڪارپور هئي، مان بہ اُتي پهتس ۽ هڪ دوست سان سارو احوال ڪيم ۽ هن ڪان ايترا ماڻهو گهريم، جيترا ان وقت شڪارپور مان رستا نڪرندا هئا. هن ڪان ايترا ماڻهو گهريم، جيترا ان وقت شڪارپور مان رستا نڪرندا هئا. هاڻي تہ شڪارپور گونا گون تي وئي آهي، سو قدرت خداءِ جي جنهن رستي تي مان بينو هئم. ڏنم تہ ٻيلي همراهہ گهوڙيءَ تي اچي پيو. اڳ وني، گهوڙيءَ تان لاهي، ٻہ دفعا جو پَٽَ تي هنيومانس تہ ناسن مان بہ رت وهڻ لڳس، منٿون ڪري جان ڇڏرايائين....“. چاچا خان محمد خاموشيءَ سان ڪيترائي لمها نوروءَ کي سگريٽن جي ڪش هڻندي ڏسندو رهيو، پوءِ وري چيائين ”..... ٻاهر هٽ پيير هٽجي پر پنهنجي قلعي کي بہ پختو رکجي، اسانجي ٻنيءَ ۾ هڪ ڪجي هئي، منن ڏوڏن جي ڪري ”منڻ ڪجي“ نالو پيس، هڪ رات کي همراهہ ڏوڏن جا چنگا ڪٽڻ آيا، مونکي بہ ڪڙڪ پئجي وئي. ڪجي پاٽيءَ جي واهہ مٿان بينل هئي، هڪ همراهہ مس پس ۾ اتان ڪٽي واهہ ۾ ٽپ ڏنو، هيٺيون همراهہ هن جي ڪلهي تي چنبڙي پيو، هيڊيون همراهہ

توائيءَ ۾ هلندو رهيو، جڏهن پاڻيءَ ڪان ٻاهر نڪتو تہ سڏ پيس تہ مٿان بہ ڪو چڙهيل هُئس“.

بشام ! هي مُنهن (ميڻ) بتي تہ وئي پوري ٿي، ٻي ڪا ٻاري وٺ!“ چاچا وسامندڙ ميڻ بتيءَ ڪي ڏسندي بشوءَ کي چيو.

”خدن ! ٽيم گهڻو ٿيو آهي !“ نوروءَ دونهين جو ڦوڪٽ ڪيندي مونکان پڇيو.

”رات جا ٻارنهن ٿيا آهن!“ مون واچ واري ٻانهن ميڻ بتيءَ جي ويجهو آڻيندي، ڏسي وقت ٻڌايو.

”رات جا ٻارنهن.....!“ چاچا خان محمد چپن ۾ پٽڪيو. اسان سڀ چاچا ڏانهن متوجهہ ٿياسين، نورو جيڪو سگريٽن جو خالي ڪوڪو ميڻ بتيءَ جي شعلي ۾ ساڙي رهيو هئو، سو بہ چاچا ڪي گهورڻ لڳو، چاچا ڳالهايو:

”مائي ڪلاڪ جيڪا ٺيڪ رات جو ٻارنهين وڳي مرداڻا ڪپڙا پهري اڪيلي اڪيلي شڪار لاءِ نڪرندي هئي. ڪيس ٻيا بہ شڪاري گڏبا هُئا، پر اها سُڌ ڪنهن کي بہ نہ هئي تہ اِهو اڪيلو شڪاري ڪا عورت آهي. ڪيس بهادري ڏڳن جا ڏڳ هئي. هڪ رت هوءَ شڪار ڪيون پئي آئي تہ بہ مرد شڪاري گڏيس، جن سامان جي گهر ڪيس، سامان هيٺ لاهي چيائين، ”جيڪڏهن تنها مَئون ڪو ڪٽي سگهي تہ پلي ڪٽي وجو، جيڪڏهن مان ڪٽي ويس تہ منهنجو آهي“. ٻنهي جوانن وس ڪيا پر ڏهہ گامون بہ ڪٽي وجي نہ سگهيا ۽ مائي ڪلال ٻئي هٿ قابو وجهي، مٿي تي اچل ڏني ۽ پنتي لؤٹو بہ نہ هنيو.“

”چاچا ! تڏهن اڄڪلهہ جا فنڪار ۽ اداڪار چوندا آهن تہ، ”آهي ڪو مائي ڪلال جو پُٽ تہ سامهون اچي.“ مون پڇيو.

”انهن فن خارن، ٻن خارن جي پاڻ کي خبر ڪونهي، باقي پائو جان محمد ڪجهہ وخت ڪان پوءِ پاڻ ئي چيو هيئين، ”خان محمد ! سرائي صاحبڏنو آيو آهي، چئي ٿو تہ خان محمد کي چئو تہ منهنجي جاڳهہ تان قبضو هٽائي ڏي“. پائو جان محمد بہ ايلاز ڪيا سو سرائيءَ کي چيم تون سِرون لهراءِ ! سياڻي مان تنهنجو مهمان آهيان. ٻئي ڏينهن رازي کي ڪم شروع ڪرڻ جو چيم، ڪم هلندي مخالف ذر وارا آيا، هڪل ڪري ڏنڊو زمين تي هنيم تہ سڀ پڇي ويا ۽ هڪڙو ڪوني تان بہ ڪري پيو“.

ڳالهہ ڪندي ڪندي چاچا جو سمورو جسم جوش ۾ لڏڻ ،لڳو، ڪن جهون پاپڙيون ميڻ پتيءَ جي جهڪي روشنيءَ باوجود بہ ڳاڙهيون ٿيل نظر آيون، ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ چاچا اڄهو هاڻي ڏنڊو هنيو آهي ۽ سڀ ڪجهہ هن مهل ٿي رهيو آهي پر ڪجهہ ساعتن ۾ ناپر اچي وئي ۽ چاچا وري سلسلو شروع ڪيو.

”........ پائو جان محمد مکي مل جو ڪمدار هيو، هڪ ڏينهمن مکي مل آيو ۽ پائو جان محمد کي چيئين، ”منهنجي مگ جي شادي ٻئي هنڌ ٿي رهي آهي سو قرب ڪر خانڻ کي چؤ تہ وڃي منهنجي مگ مونکي وني آڻي ڏي“. پائو مون وٽ آيو ۽ چيئين، ”خان محمد ! مکي مل آيو آهي، چوي ٿو تہ سندس مگ جي ٻئي هنڌ شادي ٿي

رهي آهي، خان جو سالن ڪانئڙڪي رهيو هيس، سوچيو مانس، ”اها شامت به اچي ڪڙڪي ! مان ڪو نيڪو ته نه ڪنيو آهي ماڻهن جا ڪم ڪرڻ جو“. پائو جان محمد ڪجهه نه ڪ چيو، نيٺ منٿون ڪري راضي ڪيائين، پوءِ گهوڙيءَ تي چڙهي ان ڳوٺ ڏي ويس ۽ گهوڙي ڳوٺ ٻاهران ٻڌي، برقعو پائي ڪنوار جي ڪمري ۾ داخل ٿيس. ڪجهه مائن جي ٻاهر وڃڻ ڪانپوءِ ڪنوار کي ڪن ۾ چيم، ”مکي مل موڪليو آهي!““ ڪنوار ٻهانو ناهي مون پنيان هلي آئي، کيس گهوڙي تي چاڙهي ڳوٺ وٺجي آيس ته مکي مل جي گف پئي اڙهي، ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو“.

”بشام! منهنجي ٻتي ويچاري سورن ۾ ڳڪري وئي، ڪا ٻچي سچي آهي ته ٻاري وٺ، تيستائين مان هلڪو ٿي اچان“.

”چاچا اُٿي وڃڻ لڳو ته نوروءَ چيس، ”چاچا ! جهنگ جو خيال ڪرڻو اٿئي ته اٿني ئي وٽ پاسي ۾ ويهي رهه!“.

”شڪار جو ڇا خيال آهي!؟“ الله بخش شرفوءَ کي ڪن ۾ چيو.

”نورو! بشو ! شاهو ! ۽ خدن ! الله بخش شڪار تاڙيو آهي پوءِ ڇا خيال آهي!؟؟؟“ شرفو سينن ڪي چيو.

”ايڙهي گٿل گولي هٽجئي جو لونڊڙي منئون زونڪٽ ڪندي ٽپي وجئي..... هيڙهي شؤنڪ جي ميفل (محفل) ڇڏي هلئون.“

نوروءَ منهن ڦُنجهو ڪندي شرفوءَ کي چيو.

”توکي اڃا ٿونڪر نه آئي آهي جو خالي پيلي ٿو ٻڪين“. شرفو به ٻڙڪندڙ اک ڏيکاريس.

”ٿهان ٻنهي کي تاڏيون ڏيڻ جي پڻ پيل آهي“. شاهو ڪڙڪڙي انداز ۾ راءِ ڏني،”

”شڪار جو ٽيم ته آهي يارو ! پر چاچا خاٻن محمد به اسان جي ڪري اوجاڳو ڪيو آهي، سو اها تاڙ پختي ڪيو، وري ڪڏهن هيبو لالا هيبو“ ڪنداسين..... پر غيرت ڪيو ته اربوءَ سان به پاڙي ڪرڻ گهرجي. ان جي رڏي لاهڻي پوندي نه ته سياڻي ڳچيءَ ۾ پوندو،“ شرفوءَ به ڳالهايو.

پريان چاچا خان محمد جي ڪنگڻ جو آواز آيو ته چپ چانئجي وئي، جڻ ڪنهن لفظن جي ميس ماري ڇڏي هجي، يا ڪنهن سيني وينلنج جي زبانن کي ٻاهر ڪڍي ڪيل ٽپائي ڇڏيا هُجن.

”جواني ڪان وٺي رات جي وخت هلڪو ٿيڻ جي عادت آئهي سا اڃا آهي“. چاچا بيهر ڪچهري ۾ ويهندي چيو“.

”چاچا! چاچي حليمه جو پي ته قصو ٻڌاءِ..... اڏوگابري خبر آهي، مزو اچي ويندو! “. بشو ميڻ بتيءَ جي شعلي سان ڪُشت ڪندي چيو. چاچا خان محمد ڦاٽندڙ ڦوڪڻي جيان سُسي ويو، مُنهن جي مُرڪ غائب ٿي وليس، گُهنجيل ڇهرو وٺيل نوڙيءَ جيان

کهرو ٿي ويس، بيد مُشڪ جي سُڪل پنن جيان مُنهن ڪري بشوءَ کي ڏنائين، پوءِ وچڙيل واڻ جيان وچڙيل سوچن مان مُنهن ڪڍي چيائي:

”حليمہ !!!، چڱو پوءِ پلا منڊَ ڪان ٿو ٻُڌايانوَ“.

سيني ڪورس واري انداز ۾ چيوسين، ”بسم الله!“.

”ٻهاري ڏيندي حليمہ پنهنجي چاچي کي سرهو ڏنو ، جيڪو سندس سهرو بہ هو، چو جو ان رات سندس ڌيءَ جي شادي ٿي چُڪي هُئي، جيڪا حليمہ جي پاءُ جي مڱيندي هُئي. سندس چاچي ڪيسي مان پنج روپيہ ڪڍي. حليمہ جي پاءُ کي چيو:” “وچ ۾ پيڻ کي موڙو ڪري ڏي!“.

حليمہ جوش ۾ اچي چاچهنس کي چيو، ”چاچا تون اهو سَهي نٿو ڪرين، هڪ تہ منهنجي پاءُجي مڱ ٻي کي پرڻائي ڏنئي، وري پنج روپيہ ٿو ڏينس تہ پيڻ ڪري موڙو ڏيس، تون جي ان ڳالهہ ۾ راضي آهين تہ ڪن ڪولي ٻڌ تہ اڄ کان پوءِ تنهنجو پٽ بہ منهنجو پاءُ اٿئي!!“.

ٻئي ڏينهن حليمہ پاڙي جي هڪ سيد سان نڪري آئي، ان حليمہ مون وٽ سام رکي. جڏهن حليمہ جي چاچي اهڙو اطلاع وڏيري گل بيگ کي ڏنو تہ هن هڪدم مون ڏي ٻانهن واپس ڪرڻ جو چوائي موڪليو، گهڻو زور پوڻ تي مون ح:يمہ کي ناڙي بلوچستان جي سردار نياز وٽ سام رکيو پر وڏيري گل بيگ جي زور رکڻ ڪري سردار نياز ٻانهن واپس ڪرڻ چاهي تہ حليمہ سردار نياز کي چيو: ”سردار نياز خان ! ٻانهن واپس ڪري پنهنجو نانءُ نہ لڄاءِ!! توڪان پلو هئو تہ مان مکي مل وٽ سام پوان ها، پورو شهر اونڌو ٿئيها تہ بس واپس نہ ڪري ها“.

نياز خان چيس: ”مائي ! تون هي دفعو وڃ، جو مونکي مجبور ڪيو ويو آهي“.

تڏهن حليمہ توائيءَ مان چيو هئس. ”تون چا ٿو سمجهين تہ مان ڪا پاڄوڪڙ آهيان جو وري وري تو وٽ ايندس!“.

”..... تہ چا پوءِ سردار نياز حليمہ واپس موٽائي ڏني!“.

بشو هوا جي جهوٽي ۾ وساٽل ميڻ بتي ٻاريندي پڇيو.

”ها سردار نياز حليمہ کي سندس چاچهنس حوالي ڪيو، چاچهنس زوري ڪيس ٻئي هنڌ پرڻائي ڇڏيو. تنهن بعد منهنجيون ننڊون ڦٽي ويون، لنئون جي لٽ لڳي چئي هُئي، جنهن منهنجي زندگي کي بدلائي ڇڏيو. اسماعيل کي گهرائي چيم، ”يار اسماعيل ! مان صفا بيحال ٿي پيو آهيان، بس مران ٿو، حليمہ ڏاڍو ياد ٿي اچي. جي قرب ڪرين تہ ڳولهي اچ، نہ تہ هتي مان وڃانءِ ٿو“.

اسماعيل جيڪو منهنجو دوست هو، رنگ جو مشڪي، سو ڇڄ وڪڻڻ بهاني ڳوٺ ڳوٺ ڦرڻ لڳو. هڪ ڏينهن هڪ ڳوٺ ۾ هوڪا ٻڌي حليمہ در تي هلي آئي، چو جو هن اسماعيل جو آواز سڃاڻي ورتو هو ۽ اسماعيل کي چيائين، ”خبر ڏي ادا اسماعيل ڪيئن آيو آهين؟“

”خان محمد موڪليو آهي!“ اسماعيل ورندي ڏني هئس.

”پوءِ ڳالهہ ٻڌ ! منهنجو مڙس ۽ ڏير وڏا رهزن آهن، مان رات جي پوئين پهر جنڊي پيهندي آهيان، تون، خان محمد ۽ مهرل ٻہ گهوڙا ڪاهي اچو، مان تيار رهنديس“.
حليمہ اسماعيل ڪان هڪ ڇڄ وٺي واپس موٽي وئي.
رات جي پوئين پهر اسان جا گهوڙا ان ڪوٽ نما گهر جي پاسي ۾ اچي بيٺا، اسماعيل پٽ ٽپي حليمہ وٽ پهتو ۽ جنڊ پيهڻ شروع ڪيائين. حليمہ ڪٽ جي سهاري پٽ ٽپي مون سان ملي ۽ اسان گهوڙا هڪليندا نڪري آياسين. صبح جا ڪرٽا نڪرڻ کان اڳ اسماعيل جنڊ ڪان هٿ ڪڍي ٻاهر نڪري آيو. جنڊ جو آواز بند ٿيندي ئي ٻئي پائر ٻاهر نڪتا تہ حليمہ موجود نہ هُئي.
مان باوجود حليمہ جي روڪڻ جي وري بہ سردار نياز وٽ پهتس. وڏيري گل بيگٽ کي جڏهن اها خبر ملي تہ هن خطن مٿان خط لکي سردار نياز کي ٻانهن موٽائي ڏيڻ جو چيو: پر هن دفعي سردار نياز پڙ ڪڍي بيٺو ۽ صاف صاف انڪار ڪندي وڏيري گل بيگ ڏي چوائي موڪليائين تہ ”جي خون بها گهرين تہ توکي ڏيون، جي ٽڪا گهرين تہ توکي ڏيون. باقي ٻانهن نہ ملندئي“.
تنهن بعد مان ۽ حليمہ سڪون جي زندگيءَ جو آغاز ڪيو“. چاچا ٿڌو ڇوڪارو ڀري پنهنجي ڪهاڻي ختم ڪئي.
”واهہ چاچا واهہ! اهنج ڏنئي پر پيار ماڻيئي!“ شاهو ڏکهي خاموشيءَ ڪانپوءِ ڳالهايو. چاچا خان محمد جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي سندس گهنجيل چهري مان آبشار جيان ترڪي رهيا هُئا.
”مان توهانجي هڪ رات ڪوٺي ڪري وڏي نہ !“.
چاچا ڳوڙها اگهندي چيو.
”مڙسن لاءِ راتيون ئي راتيون آهن چاچا!“ شرفو مچلائي ڪندي چيس.
”نوجوانو ! منهنجي هڪ نصيحت دل سان هندائي ڇڏيو تہ شڪار نہ ملي تہ نہ ملي پر ڪنهن جي حياتي وٺي پاپي نہ ٿجو..... آخري مُنهن بتي ڳري پوري ٿي وئي آهي، هاڻي توهان گهر پيڙا ٿيو، ان ڪان جو رب جي وڏي روشن بتي ٻرڻ شروع ڪري“.
۽ اسان وات پٽيون چاچي جي ٽامٽي هنيل چهري ڏانهن ڏسڻ لڳاسي.

# وڪ ٽنٽڻ تائين

”ٽرن.........ٽرن.........ٽرن“............

بيل جو مسلسل آواز اچي رهيو هو، منهنجي خواب گاهہ ۾، ڪنهن اڻ ڳاتل سُر جيان! سئنيما تي هلندڙ بور فلم جيان! ڪٽارو بس جي ڪڙڪي جيان! خواب جيڪي ڪيترن ئي ڪلاڪن کان ننڊ تي موهت ٿي پنهنجي دنيا هلائي رهيا هيا، سي ٽٽڻ چاهين ٿا. بيل جو اڻ گهريو آواز هڪ پل ۾ هٿ لڳڻ سبب رڪجي ويو. شايد صبح ٿي ويو آهي. ڪارو آسمان بہ شرم وچان اڇو ٿيندو پئي ويو، ڪڪڙ ۽ گڏهہ گڏجي صبح ٿيڻ جي صدا بڌائي رهيا هئا، جڻ ڪنهن گمنام فلم جي  بي سري ڌن، مان اجان ننڊا ڪيل هئم، سمجهيم تہ پاڙي ۾ راڳ  رنگ جي محفل هلي رهي آهي.

انسان ڪيڏي بہ اوک ۾  زندگي گذاري پر خوابگاهہ جا خواب خوش رکندا آهن، اهي خواب ئي تہ آهن جن ڪنهن بہ بادشاهہ جو تالو نٽو لڳي سگهي.
باقي!”زندگي!!!“ ڪيڏي نہ اوکي آ گذارڻ!!
رڳو دشواريون! پنهنجن پيرن تي بيهڻ ڪيڏو نہ اڙانگو ڪم آهي! وري بيروگاري اجان بہ سنڌن مان ست ئي ڇڏائي ڇڏي ٿي، ڪو هنر بہ تہ ڪونہ سکيم، اڄ بابا جي اها ڳالهہ ياد اچي ٿي ، جيڪا هڪ انگريزي ڪهاوت ڪي ڦيرائي چوندو هو.
“Always play and no work maks man gypsy”

ننڊ بہ ڪيڏي نہ عجيب شيءِ آهي، آغوش ونڻ چاهي تہ ڪنهن بہ ڪم ۾ مورڳو مزو ئي نہ اچي، جي ڇڏڻ چاهي تہ ماڻهو ڇڏيس نہ، خوابن جا خوبصورت منظر، محبت نگر، خوشين جا لمحا، طلسماتي ڪيفت، ڪڏهن باغن ۾ تہ ڪڏهن ڪوهہ ڪاف جي ڪنڊ پاسي،سهڻا سپنا جيڪي خواب جي دائري ۾ ڦرندا آهن، سي ڇڏي، نيٺ نہ چاهيندي بہ سجاڳ ٿيڻو پوندو آهي، ٿڌي پاڻيءَ سان هٿ منهن ڌوئي، ڏندڻ ڪرڻ ۽ وهنجڻ! ڪيڏو نہ اڙانگوڪم محسوس ٿيندو آهي، هونئن بہ اهو ڪنهن نوڪري واري ڪي جڳائي.
”جواد.....!او اباجواد“!!
”جي امان.....؟“
”پٽ باک ڦٽيءَ ويل اڪرم سڏي سڏي ويو اٿئي، تو کي تہ آهي دير اٿڻ جي عادت پيل، سو توکي ڪونہ اٿاريم، ويچارو ٻاڪي ٻاڪي وڃي ٿڪو پر مجال آجو تون اک کولين“.
”ڇا لئہ آيو هو امان!؟“
”نہ ڄاڻ ابا، الاءِ جو ڪهڙو ڪم هئس، مونکي تہ چيائين تہ ٻڌائجانس هن محل ئي شهر کان پهتو آهيان“.
”نہ امان نہ ڪونہ ٿو وڃانس“!
”ڇو ڪونہ ٿو وڃينس!“ ٿي سگهي ٿو ڪو خاص ڪم هجيس“.
”اون هون......!ڇا وري ڇا هوند؟ واندو ماڻهو چوندو تہ ويهہ تہ ٿا ڪچهري ڪريون“.

”تون وري ڪهڙا ڪارخانہ تو هلائين!؟“ امان طنزيہ تي چيو.” پوءِ اَبا وجي تہ ڏسينس“.

رف رف روانيءَ سان سڌو اڪرم ڏي رخ رکيم، هو هميشہ نبن ڪنير جي هوٽل تي ويهندو آهي ، جيڪا اسان جي گهر کان ٿوري پنڌ تي آهي، وکون کڻندي مختلف خيال اچي رهيا هئا، ڪهڙو ڪم هوندس؟ متان ڪو نئون ڪلام ياد ڪيو هجئين!يا ڪي تازا تازا گفتا ٻڌائي!جيئن ڪجهہ ڏينهن اڳ بوريت ختم ڪرڻ رامو ڪڏ ڏي ويو هئس، سرڪار طرفان تازو لنڪ روڊ ٺهيو هو، تتان ننڍڙين پٿرين جو جهول ڀرَي ڪنيم ۽ ڪڏ جي پاڻي ۾ لهرن جا گول دائرا ٺاهڻ لڳس،اڪر بہ ڪنهن سياسي ليڊر جيان آڱرين ڪي هوا ۾ لوڏي اچي ڪڏ تي پهتو، مان اجان ڪجهہ ڪڇان جو اڳ ۾ ئي ڦاٽ ڪادائين.

”يار اسان جي حڪومت صفا چري آهي، مڙئي ٻئي ٽئين سال اليڪشن ڪرايو ويٺي آهي، جيڪڏهن هڪ ئي دفعي چار پنج وزيراعظم چونڊي ڇڏجن، جو هڪ لهي تہ ٻيو چڙهي ٻيو لهي تہ ٽيون چڙهي،ائين ڪرڻ سان اليڪشن تي زيان ٿيندڙ پئسو بہ بچندو تہ ملڪ بہ ترقي ڪندو.“ ٽورو وقفو ڪري چيائين،”جوانيءَ ۾ مان ڏاڍو ڊوڙڻو هئس، ڏاڍو ڊڪندو هئس، ڊڪڻ واري عالمي مقابلي ۾ ڪاٺ جي گهوڙن تان بل ڏئي سب مقابلا کٽي ويندو هئس پر هڪ دفعي ڊوري رهيو هئس تہ منڊي ڪتي زوريءَ اچي چڪ پاتو، اهو ڏينهن هي ڏينهن وري نہ ڊڪيس.“ نڪ ڪي لمڪو ڏئي چيائين.” يار مان ٻڪري ورتي، ٻڪري هجي سڪيلڊي، ايترو ڪارايو مانس، ايترو ڪارايومانس، پوءِ بہ ٻڪريءَ ڪي آفري نہ ٿي، ويچاري ٻڪ تي مري وئي.“ فلمي ولين جيان ٺهڪ ڏئي چيائين،“ غريب پلس وڏي فيملي ايزيڪولٽ دال....“ مونکي ڪلندو ڏسي چيائين،” ڪلي وٺ، اچ ٽڪي ۾ ٺهڪ اٿئي، سياڻي اڍائي روپئي داڻو ڏيندوسانءِ“.

منهنجون وکون ختم ٿيڻ واريون هيون، چو جو اڳيان نبن ڪنير جي هوٽل هئي. منهنجي اندازي موجب هو هوٽل ۾ وينو هو ۽ ٽيبل تي پنهنجي ڏوڏين سان موسيقيءَ جو اسم تيار ڪري رهيو هيو. هو موسيقار نہ آهي!!هو گلوڪار آهي!ڳوٺ جي گهٽين ۾ ڳائيندو آهي محفلن ۾ نہ! اها ڏات هن کي ڪنهن مهان گائڪ کان ورثي ۾ نہ ملي آهي پر نبن جي هوٽل ۾ ڪلام ٻڌي ٻڌي ملي اٿس.

”ڪهڙي ڳالهہ آهي!؟“ ايندي ئي ڪَست مان پڇيم.

”ترس.......ترس!ساهہ پٽ!اڄڻ سان ئي ٻنجي ويو آهين!“ مون کي توائي ۾ ڏسندي چيائين.

”ڪا خاص ڳالهہ بہ آهي يا ڪچهريءَ لاءِ هيانءُ تي ڦاٽئي؟“!

”آهي! پر پهرين چانهہ گهراءِ پوءِ“.

”چو تو وٽ پئسا نہ آهن ڇا؟“

”خوشخبري تو لاءِ، چانهہ مان پياريان! ڪمال تو ڪرين“!

”اڙي او نبن! ٻہ چانهيون آڻ!“ مون ئي چانهہ گهرائي.

”ڇا ٿيو اٿئي! اڄ ڀلا ايڏي ڪاوڙ! پرين ڪل ته سهي، ڪلڻ جو گهٽ ۾ گهٽ بل ته ڪونه ايندو آهي“!

”ڪلڻ جو بل!......بل ته بجلي، گئس ۽ فون وغيره جو ايندو آهي، ڪلڻ جو ته نه !؟“ مان ڪليس پئي،”هاڻي ٻڌاءِ ته سهي ڪهڙي خوشخبري آهي جنهنڪري ڪپڙن ۾ نه پيو ماپين!؟“

سڀاڻي ماستري لاءِ انٽرويو ٿيندو،اسان جو دوست ماسترٿيندو، ٿورو سينئر ٿيو ته ايف.اي ۽ اجان سينئر ٿيو ته هيڊ ماستر....سڀاڻي توکي به انٽريو ڪال آهي، ياد اٿئي!؟“

”اها ڪهڙي نئين ڳالهه آهي؟ ڪيترائي انٽريو ڏنا اٿم، ڪا اميد نظر ئي ڪونه ٿي اچي، هي به گذري ويندو“.

”هن دفعي تون ضرور ڪامياب ٿيندين، ست هزار سيٽون آيون آهن“!

”۽ درخواستون هڪ لک جمع ٿيون آهن، پوءِ به هن دفعي جيان ڏوڪڙڪارائيندڙ ۽ سفارش وارن کي ملنديون.........۽ پاڻ کي ته ڦاٽڪ وارو به ڪو نه سڃاڻي ..........هونهه“!!

”ڇڏ بڪواس، ڀلا ٻڌاءِ ته ڪهڙي محل هلندين!؟“

”يار منهجي دل نه ٿي چئي“.

”مان چوان ٿو جواد!اِها ڦاٿا گيري وڃي ٻين سان ڪر“..........

”تو ۾ ته ٿوم ئي ڪونهي اڪرم“!

”مون ۾ ته گدامڙي به ڪونهي!.......پر تون ٻڌاءِ ڪهڙي وقت هلندين!؟“

”چڱو چڱو صبح سوير هلنداسين“!

صبح جو جڏهن انٽريو سينٽر تي پهتاسين ته رش ڏسي مونکي لطيف سرڪار جو ميلو ياد اچي ويو.

”اڪرم ڏس اڄ ڪيترا بيروگار انٽريو ڏيڻ آيا آهن“!

”يار جواد!ڇا ڳالهه آهي، جيڪو اندران انٽريو ڏئي ٻاهر اچي ٿو ته پگهر ۾ ڇم لڳو پيو آهي،اندر انٽريو ٿا وٺن يا گهر لاءِ ماني ٿا پچرائن، جي گهر لاءِ ماني ٿا پچرائن ته تون ڇا ڪندين!؟ توکي ته ماني پچائڻ ڪانه اچي ٿي..........تون هئين ڪجهڻ جو چئجانءِ ته سائين مونکي ماني پچائڻ ڪانه ٿي اچي !باقي جي نوڪري ڏيو ته هڪ عدد بورچيءَ جو انتظام ضرور ڪري ڏيندس“!

”اڪرم ڇڏ مذاق! توکي ڇا خبر ته ڪهڙي ڪيفيت مان پيو گذران.“ مون ايترو مس چيو ته پٽيوالي منهنجو نالو ۽ نمبر پڪاريو.

”ڏس اڪرم!منهنجو وارو اچي ويو، مان اندر وڃان ٿو،دعا ڪجانءِ“!

اندران موٽن ويل مان به پگهر ۾ ڇم ٿي ويو هوس، مون کان ماني ڪونه پچرايائون، مون کي فيل ڪري ڇڏيائون. ان لاءِ ته مون وٽ ڪابه سفارش ڪو نه هئي، مونکي ڦاٽڪ وارو به ڪونه سڃاڻيندو هو.

# قيامت ڪان اڳ

در ڪلڻ جو چيڪٽ ٿيو. ننيڙي پنهنجو مُنهن گوڏن ۾ لڪائي پڻڪيو، ”اچي وئي !“ ٻنهي گوڏن جي وچان ننيڙي ڪنڌ مٿي ڪري ”هُنَ“ ڪي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪٺ جي هينان ۽ فرش تي ليٽيل هجڻ ڪري هن ڪي صرف ڪاري پتلون ۽ ٻه ڪارا پالش ٿيل بوٽ ڏسڻ ۾ تي آيا. هن ڏٺو ته در جو طاق ٺڙڪ ڪري بند ٿيو ۽ ڪارا پالش ٿيل جوتا فرش تي ڪڙڪو ڪندا، پرسان واري ڪمري ۾ هليا ويا.

”اوهه..... هي ته اَبو نڪتو ! “ ننيڙو افسوس ڪرڻ لڳو، ”هوءِ الاءِ ڪهڙي مهل ايندي؟ هن جو رنگ الاءِ ڪهڙو هوندو؟، هن جو قد ڪاٺ جسم الاءِ ڪيئن هوندا؟ هن کي الائي ڪهڙي قسم جا ڪپڙا پاتل هوندا؟“. سنهي پوائتي آڳواز تي ساڄو هٿ کاٻي هٿ جي ٺوٺ تي ۽ کاٻو هٿ ساڄي هٿ جي ٺوٺ تي رکي، مُنهن جي آڏو آٽي، منهن لڪائي ڇڏيائين. پوائتو سنهو آواز هن جي ويجهو اچي رهيو هو، ننيڙي جي لونءَ ڪاندرجي وئي، جسم ڪيويءَ جيان وڪوڙي گول ڪري ڇڏيائين. ٻانهن جي ڏنل بند مان اک ٽيٽ ڪري ڏٺائين، ڪاري رنگ جي ها هيبتناڪ شيءِ هن طرف وڌي رهي هئي.

”اچي وئي ! ها اچي وئي ! قيامت اچي وئي ! ڪاري قيامت اچي وئي !“. ننيڙي فرش تي ڪنڌ ڍاري ڇڏيو. وات مان گگ ڳڙندي فرش تي لڳي، جسم سمورو ڏڪي رهيو هئس، چپن مان پڻ پڻ ڪري رهيو هو، ”بس هاڻي اچي ڳوئي ! قيامت اچي وئي !“ ڪاري ٻلي هنمٿان بيهي ”ميائون !“ ڪيو، ننيڙي کي محسوس ٿيو، جڻ ڪنهن سندس بيجان جسم کي مٿي ڪٽي اڇليو هجي. ڪٺ هينان ليٽيل ننيڙي جي مٿان ٻلي ”ميائون ميائون“ ڪندي ٽپي وئي. پر ننيڙي جي جسم ۾ جڻ ساهه ئي نه هجي.

وري ڪڙڪو ٿيو، ننيڙي زوم منجهان اکيون کوليُ، ڪارا جوتا ٺڙڪ ٺڙڪ ڪندا در ڏي ٻاهر وڃي رهيا هيا. ننيڙي اکيون مهٽي هيڏي هوڏي نهاريو، ڪيس ”ڪاري قيامت“ ڏسڻ ۾ نه آئي.

”آئي.... اِها ته تاني وارن جي ڪاري ٻلي هئي، مان ته سمجهيو قيامت آهي ! استاد اَمين ٻڌايو ٻه ڪونه، ته قيامت ٿيندي ڪيئن؟ هن جو رنگ الاءِ ڪهڙو هوندو؟ هن جو جسم الاءِ ڪهڙو هوندو؟، هن کي الاءِ ڪهڙي رنگ جا ڪپڙا پاتل هوندا؟“

مولوي اَمين پاسڙي جي مسجد جو پيش امام آهي، صوم و صلواة جو پابند آهي. هر روز صبح جو قرآن مجيد جي تدريس جو فرض ٻه انجام ڏيندو آهي. روزانو اخبارون پڙهڻ ۽ عوام الناس کي قيامت جا پڙ پڻ ڏيندو آهي ۽ دوزخ جو نالو وٺي آڱرين جي چپٽي ناهي ڪنن جي پاپڙين ۾ چنبڙائي وري نڪ تي مهٽيندو آهي. صبح جو قرآن مجيد جي تدريس وقت ٻارن کي قيامت جون ڳالهيون پڻ ٻڌائيندو آهي ۽ ڪين سڌي رستي تي هلڻ جو پڻ چوندو آهي.

ڪالهوڪي اخبار ۾ ڪجهه خبرون پڙهي مولوي اَمين جو بِگل ڦريو هئو. آڱرين جي چپٽي پاپڙين ۾ وجهي وري نڪ تي مهڻ جي مشق بار بار تي ڪيائين، جيڪو ٽي مليس تنهن کي ٽي خبرون ٻڌايائين.

”بابلا ! قيامت جون نشانيون پوريون ٿيون، شرم حياءُ ۽ شناس ته ڪڏهوڪو موڪلايو هئو پر هاڻي ته اَبا توبهه، ماڻهو گهر جي غيرت جو رئو پيا ٽڪين“.

اهڙي طرح صبح به تدريس وقت اهو اهڙيون ئي ڳالهيون ڪري ٻارن کي چوڻ لڳو، ”ٻچڙئو ! وڃو، بس اجهو ڄاڻ قيامت آئي ۽ دنيا ختم ٿي. وڃو بابا وڃو! پنهنجي پنهنجي گهر وڃو !“.

نئيڙي کي مولوي اَمين جون دهشت ڀريون اکيون ياد اچي رهيون هيون. جن ڪيس وحشت ۽ خوف ۾ رکيو هئو.

”الاءِ ڪهڙي مهل ايندي ۽ الاءِ ڪٿان ايندي؟ مون کي ته ڪا خبر نٿي پوي!“ نئيڙو ڀٽڪڻ لڳو. اچانڪ ٿورو ڪليل ٻاهريون در وڏو ڪڙڪو ڪري کليو ۽ ٻلي تمام تيزيءَ سان اندر داخل ٿي نئيڙي جي مٿان چڙهي ۽ اڳتي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪي وئي. ٻليءَ پنيان ڪارو متارو ڪتو به اندر گهري آيو، ڪتو رنگ جو بلڪل ڪارو هئو، ڪارا ڪارا بچ ۽ اڇا اڇا ڏند ! ڪتي جو ڏاڙهه ڏسندي نئيڙي جو هنياءُ ڦاٽڻ تي هئو پر ڪيس خبر ئي نه پئي ته ڪيئن هن جون اکيون ٻوٽجي ويون.

* * *

”نئيڙي جي اکين مٿان هٿ ڏيو ! نئيڙي کي چيلابدران جي سٽ اچي وئي آهي“ عامل ڪٽ تي بيهوش پيل نئيڙي تي ڦيٽا پڙهندي چيو: ”چيلابدران کي جيڪا شيءِ سهڻي لڳندي آهي ته پاڻ سان ڪٽي وٺندا آهن، پوءِ اهو چونه معصوم نينگر هُجي، ڪو سهڻو جانور هجي، نوجوان ناري يا ڇوڪرو هجي، يا پهرين رات جا گهوڙ ڪنوار هُجن“.

نئيڙي جو پيءُ جيڪو هڪ معمولي سرڪاري ملازم آهي، عامل جو هڪ نئون انڪشاف ٻڌي وڌيڪ پريشانتي وڃي ٿو، جنهن سندس ماءُ جي زخور رکڻ تي عامل کي گهرايو هو.

”چيلابدرا چاليهه ڀائر آهن، تن مان هڪڙو يجو لاش اٿن، هو غائب رهندا آهن. ڪڏهن ڌرتي، ڪڏهن آسمان تي گهمندا رهندا آهن، مهيني جا ڪُجهه ڏينهن ڪهڙي طرف ۽ ڪُجهه ڏينهن ڪهڙي طرف هوندا آهن. چاليهون مئلياءُ به ڪلهي تي ڪنيون گهمندا وتندا آهن“.

”انهن جو منهنجي پٽ ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟!“.

”مون چيو نه، ته اُنهن کي جيڪا شيءِ وڻندي آهي، ان کي “ٽُڪلي“ هڻي وٺندا آهنءِ ها..... انهن کي يا ته جانور ڏسي سگهن ٿا يا “ٽڪلي“ لڳل ماڻهو“.

”پوءِ هاڻي ڇا ڪجي؟ ننيڙي کي ڊاڪٽر ڏي ڪٽائي هلئون؟“.

”دياڪٽر ڇا ڄاڻي هن روحاني رمز مان، بيوقوف انسان !“.

”ته پوءِ نيٺ ڇا ٿيندو؟“.

”منهنجي عمل ۾ جن آهن. مان انهن کي گهرائي ڇيلابدران جو سحر ٽوڙيان ٿو پر پهريائين اگر بتيون ٻاريو، لوبان جو دونهون ڪريو ۽ گلداني ۾ عطر رکو“.

ننيڙي جو پيءُ تعميل ۾ جنبي ويو. تيسين عامل پاڻ کي اڇي ڪپڙي جو ڪفن ٻڌرائي، فرش تي ٽڏو وچرائي، ليٽي ڪُجهه ڦيٽا پڙهڻ شروع تي چڪو هو. ان وقت منجهند جي هڪ ٿيڻ ۾ ڪجهه منٽ باقي هُئا.

”...... ها، اچي وئي، اجهو اچي وئي ! قيامت اچي وئي!“.

کٽ تي ستل ننيڙي بيهوشيءَ ۾ جاببوليندي چيو.

ننيڙي جي پيءُ جي دل ۾ مسرت جي هڪ لهر ڪنوڻ جيان تجلو ڏنو.

”نه پٽ نه ! ڪُجهه به ڪونهي !.... مان آهيان تنهنجو اَبو!“.

”خبردار ! ننيڙي جي ويجهو نه وڃو !“. پوپي هڪل ڪندي چيو، ننيڙي جي ماءُ، ڏاڏي ۽ پڦي جيڪي پرسان وينيون سسڪيون پري رهيون هيون، سي به يڪدم پوئتي هٽي ويون. عامل وري پنهنجي عمل ۾ محو ٿي ويو.

”ق..... ق..... يامت.... نه نه .... م..... م..... موٽي وڃي!“ ننيڙي وري اکيون ڪوليون ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”قياقمت اچي وئي.... سڀ پنهنجي پنهنجي گهر وڃو.... ها وڃو.... وڃو.... ق..... قيا..... مت!!“ ننيڙو ٻولائيون ڪائيندي کٽ تي لڇڻ لڳو، ننيڙي جي آواز ۾ مانار اچي وئي، بس وڏا وڏا ساهه کڻي ٿڌو ٿي ويو.

ننيڙي جي پيءُ ڪتجي پرسان اچي، ننيڙي کي لچندي ڏٺو، جيڪو ڪجهه لمحن ۾ مانارجي ويو. دل جي ڌڙڪن بند تي چُڪي هُيس. عامل اُٿي بيٺو ۽ ننيڙي جي پيءُ جي پرسان اچي بيٺو.

”چيلا بدران نه مڃيو، ضد تان نه لهي نه لٿا، بس ادا حياتي!“.

ويندي ويندي عامل ننيڙي جي پيءُ کي دلجاءِ ڏيندي چيو.

ننيڙي جو پيءُ جڻ پٿر جو تراشيل مجسمو هجي، هن جي اکين اڳيان بس ٻه منظر هُيا. کٽ تي ستل سندس پٽ ۽ روئندڙ عورتون. هو ٽڙندو ٻاهر نڪري آيو، پاڻ کي نساهو ٿي سمجهيائين. سج ۾ اُها تپش محسوس نه ٿيس. هن کي ايئن محسوستي رهيو هو ته اولهه کان هڪ وڏو طوفان ”قيامت“ جي صورت ۾ اچي رهيو آهي.

# چنڊ پيرن هيٺ

جيئن ئي اک کليس تہ سامهون ٿائيم پيس ۾ فريم ٿيل مارمر جي تصوير تي نظر پيس. ميز تي ليمپ پرسان پيل "سنگنگ برڊ " گڊ مارننگ سر، گڊ مارننگ جا آواز ڪڍڻ لڳو. بستري جي کابي پاسي"ويڪ اپ" بٽڻ تي زور ڏنائين تہ اليڪٽرانڪ بسترو_ويل چيئر جيان ٿي ويو، اجان لهي ئي لهي جو واچ_ ڪمپيوٽر مان الارم مليس، هن"سڪرين_اپ" بٽڻ دٻايو،سامهون مارمر هئي.

"هاءِ ڊيوڊ ڪٿي آهين !.......شادي جي ڏهين ڏينهن ڪيئن ياد پيس؟"

"ڊينس ۽ مان هن وقت چنڊ جي وڏي ۾ وڏي چوٽي "مائونٽ ايورسٽ" وٽ آهيون، اڄ اسان جي هني مون جو انون ڏينهن آهي چنڊ تي".

"مس مارمر مان مارمر ڊينس ٿيڻ تي مبارڪون! ڪيئن محسوس ڪيو اٿئي!؟"

ڊيوڊ چريو نہ ٿيءُ ، با مقصد ڳالهاءِ"!

"يلا ڊينس ڪيئن آهي مارمر!؟"

"تمام شفيق، مهربان ۽ پيار ڪندڙ، تو وانگي"!

مون وانگي ............!!چا مطلب؟؟"

"مان اجان سن ياٽ ،وائين پارٽين ۽ سن ياترائن وقت تنهنجو ڏنل پيار وساريو ناهي".

........"۽ ڊينس شيفر جي باري ۾ تنهجو چا خيال آهي!؟"

"او هني! هو منهنجو جيون ساٿي آهي محبت نہ!مون کي تہ اجان بہ گذريل مهيني واري ياترا وقت تنهنجو ڏنل پيار ياد پيو اچي، هني!ماءِ چيڪس ويٽ فار سيم.......۽ ها توکي ٻڌائڻ ضروري سمجهنديس تہ هتان ڪان پوءِ اسين مريخ تي شفٽ ٿي ويندا سين جو ڊينس جي فيملي اُتي سيٽل ٿيل آهي ".

"چنڊ کي چنڊ تي مزو اچي پيو يا نہ!؟"

"چڏ ان ڳالھ کي ڊيوڊ! توسان پوءِ رابطو ڪنديس،وکي باءِ......." اليڪٽرانڪ جي ترڪڻ واري پٽي تان ترڪندي ڊيوڊ کي ان ڳالھ جو احساس ٿيو تہ "اسپون فيڊنگ" انسان کي ڪيڏو تہ ناڪارا بنائي ڇڏيو آهي.

ڊيوڊ باٿروم جي دروازي وٽ اچي بيٺو،در خود بخود کلي ويو، باٿروم جي دروازي کلڻ سان باٿروم اندر بجلي بہ بحال ٿي وئي.باٿروم جي ربوٽن ڪجھ لمحن ۾ وهنجاري، ڪپڙا پارائي ۽ پرفيوم اسپري ڪيو.

هاٿي گهر ٻاهران خودبخود هلندڙ فٽ پاٿ تي بيهي رهيو،فٽ پاٿ تي هلندي "ڪلوننگ ماسٽر"جي دڪان اڳيان بريڪر تي بيهي رهيو.هر طرف گوڙ ۽ شور محسوس ٿيس. هر ڪنهن کي پاڻ جيان آپي خالي ٿي پائنيائين. ڪيس اهو لمحو ذهن تي تري آيو جڏهن مارمر کيس پرپوز ڪيو هئو ۽ کيس ڪو جواب ڏيڻ لاءِ چيو هئائين تہ نہ چاهيندي بہ مارمر جي دل ڏکائي هئائين ۽ پوءِ لڇيو ۽ تڙپيو هئو،زندگي گهر تائين

محدود ڪري ڇڏي هئائين.هڪ ڏينهن مارمر سان واچ ڪمپيوٽر ذريعي رابطو ڪري ڪيس معافي ورتي هئائين، مارمر ڪيس نہ فقط معاف ڪيو پر ڊينس شيفر سان شادي ڪرڻ جي خوشخبري بہ ٻڌائي هئي.اشتهائون ڪنگرن جيان ڇٽي ڪِري پيون هئس، لُڇي پيو هو.

شادي جي تقريب مان بہ جلد موٽي آيو هئو.مارمر ڪي الودا بہ نہ ڪيو هئائين.ڏهہ ڏينهن عذاب جي اُلن ۾ جلندي ڪيس هي آسائشون بہ بي مزه تي لڳيون اڄ ڏهن ڏينهن بعد مارمر جي رابطي ڪرڻ تي هو گهر کان ٻاهر نڪتو هو.

هن جي خيالن جو شيشو تڏهن پورا پورا ٿيو جڏهن"نيوزبوٽ" جي اسپارڪلنگ ڪنڊڙ روشني هن جي اکين کي متاثر ڪيو.نيوز بوٽ ۾ ڪارڊ وجهي "ارجنٽ نيوز" نالي26.12.2123 جي اخبار ڪڍيائين، ڪيس اخبار بي مزه لڳي جوڊسٽ بن ۾ اڇلي وري فوٽ پاٿ تي چڙهي بيٺو،ڪيس مارمر جي ياد ستائي رهي هئي، ماڻهن کي فوٽ پاٿ ۽ دڪانن تي تن تنها ڏسندي ۽ هلندو رهي ٿو. اڳيان"ڪرائيم ڪنٽرول روبوٽ سينٽر" هو اڪثر ڪاروبار مشينري تحت پئي هليا.

اڇانڪ"فلائينگ مشين" هن آڏو ليندنگ ڪئي، سن باٿ ڊريس پاتل جيڪلائن هن جي اڳيان بيٺي.

"ماءِ سوئيٽ هارٽ ڊيوڊ! سن باٿ تي هلڻ جي خيال آهي !؟"

"جيڪي!سوري"!

"ڊيوڊ!هاڻي تہ مارمر توکان پري ٿي وئي آهي، تون ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۽ اهوءَ آسمان جو تارو ٿي وئي آ، پوءِ بہ اسان کي لفٽ ناهي، ڇو ڊيوڊ!؟"

"جان ٽيلر کي ڇڏي ڏنو ٿي ڇا!؟"

"جاني اهو تہ توکي ( ) ڪرڻ لاءِ ڪندي هئس."

"جيڪو مونکي خلا ياترا مرڪز ( ) وڃڻو آهي".

"ڊيوڊ!فلائينگ مشين مهيا ڪندڙ دڪانون ويجهو ئي آهن، مان تو لاءِ بہ هڪ عدد مشين افورڊ ڪري سگهان ٿي،500 کان1000 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان اڏامڻ ۾ ڪيڏو نہ مزو آهي! اڄ گڏجي سن باٿ ونڻ هلنداسين، آ نو يو لائيڪ اٽ"!

"آءِ ايم سوري مس جيڪلائن مان ٽائيم نہ ڏئي سگهندس"!

"ڏس ڊيوڊ! جي اڄ تون نہ هلندين تہ مان"ڊيٿ سينٽر"تي وڃي، پنهنجي مرضيءَ سان موت قبوليندس، يا هن پکيءَ جيان اڏائيندڙ فلائينگ مشين تان ٽپو ڏيئي ڇڏيندس،"

"نيڪ آ، تون هل مان اچان ٿو".

"مان تنهجو انتظار ڪنديس ڊيوڊ"!

ڊيوڊ جيڪلائن کي اڏامندي ڏسي فٽ پاٿ تي ويهڻ چاهيو جو سندس واچ ڪمپيوٽر الارم ڏنو.

"هاءِ ڊيوڊ! مان مارمر آهيان".

"يو لاءِ ان ماءِ بريٿ، مارمر"!

”ڊيوڊ! تون اسان ڏي اچين چونه پيو! ؟؟“

2123” ع جون جديد سهولتون هوندي به مان هتي پرسڪون ناهيان،مارمر مان هن ميڙ ۾ پاڻ کي اڪيلو پانيان ٿو“.

”ڊيوڊ! تون خلا ياترا مرڪز مان اڄ ئي مريخ لاءِ فلائيٽ بڪ ڪرائي ڇڏ “.

”ان خيال سان ئي ته وڃين رهيو آهيان“.

”ڊيوڊ مان ۽ ڊينس“ ڪلوننگ ماسٽر“وٽان پنهنجي جين مان ٻه ٻار تيار ڪرائي ڇڏيا هئا، نائو وي نِيورَ رٽن ٿو ارٿ.......! او ڊيوڊ هاڻي ڊينس سان ڳالهاءِ، هي منهنجي پرسان بيٺو آهي،“

”هاءِ ڊينس ڪهڙا حال آهن؟“

”نيڪ تون ڪئين آهين ڊيوڊ!؟ مارمر ٻڌايو پئي ته تون ڌرتيءَ تي اپاٽڪو محسوس پيو ڪرين، پيارا! تون مريخ تي اچ جو ڪجهه گهڙين بعد اسان به چنڊ تان مريخ لاءِ اڏام ڪنداسين“.

”ضرور اينڊس“!

”ڊيوڊ يار! خلا ۾ چپي چپي مختلف ملڪن جا اسڪاءِ ليبس آهن ۽سڀ کان خوبصورت ۽ جديد سڪاءِ ليب سنڌ جي آهي.

اسان جي خلائي شٽل به سنڌ جي”لطيف اسڪاءِ ليب“ تي ليندنگ ڪئي، جيئن ئي اسان جي جهاز لطيف اسڪاءِليب جي ائير لاڪ جي چوٽيءَ تي ليندنگ ڪئي ته ليب جي ٽن سائنسدانن جيڪي ورڪشاپ تي تجربا ڪري رهيا هئا،اسان جو استقبال ڪيو.جن بعد ۾ پنهنجو تعارف هالار،هريش ۽ مهراڻ طور ڪرايو. هريش ٻڌايو ته مريخ ۽ وينس تي انساني رهائش کي مڪمل ڪرڻ ۾ سندن سنڌ جي فلڪياتي ماهرن جو عمل دخل آهي ۽ ڊيوڊ! مهراڻ ٻڌايو ته هن وقت هو ٽئي ڄڻا اسڪاءِ ليم جي گنبذ ۾ تجربن کي پائيه تڪميل تي پهچائي رهيا هئا هالار ٻڌايو ته روس ۽ آمريڪا بعد سنڌ ئي آهي جيڪو سج جي دنيا باري ۾ تجربا ڪري رهيو آهي ۽ سندن هٽرادو گرهه سج جي حدن ۾ داخل ٿي چڪا هئا.“ ڊينس تفصيل ٻڌايس.

”واقعي ڊيوڊ اهي تمام محنتي آهن !..هاڻي تون ٻڌاءِ،پلا ڪڏهن اسان وٽ پهچندين؟“

”مان هاڻي ئي خلا ياترامرڪز وڃان پيو“.

”اوڪي هاڻي مارمر سان ڳالهاءِ“!

”هي .........لَوِ ڊيوڊ“!

”زندگي تو بنا تنهڻ جو پاڇو آهي ريئلي مارمر“!

”ڊيوڊ، سچ پڇين ته مونکي به خوشي تو بنا ڏور ٽتل لغڙ جيان ٿي لڳي، انسان ڌرتيءَ کان پل ڪوهين ڏور هليو وڃي ته به غمن جا پاڇا پنيان ڊوڙندا اچن ٿا، هيترن مسرتن هوندي به ناخوش آهيان ڊيوڊ“!

”مارمر، مان هن وقت خلا ياترا ۾ آهيان ۽ بوڪنگ ڪرائي رهيو آهيان“.

”مون کان جدا ٿي ڪئين ٿو محسوس ڪرين!!؟؟

”ويڳاڻو ويڳاڻو.......ڪنهن اڪيلي پکيءَ جيان ! جو صحرا ۾ رهندو هجي ۽ ويجهو ڪابہ ٻئي نہ هجي“.

......”تہ پوءِ مونسان شاديءَ لاءِ ڇو انڪار ڪيئي!!؟؟

”مارمر مان محبت ۾ ميلاپ جو مخالف آهيان! مون وٽ ميلاپ عشق جو زوال وارو تصور آهي.... ۽ ها 31.12.2123 تي منهجي منزل تون هوندئين، جو خلا ياترا مان تارخ ملي آهي“.

”آئم سو هيپي ڊيوڊ!مان بيان نہ تي ڪري سگهان تہ مونکي ڪيڏي خوشي ٿي آهي “.

واڪي باءِ، توکي هاڻي حقيقي اکين سان ڏسبو“!

”باءِ، ماءِ سوئيٽ هارٽ“

ڊيوڊ کي ڪمپيوٽرواچ واري ٻانهن سڄي ڪندي جيڪلائين ياد آئي، ”آئيم سوري جيڪي!مان نہ اچي سگهيس.“دل ۾ پٽڪندي ڊيوڊ گهر طرف موٽڻ لاءِ فٽ پاٿ تي چڙهي بيٺو. ڪلوننگ ماستر جي اڳيان نيز بوٿ جڳ ”ارجنٽ نيوز“ بڻڻ سپارڪلنگ ڪري رهيو هئو.ڪارڊ وجهي اخبار ڪڍي پڙهڻ لڳو.

”آمريڪا جا ڪيميڪل ليبس هڪ زوردار ڌماڪي سان تباهہ ٿي ويا.“ هو تفصيل پڙهڻ بنا اخبار ڊسٽ بن ۾ اڇلي فوٽ پاٿ تي چڙهي بيٺو.هن لاءِ پنج ڏينهن پنج صديون بڻجي گذريا .

مقرر ڪيل تاريخ تي ڊيوڊ خلا ياترا مرڪز پهچي چڪو هو ان ڪان اڳ هن مارمر سان رابطو ڪيو ۽ ڪيس اچڻ جي خوشخبري ٻڌائي. نيٺ ٺوم هال ڊيوڊ،لارينس ۽ جيمس خلائي جهاز اندر ويهي، ها ۾ داخل ٿيا . ڌرتيءَ ڪان 75 ميل مٿي جهاز جي خلااندرداخل ٿيندي ئي جهاز جي ڪيبن ۾ آڪسجن گئس جي ٽنڪي کي باهہ لڳي وئي پر ”اسپري“ بڻڻ دٻائڻ سان آخر باهہ وسائي وئي. خلا ياترا مرڪز جي طرفان پائيليٽ کي اڳتي وڌڻ ڪان روڪيندي واپس مڙڻ جو ميسيج مليو، جو جهاز جي سڙي وڃڻ جو انديشو هئو. خلائي جهاز وپس فضا ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي مقرر ڪيل رستي تان هٽڻ ڪري ٻيهر خلا ۾ داخل ٿيو. داخل ٿيندي ئي زميني ڪنٽرواداري جي اسڪرين تان گم ٿي ويو.

مارمر واچ ڪمپيوٽر تي ڊيوڊ سان رابطي جي ڪوشش ڪئي ور سڪرين تي ڪيس دونهون نظر آيو .هن واچ ڪمپيوٽر جو”اسپيشل نيز“ بڻڻ دٻايو،”خلائي جهاز حادثي جو شڪار ٿي ويو ۽ لطيف اسڪاءِ ليب پاران خلا ۾ پٽڪندڙ خلائي جهاز ڏٺو ويو.“ جون خبرون پڙهندي مارمر جا ڳوڙها واچ ڪمپيوٽر جي سڪرين تي ڪريا .

”ماءِ سوئيٽ هارٽ مارمر!غم نہ ڪر، سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو، مونکي ڊيوڊ جي خبر ملي آهي، سندن خلائي جهاز روس جي زميني ۽ خلائي روٽ طرف وڃين رهيو آهي ،اميد تہ هو بچي ويندا“.

”ڊينس!ڊينس!تنهنجي واچ ڪمپيوٽر واري وارو نيوز وارو بڻڻ اسپارڪلنگ ڪري رهي آهي.“ اچانڪ مارمر دانهن ڪندي ڊين کي چيو“ .

ڊينس ”اسڪرين اپ “ بٽڻ دٻايو، سندس واچ ڪمپيوٽر جي ننڍي اسڪرين مٿي نڪري آئي ۽ ڪيس”لطيف اسڪاءِليب پاران پٽيڪل جهاز تي گرفت حاصل“ جي خبر ۽ جهاز نظر آيا.ڊينس مارمر کي دلجاءِ ڏني ۽ ڪيس ڪمري ۾ وٺي آيو.مامر کي صوفي تي ويهاري، پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ سمهڻ هليو ويو.مامر ڊيوڊ جي سوچن ۾ گم هئي،اداسي هٽائڻ لاءِ ٽي دفعا اڪيون چپنيائين ته پٽ تي ٽي وي اسڪرين ظاهر ٿي، جتي دنيا کي ٻه صديون اڳتي ڏيکارڻ بابت فيچر هلي رهيو هو. هن هٿ سڌو ڪيو ته چينل تبديل ٿي ويو،هن وري هٿ سڌو ڪيوته ٻيو چينل شروع ٿيو. هن کي سڪون نه ٿي آيو،ٽي دفعا اکيون چنپيائين ته ٽي وي اسڪرين غائب ٿي وئي.

اچانڪ ڪيس در جي مٿان لڳل اسڪرين تي”ٽي مهمان“جو پيغام مليو،مامر دروازي کان نڪري ڊرائنگ روم ۾ پهتي ته هن جي اکين معجزو پسيو.

”ڊيوڊ.........!!!مئريڪل“!!!

”معجزونه!.... مهرباني لطيف اسڪاءِ ليب جي مهربانن جي، جن پنهنجو قيمتي صرف انسانيت جي خدمت ناتي ضايع ڪري مونکي بچايو ۽ هي آهن هالار ۽ هريش،سنڌ جا سائنسدان“ ڊيوڊ ورنايو.

”توهان ۽ توهان جي ملڪ جي مهرباني !“مارمر ڏک ۽ خوشيءَ جي گڏيل تاثر سان چيو.”سنڌ دي گريٽ“!

”اسان کي افسوس آهي جو اسان ٻين کي بچائي نه سگهياسون.“ هالار افسوس جو اظهار ڪندي چيو.

”جلدي اچو! پنهنجي برقي جهاز ڪلوننگ ذريعي ناهيل انسان سميت سج جي حد ۾ داخل ٿي چڪو آهي ۽ انسان اجان زنده آهي.“ مهراڻ جو موڪليل ٻانهن ۾ ٻڌل جديد اوزار وسيلي هالار ۽هريش کي مليو.

”اسان پنهنجي هڪ اهم مشين جي ڪاميابي پنهنجي اسڪاءِليب تي وڃين رهيا آهيون جو هڪ خاص تجربي مڪمل ڪرڻو آهي.“هالار ۽ هريش صوفي تان اٿندي مامر ۽ ڊيوڊ کي چيو.

مارمر ۽ ڊيوڊ کين الوداع ڪيو ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان دلين جي روح رهاڻ ڪرڻ لڳا، ان کان اڳ هالار ۽ هريش مريخ تان اڏامي چڪا هئا.

# دالءِ ميري ڪتاب

ديؤ رانياڻ ڪندو منهنجي پرف اچي رهيو هو، مان لڪندو لڪندو اچي گنديءَ جي اوٽ ويهي رهيس، اها گندي جنهن جي ٻُلڪڙي مان پلال جو موئو ڪڍي سرڪائي سرڪائي ڪٽڪ جو جهول پري پاڙي جي دوڪان تي ڪپائي مگيرا ۽ لائي وٺي ڪائيندو هيس، گنديءَ ۽ اوڏڪي پٽ جي وچ تي ٿوري وٿي هئي، جنهن ۾ مون جهڙو سيپڪڙو آرام سان لڪي تي سگهيو پر ان ڪان اڳ ديؤ گنديءَ ۽ پٽ جي وٿيءَ سامهون اچي بيهر رنپ ڪئي. منهنجا تارا ڪلي ويا، چڳل واڻ واري پراٽيءَ ڪڻ تي مال جي واڙي ۾ سُتو پيو هُئس، نانيءَ جي پهريات وچير منهنجي مُنهن ڪي چٽي رهي هئي ۽ رڪي رڪي رنپ پڻ ڪري رهي هئي، جنهن جو قلعو منهنجي ڪڻ پرسان هئو. وچير ڪي ڪالهه ئي ڦر ڄائو هو. جيئن ئي منهنجا تارا ڪليا ”ديؤ“ ڪي اکين اڳيان ڏسي وڏو ٻرڙوٽ ڪري ڪڻ تان ٻُل ڏئي هيٺ لٿس. نانيءَ جي وچير جي لاٽل چيٽي ۾ ٿڦجي پيس، هيڏي هوڏي نهاريم، ڪو بہ نہ هو، سڀ ڄاڄي سُتل هُئا، باقي گهر ياتي ۽ گهر ڏياٽيون گهر ۾ ڪم ڪار ڪندي نظر آيا. وچير جو ڦر منهنجيءَ ڪڻ پرسان پيل وڏي ڪاري ۾ هيو. شايد نانيءَ مٿان ٻوڻ رکي ڇڏي هيس ۽ وچير وري ديؤ ٻڌجي مونکي ننڊ ۽ جاڳ ۾ ڊيڄاري رهي هئي، ٻيو تہ ميرن سڄي رات مُنهن پٽي پٽي دٻلو ٻڌائي ڇڏيو هو، سڄي رات ”يون يون“ ڪندا رهيا، مُنهنجو رت منو آهي شايد، جو مير ٻولي ٻولي ”ڊسپوزل سرنج“ اچي مونکي هڻندا آهن. م ون بہ پنهنجي آخري وصيعت ۾ لکي ڇڏيو آهي تہ جي اگرڪڏهنمان ننڊ ڪندي ڪندي ننڊ مان صفا سڄاڳ نہ ٿيان تہ منهنجي خون جو ڪيس ميرن مٿال داخل ڪرايو وڃي، اها ئي منهنجا ازلي دُشمن آهن. مان ڊڪي وڃي ڪڻ جي هينان پيل چمپل ڪنئي، هڪ نظر وچير تي وڌي، جيڪا ڪنڌ ڌوٽي پرسان اچڻ لاءِ چئي رهي هئي، مُنهن ۾ سونڊ وجهي ڏنومانس پر وچير اڃا بہ ڪنڌ ڌوٽي رهي هئي، مونکي خواب وارو ديؤ ياد آيو.

”او منهنجي ادي پيڻ! قسم قران تي مان ماٺهوءَ جو ٻچڙو آهيان، تنهنجو ڦر ان ڪان ڪ اريءَ هينان اٿئي!“ وچير ڪي اياز ڪندي چيم. وري سوچيم مٿان هن گُگدام ڪي مون واري سنڌي سمجهه ۾ نہ اچي، ان ڪري ڪاريءَ جي پرسان اچي، ان مٿال پيل ٻوڻ لاهي، ڪاري مٿي ڪنيم، وچير پٽاريءَ جو ڦر ڪاريءَ اندر پيل پلال تي آرامي هيو، وچير ڪي اطمينان ٿيو ۽ مون ڪي پيٽ ۾ ساهہ پيو.

اڄ صبح مردان سان ڪنهن نياڳي جي مُنهن بہ ڪونہ چڙهيو هئم، گتڏهن بہ عجيب و غريب واقعا رونما ٿيا هُئا. واڙي جي مُٺهن جي ٿوٽيءَ ۾ ٻڌل گڏهہ زوردار هينگ ڪئي.

”ڦوت.....! نڏٽڪا تون بہ ڪتل هئين جو صُبح صبح سان پنهنجي راڳڻي شروع ڪيئي!“ سڄي عمر ۾ههڙو اياڳو صبح مون ڪڏهن ناهي گذاريو. اِها ”نازي“ منهنجي

مُنهن چڙهي ته خبر ونانس ته ڪيئن ڪنهن غريب ڪي مال جي واڙي ۾ سمهاريو آهي؟! ڪتابن جي ڪوئي، وتندي آهي ڪتابن جا پنا ٽُڪيندي، شل نه ڪو ڪتاب ور چڙهيس، پڙهي نپوڙي هٿ ڪيندس، باقي پرت ۾ ٽوپي لاءِ ماڻس منٿون ڪنديس به ته هٿ نه لائيندي، ڏنو پورو ڳوٺ وارو ”ڪنڊو پير“ به ڪونه اٿئين، ڳالهيون وري آفريڪا جي عجائبات جون ڪندي آهي، شروع ٿيندي جهڙي سانوڻ جي جهڪ، بس ڪرائڻ لاءِ پوءِ سڄي علائقي جي پيرن جون ڊوهيون وجهوس، تڏهن وڃي بس ڪندي.

مونکي ڪتابن کان ايئن بُڇان لڳندي آهي جيئن ٿن ڏينهن کان مسلسل دال ڪائيندڙ کي چوٿين ڏينهن به دال پيش ڪجي. ”دال، مڇر ۽ ڪتاب“ تهين سان منهنجو ازلي وير آهي، البته نازي، ڪتاب ۽ دال جي خفتڻ آهي، باقي مڇرن کان ٿورو لنوائيندي اهي. اجا راتوڪي ڳالھ آهي جو مان ۽ منهنجو جگري يار رمون ”ادا وڏي“ جي شاديءَ واري ڏينهن لاءِ منصوبا ناهي رهيا هياسين، ڇو جو شاديءَجي سلسلي ۾ پري پري کان مائٽ مٽ ۽ نياڻيون سياڻيون پهتل هيون ۽ ڪمرا ۽ وراندو مائُن ۽ ٻارن ۾ سٽيل هُئا، سو آخري خالي کٽ تي مان ۽ منهنجو جگري يار رمون ادا وڏي جي شاديءَ ۾ هل هنگامو ڪرڻ لاءِ منصوبا ناهي رهيا هياسين جو اِها نازي اچي نازل ٿي.

”جبار ! ڦتاڦٽ کٽ خالي ڪر، مهمان سمهندا“. اچڻ سان ئي امر حڪمران جيان حڪم هلايو هئائين.

”ڪنهن به شهنشاھ جو حڪم اسان تي هلي نٿو سگهي، ڇو جو اسان پنهنجيءَ دل جا بادشاھ پاڻ آهيون“.

”ڏس جبو ! کٽ خالي ڪر نه ته مان چاچيءَ کي چئيم، اُهي ڦُلن جيترا ڏند پيچائي ڇڏيندي سانءَ“.

ڏس نازي ! منهنجي ڏندن محترمن جي شان ۾ گستاخي نه ڪر نه ته مان تنهنجي الماڙيءَ ۾ پيل سيني ڪتابن کي ڪپائي پڪوڙا وني ڇڏيندس“.

تون ائين نه سڌرندين ! توکي به هٽلر وارو هَٺُ آهي، مان هاڻي ئي ٿي چاچيءَ کي وني اچان..... پوءِ ڏسان تون ڪيئن نٿو کٽ خالي ڪرين !؟“.

”پل وَج !اسان جي دل وڏي آهي!“.

”پاڻ آهين سيپڪڙو، وري دل وڏي آهي ! تنهنجي اها بوڙيندي جيتري دل به ڏني آهي، چاچيءَ جي ڪَرڙي اک ڏسندو آهين ته رات جو ٻارهين تائين گهر جو رخو ناهين ڪندو. اڌ رات جو لڪي لڪي اچي سمهي پوندو آهين؟“.

”نازي ! مڙسن جا قد ناهن ڪچبا، هشمت ڏسبي آهي !“.

”جبار ! خدا جو نالو اٿتئي، توسان مَٿو هڻڻ جڻ ٻوڙي جهار هڪلڻ“.

”مجئي نه !! ته اسان به ڪا حيثيت رکون ٿا“.

”هاڻي وچ وچ ۾ واڙي ۾ سمهي رهه، تو لاءِ اُتي کٽ رکي آئي آهيان“.

گڏھ وري هينگڻ شروع ڪيو، ننڍڙو ڪودو وڇير واري ڪونر ۾ پيل بچي سچي ڪُتر ۾ ڪٽي ڪائي رهيو هو. چاچيءَ (نازيءَ جي ماءُ) جون ٻڪريون ٻبر جون

چانگيل تاريون ڪائي رهيون هيون. سڄي واڙي اندر تي ٻڪريون، ٻه ڇيلڙا، هڪ وڇير ۽ سندس تازو ڄاول ڦر، ٻه ڳڏهه، هڪ ڪودو ۽ ادا وڏي جي شاديءَ لاءِ آٽايل ڪونهڻ هئا ۽ وچ تي منهنجي کٽ، انهن وچ ۾ پاڻ کي ڪڏهن ٻڪري ته ڪڏهن وڇير ته ڪڏهن ڇا پئي محسوس ڪيم. هي ٻه ڪو گهر؟! پنج آکهيون گڏ رهن، منهنجا تي ماما ۽ هڪ چاچو ۽ انهن سان ڏاڏي ڏاڏو ۽ ناني نانو به گڏ.

ادا وڏي لاءِ به چاچي ڪان ئي سڱ ورتو اٿئون، نازيءَ جي وڏي ڀيڻ آهي، اڻ پڙهيل ۽ سڌرلي آهي، صفا ناهي ڳالهائيندي، ڳالهائيندي به ته مطلب جي ڳالهه، پر خبر ناهي نازيءَ کهڙي ڪوهه جو پاڻي پيتو آهي ! مونکي ته لڳي ٿو اِهو سڀ ڪتابن جي ڪرامت جي ڪري اهي. خير ! هٿ مُنهن ڌوئي گهر ڏي آيس، سڄ مٿي چڙهي رهيو هو، صبح جا ست ٿيا هُئا ۽ اهو هوندو آهي چانهه پيئڻ جو وقت ! چانهه پيئڻ جو وقت هجي ۽ چانهه نه ملي، سمجهو ته ڪوپ ۽ ساسريون ٿيا ڇڙان پڙانءِ سوٽو اَمان جي هٿ ۾، هر نازيءَ جي گهر، هر مامن جي گهر ۽ ڪڏهن پنهنجي گهر، ڊڪندي ڊڪندي اَمان کي به سهڪائي وجهندس پوءِ چوندي ته:

”جبو ٻيهر ڪوپ ڀڳئي ته ماني به نه ملندئي !“ ۽ مان به ورندي ڏيندس ته، ”ماني نه ملي ته مان به گنديءَ جي ڳلڪڙي مان پلال جو ٻوهو ڪڍي، ڪٽڪ سرڪائي ڪڳي پوءِ دوڪان تي ڪپائي مگيرا ۽ لائي وني ڪائيندس“.ل پر اڄڪلهه ادا لوڏي جي ڪاچ جا ڏينهن آهن، اَمان به خطوش آهي ۽ اَبا ته آهي ئي صوفي منش ماڻهو، چانهه پيتي، ماني ڪاڌي، سڌو مسيت ڏي، ڏينهن رات عبادت ۾ پورو. ادا لوڏو شهر جي هڪ اسڪول ۾ ماستر آهي، صبح جو سائيڪل تي اسڪول ويندو ته سڄ لهڻي مس وڃي گهر موٽندو. چاچا کي نرينو اولاد نه اٿس، فقط ٻه ڌيئر اٿس ۽ ماما وارن جي آکهه منهنجي ڳڻڻ کان ڇڙهيل آهي.

کٽ تي وينس مس ته امان چانهه جو ڪوپ ۽ ٻه پاپا آڻي ڏنا.

”پٽ جبار ! چانهه پيئي، ڊورن لاءِ گاهه پنو ڪري اڇجانءِ“.

”ها اَمان!!“ منهن کي 1921ع جي غريب جهڙو ناهيندي چيم. چانهه پيئي ڏاٽو ۽ بوچڻ ڳولي رهيو هيس ته نانيءَ چيو: ”جبار ! منهنجي وڇير لاءِ به گاهه پروٽي آڻجانءِ!“. هيانءَ کي باهه جي ڄر وانگر تئہ اچي ويو، دل ۾ چيم ته وڇير جو نالو نه وٺ ناني..... وڇير منهنجو صبح خراب ڪري ڇڏيو آهي، ان وقت دل پئي چيو ته پنهنجن ٽن ازلي دشمنن ”دال، مڇر ۽ڪتاب“ ۾ وڇير جو نالو به شامل ڪري ڇڏيان. پر وري نند واري ديۇ جو چهرو ياد آيو، تڪڙو تڪڙو گهر کان ٻباهر نڪري آيس. رمونءَ کي ساڻ ڪري بنيءَ تان گاهه لُٽي آيس، گهر ۾ داخل ٿيس ته سڌي نظر نازيءَ تي پئي، ادا وڏي سان ڪجهه ڳالهائي رهي هئي، دل چاهيو ته ڏاٽو نڙيءَ تي رکي چوانس ته رات مڇرن، ديۇ ۽ وڇيرن مونکي اڌ مئو ڪري ڇڏيو هو، تو کٽ مال جي واڙي ۾ ڇو رکي هئي!؟؟ پرسان آيس ته ادا وڏو نازيءَ کي ڪجهه ٻڌائي رهيو هو.

”نازيہ ! دنيا جي مڙني ملڪن ۾ يا تہ بادشاهت هوندي آهي يا جمهوريت ! جمهوريت عوامي حڪومت هوندي آهي، عوام پنهنجا اڳواڻ چونڊي ڪرسين تي پهچائيندو آهي، جيئن برطانيہ ۾ بادشاهت آهي ۽ آمريڪا ۾ جمهوريت، توکي خبر آهي تہ ناياب هيرو ڪوهنور بہ برطانيہ جي راڻي ايلزبيٿ وٽ آهي، جيڪو ڳڏيل هندستان مان چوري ٿي برطانيہ پهتو.... سو ڳالهہ پئي هلي جمهوريت جي، تہ اڄڪلهہ جمهوريت ۾ بہ آمريت اچي وئي آهي، حڪمران پنهنجي ذاتي مرضيءَ موجب فيصلا ڪن ٿا. جيڪو ڏاڍو آ سو گابو آ، جيئن هاڻي صدر بش جهڙو ظالم بيهر آمريڪا جو صدر ٿي ويو آشهي!“.

مون گاهہ جي پري اُڇلي تہ نازيءَ چيڙائڻ خاطر چيو، ”جبار ! توکي خبر آهي، صدر بش ڪير آهي؟“

”ها خبر آهي! پنهنجو خانداني مائٽ آهي ! ڏاڏي واسرنج سان مٿي مائٽي ڪئي هُئي، هاڻي اسان جو ”پيٽ“ بہ رهيل آهي انهن ڏي !“ راتوکي باهہ پيٽ مان ڪيندي وراڻيو هئم پر ادا وارا کِل ۾ ڪيرا هئا.

مان ڪاوڙجي ٻاهر نڪري آيس، رمون سان گڏجي ”محمد شاهہ“ جي قبرستان مان ڳوهون پڪڙڻ لڳاسين، رمون ڳوهون پڪڙي ٻاگڙين کي ڏيندو آهي، جنهن جا هو ڪيس پئسا ڏيندا آهن پر اڄ ڪا بہ ڳوهہ هٿ نہ آئي، صبح ماني بہ نہ ڪاڌي هُئم، پيٽ ۾ ڪتا پئي پوُنڪيا، رمون کي چيم، ”رمون آنڊا گرڙ گرڙ ٿا ڪن بک ڏاڍي لڳي آهي !“.

”اڄ نياڳو ڏينهن هو جو روزي ئي نہ لڳي، اڄ تہ توکي پنهنجي گهر هلي ماني کارايان ٿو“.

رمونءَ جي گهر پهتاسين، رمونءَ جو پيءُ ريڙهي وهائيندو آهي ۽ ماڻس ٽوپي جو ڪم ڪندي آهي، ٽُڪ جون رليون تيار ڪري کپائيندي آهي، گهر جو خرچ هلندو اٿن.

مون کي ويهاري رمون اندران ماني ڪڻي آيو، ٻم اني ڪولي تہ ٻاچي ۾ دال هئي.

”رمون ! هي کهڙي مذاق آ؟!“.

”يار! ڇا ڪريان، ٻي ٻاجي ڪونہ ڇڙهي هئي!؟“.

”تون وڃي ڪاربانَ سان پنهنجو مُنهن ڪارو ڪر، مان هلان ٿو“.

ڪاوڙجي هليو آيس. شامہ جا پنج ٿيا هئا، پنهنجي پنج آکهين تي مشتمل غريب ڪالوني جهڙي گهر ۾ داخل ٿيس. امان ٽانوَ ملي رهي هئي.

”جبار پٽ! ماني کاڌي اٿئي!؟“.

”نہ امان، ڪونہ کاڌي اٿم!“. بي رخيءَ سان وراڻيم.

”ڇو جبو! ڪنهن سان ڪاوڙيو آهين ڇا؟!“.

”نہ امان ! منهنجو منهن ئي اهڙو آهي!“.

”تنهنجي طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ؟!!“ امان ٽانون مان هٿ ڪڍي مون وٽ پهتي.

”امان! مان مال جي واڙي ۾ نہ سمهندس!“.

”پٽ ! توکي ڪير ٿو مال جي واڙي ۾ سمهاري!؟“.

”امان، رات نازيءَ منهنجي ڪڻ مال جي واڙي ۾ رکي هئي، سڄي رات مڇرن مونکي ”ڊسپوزل سرنجون“ هنيون آهن ۽ نانيءَ جي وڇير منهنجو مُنهن ڇِتيو آهي ۽ اڪيلائيءَ ۾ مونکي هڪ وڏي ديؤ بہ ننڊ ۾ ڊيڄاريو هئو“.

”ان نازيءَ کي اڄڻ ڏي تہ مان سڌو ڪميانس تي!“.

”امان سڌو نہ ! ڦڏو!“.

”ها پٽ، جيئن تون چوندين، اوئين ٿيندو!“.

”امان، امان ! نازيءَ کي مڇرن واري مار ڏجانس“.

”شاباس پٽ، تون هاڻ ماني کاءُ“.

مون خوش ٿي ماني کاڌي، پڪ هئم تہ اَمان نازيءَ کي ضرور سنهي ٻُهہ مان ڪڍي ڇڏيندي. ان وقت ڪانئس سمورا ڪتاب بہ وسري ويندا تہ علمي جملن وارا ”ڪارتوس“ بہ چنڊ بندثي ويندا. گهڻ ۾ گهڻ منهنجي ٽن ازلي دشمنن مانهڪڙي ”ڪتاب“ مانتہ جند ڇُٽندي. ڪتاب تہ مان اسڪول بہ ڪونہ ڪڻي ويندو هئم، اگر ڪڻي ويندو هئم تہ بينچ تي رکي ٻين سان ڪاپي تي ڪڏهن استادَ جا ڪَنَ تہ ڪڏهن نڪ ۽ ڪڏهن وات ٺاهيندو هئس. هڪ ڏينهن ماستر منهنجي ڪاپيءَ تي پنهنجي تصويرَ ڏسي ورتي.

چيائين: ”هي ڇا ٺاهيو اٿئي؟!“.

وراڻيو هئم: ”سائين جهنگ ڪڪڙ آهي!“.

چيائين: ”هن جا ڪن تہ ماڻهوءَ جيئان آهن!“.

وراڻيم تہ: ”سائين ماڻهو هوندو!“.

چيائين: ”تون هتي پڙهڻ ايندو آهيان يا جهنگ ڪڪڙيون ٺاهڻ؟!“.

وراڻيم: ”سائين ڪاپي ڪري پاس ٿيل ماستر جا شاگرد ڪلاس ۾ جهنگ ڪڪڙيون ئي ٺاهيندا آهن!“.

ماستر ڪاوڙ ۾ ڪاپي منهنجي مُنهن تي هڻندي چيو: ”وڃي جهنگ ۾ جهنگ ڪڪڙيون پڪڙ، تون بہ پڙهي اڪ ڪارا ڪيا !“.

اهو ڏينهن هي ڏينهن، نہ مان اسڪول و يس ۽ نہ ئي ڪتاب هٿ ۾ ڪنيم، پر نازي ڪتابن جي ڪوئي، جيڪو ڪتاب هٿ چڙ؟هندي پڙهي نپوڙي ڪيٺديس.... پر اڄ سندس سڀ ڪتابن وارو علم هڪ ئي سوٽي سان اُڏري ويندس. مان بہ اَمان کي مڇرائي ڇڏيو اٿمانس.

رات جو ادا وڏي جا سهرا ڳائڻ اوڙي پاڙي جون ڪيتريون ئي مايون آيونهيون، ڪي ڊگهيون تہ ڪي بندريون، ڪي سنهڙيون تہ ڪي ٿلهيون، ڪي پوريون تہ ڪي سانوريون، پر نازي ڏاڍي پريشان هئي، رمون ۽ مان وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي کليا هُئاسون. اَمان مونکي وراندي ۾ نئين و اڻيل کٽ تي هنڌَ وجهي ڏنو ۽ مان سپنن جي دنيا ۾

هليو ويس، جتي امان نازيءَ کي سوٽن سان ڪٽي رهي هئي، نازي رانيات ڪري روئي رهي هئي. امان ڪيس مال جي واڙي ۾ پيل ڪٺ تي اُڇلي آئي، جتي سڄي رات ”ديؤ“هن کي ڏيڄاريندو رهيو ۽ميڇر هن جي مُنهن جي چوڌاري ”يون يون، ڪري رهيا هُئا“.

# پنجين رات

چرڪ ڀري ننڊ مان اٿي پيو، خوف هن جي رڳن ۾ رت جيان ڊوڙي رهيو هو، هن پنهنجي ٻنهي هٿن سان ڳوڏي کي پڪڙيو، ور ڪنجهي ڳوڏي کي ڇهي ڏنائي، هلڪي اطمينان جي لهر سڄي جسم\ڳڏري ويس. ٺهڪ ڏيڻ شروع ڪري ڏنائين، وري روئڻ لڳو، هن کي محسوس ٿيو ته هن جي کلڻ سان ڪمري جي هر شيءِ کُلي رهي هئي، هن جي روئڻ سان هر شيءِ روئي رهي هئي، هو مسلسل ڪجهه ڏينهن کان خوف ۾ رهيو هو،
ٻه مهينا اڳ هو پنهنجي پيءُ سان هت آيو هو " هن جي پيءُ کي هڪ پراڻو نقشو هيو جنهن جي آڌار تي هو هڪ ويران ۽ اڪيلي عمارت جي آسارن مان ظاهر هو ته ڪو چڏي هليو ويو هو . هڪ ڳوٺ ِعمارت جي پنئين پاسي ٻن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هو، جنهن جي وچان پاٽيءُ جو واه وهندو اپرندي پاسي هڪ ٻيو ننڍڙو ڳوٺڙو هئو ۽ ان ڳوٺڙي کان ڪجه پنڌ اورتي پراڻو ۽ وڏو قبرستان هو، قبرستان جي سڄاٽپ ٻاهڻ جو پنجاه سال پراڻو وڻ هو، جيڪو ان وقت ڇٽڻ ۽ سڪي وڃڻ ڪري ٻاڪڙ ٿي ويو هو.
هو پندرهن ڏينهن اَتي جي ماحول جو جائزو وٺندا رهيا، سڀ ڪجهه معمائي طور هلي رهيو هو، ڪڏهن ڪڏهن ڪو پلجي عمارت يا قبرستان پرسان لنگهندو هو . سورهين ڏيهن هن جي پيءُ پهنجي ننڍڙي پيتي کولي ۽ ان مان نقشوٻاهر ڪڍيو، نقشي کي ڏسي ڪنهن جاءَ تي هٿ رکي چيائين، "هي قبرستان ۾ ٻينل ٻاهڻ جو وڻ آهي، هن کان اوڀر طرف قبرن جون چار قطارون ڇڏي پنجين قطار ۾ ارڙهين قبر پرسان اسان کي هن نقشي جو بقايا حصو ملي سگهندو......" هو پيءُ جون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيو هو، "........ ۽ اڄ رات پاڻ هلي نقشي جو بقايا حصو ڪوٺي ڪيندا سين، تون ڪوٽائيءَ جو سامان هيڪو ڪري رکجانءِ"!
"ٺيڪ آهي!" هن وراڻيو هو.
ان رات چنڊ_مهيني جي چوڏهين رات هئي، هو منهن اونداهيءَ ۾ پنڌ ئي پنڌ روانا ٿيا، ڪٽي ڪٽي رستن جي لاهن چاڙهن تي ٽارچ جي مدد سان هلندا رهيا. اڳيان ٻاهن جي ٻاڪڻ وڻ کي اونداهي ۾ ڏسي،هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ڪو ديوءُ پنهنجون اڻ ڳڻيون ٻانهون ڦهلايون ٻيٺو هجي. پڻس پنهنجي ٽارچ جو رخ قبرستان ڏانهن ڦيرايو، قبرن جون قطارون ۽ انهن جي پرسان جهتَ، ڊپ ۽ ٻوڙا! ائين ٿي محسوس ٿيس جڻ ڪنهن گهاٽي ٻيلي مان ٻي ڏنار ردن جو ڏڻ اچي رهيو هجي. هو ٻاهڻ جو وڻ ٽپي قبرن جون قطارون ڳڻڻ لڳا، پنجين قطار سان هلندي ارڙهين قبر جي مٿان اچي ٻيٺا.
"پٽ! ٽيڪم ۽ ڪوڏر مون کي ڏي! تون ٽارچ جهلي ٻيه!" پڻس چيو هئس، پوءِ قبر جو سيمينٽ سان ٻڌل پلستر ٽيڪم ۽ ڪوڏر جي مدد سان ٽوڙڻ لڳو، قبر جو ڪُتبو ٻاهر نڪري آيو، سنگ مرمر جي گهڙيل ان ڪُتبي کي ٽارچ هنيائين، ڪتبي تي لکيل

هو،”قمر الدين ولد اڪرم الدين. وفات 2 جمادالاول 1402 هجري مطابق 9مارچ 1981ع بروز سومر“.

ٽارچ جي مدد سان ڪُتبي جي پنيان ڏنو، ڪا شيءِ جنبڙيل محسوس ٿيس، سَٽ ڏئي پٽي ورتائين، ته ڪوليندو ويو آخر ۾ هڪ پراڻ پنو ظاهر ٿيو.

مليويو! پٽ، نقشو ملي ويو!“ پٽس خوش ٿيندي ٻڌايس، هو ٽيڪم ۽ ڪوڏر ڪٽي پيءُ پنيان قبرستان مان نڪري آيو. ڪجھ ڏينهن هو ان نقشي جي نشانين تي بعث ڪندا رهيا.... هڪ رات اچنڪ هن جو گهران نڪري ويو، هو سڄي رات تڪيندو رهيو پر پٽس واپس نه وريو، هو پيءُ جي ڳولا ۾ هر روز هيڏانهن ڪان هوڏانهن وڃڻ لڳو.... ۽ هڪ رات جڏهن هواپرندي ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو ته ڪيس هڪ ڍير ڏسڻ ۾ آيو، ٽارچ هٽي ڏٺائين هن جي پيءُ جو لاش هو. زوردار جهٽڪو لڳس، ڪرندي ڪرندي پاڻ سيااليائين، پٽس جا لٽا ۽ ڪپڙا چيڪي مٽي ۾ ٿڦيل هئس ۽ وات ۾ هڪ ٽوالڙو ڦاٿل هئس، چيڪي مٽي ٿڦيل ڪپڙن ۽ هٿن محسوس پئي ڪرايو ته هن هٿن سان کوٽائي ڪئي هوندي يا ته هن سيني پر ريڙهيون پاتيون هونديون، هو لاش کي سورڻ لڳو، سوريندي هن جي نظر هٿ ۾ پيل نقشي تي پئي. نقشو هٿ مان ڪڍي پنس جي جڪيٽ جي کيسي ۾ وڌائين.

پيءُ جي موت هن کي هيٺو ڪري وڌو هو. هو پورا ڏھ ڏينهن گهران نه نڪتوهو،يارنهن ڏينهن پيءُ جي قبر تان موٽيو ته جوش جذبا اٿي پيس، گهر اچي نقشو ڳولڻ لڳو، جيڪو وسري ويو هئس، نقشو پٽس جي پراڻي ننڍڙي پيتي مٿان پيل جيڪيٽ جي کيسي ۾ پيو هو، نقشو ڪڍيائين ته هڪ ٻيو پنو به هيٺ اچي پيرن ۾ پيس، ڪٽي پڙهڻ لڳو، ”....پيارا پٽ! نقشي جي هڪ نشاني هن عمارت جي پنئين پاسي ٻه ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي جيڪو ڳوٺ آهي اتي ملي ويندي. اتي هڪ مسجد آهي ۽ ان جي صحن ۾ نلڪو ۽ نلڪي جي پرسان پيل پٿر هينيان نشاني “!

هن کي هتي ٻن ڏينهن گهٽ ٻه مهينا ٿيڻ تي هئا. شام جا پاڇا لڙي چڪا هئا، هلڪي اونداهي ڇائنجي چڪي هئي، هو ان وقت پنهنجي لاءِ چانھ ناهي رهيو هو ته ٻاهرون دروازو کڙکڻ لڳو، پهرين آهستي پوءِ تيز ۽ پوءِ بس تمام تيزيءَ سان کڙکي رهيو هو. هن کي تعجب ٿيو ته هن ويراني ۾ ڪير اچي سگهي ٿو؟ چانھ لاهي هو دروازو کولڻ آيو. دروازو کولي چڪو ته چرڪ نڪري ويس. ٻاهر هڪ جهور ڪراڙي بيٺي هئي، جنهن جي ڇهري ۾ گهنج ايترا ته هئا جڻ نوڙيون وٽيل هجن. پوڙهي جا وار بلڪل اڇا هئا، ڪيس ڪنن ۽ ڳچي ۾ سونا زيور پهريل هئا ۽ پوشاڪ به شاهاڻي هيس ۽ هٿ ۾ ٽوالڙو هيس.

”توهان جو ڪنهن ۾ ڪم آهي!؟“

”ڪم ....!؟؟ ڇئين ڇا پيو!؟ مان هن گهر جي مالڪياڻي آهيان ۽ تون منهنجو جيون جيون جو ساٿي!“ اهو چوندي پوڙهي اندر گهري آئي هو ڪيس عجب وچان ڏسندو رهيو،هاڻي هوءَ اندرئين ڪمري وٽ پهچي چڪي هئي ،هو به پنيان پهتس.

”مان تهنجو ڪيترين ئي صدين کان انتظار ڪري رهي هيس ازل کان منهجي جيون ـ ڏور تنهجي جيون سان جڙيل آهي ۽ تون اهڙو بيدرد آهئن جو اڄ ظاهر ٿيو آهين“!
”پوڙهي ! مان عزت ڪري رهيو آهيان ، ان جو مقصد اهو ناهي ته مان تنهجي ڍونگ کان اڻ واقف آهيان“!
”ڇا، مان ڍونگ پئي ڪريان ؟؟! اڄ تون ننڊ ۾ ته نه آهين !؟ تارا ڪولي ڏس مان تنهنجا ور مان تنهنجي وني آهيان“!
”او پوڙهي ! شرم به نٿو اچئي ائين چوندي !؟“
پڙهي ڪاوڙ ۾ تپندي برسان واري ڪمري ۾ هلي وئي ۽ نئي لمحي هڪ سينگاريل اپسرا ڪمري کان ٻاهر نڪتي ۽ به ڪمري ۾ هلي وئي ، هن جون اکيون ڦوٽارجي ويون ، جلد ئي ساڳي ڪمري مان پڙهي پڻ پڻ ڪندي ٻاهر نڪتي.
”تون سدائين منهنجي دل ٽوٽيندو آهين! تون مڪار آهين! تون ڪوڙو آهين!“ پوڙهي ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهي ٿي وئي ۽ پوءِ ٺوڙ ڦوڙ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. هيڏانهن جو سامان هوڏي، ڪوهيٺ، ڪو متي اڇلڻ ۽ ٽوڙڻ لڳي. هو خاموش بينو ڏسي رهيو هو. پوڙهي ٺوڙ ڦوڙ ڪيندي رهي ۽ آخر ۾ پڻ پڻ ڪندي ٻاهرين دروازي کان ٻاهر نڪري وئي. هو سڄي رات سمهي نه سگهيو، ڇڻ ڪنهن هن جي سوچ جي چولي تي پوڙهيءَ جي ياد جو ڪائو ٽوپي شيسو هڃي.
ٻي رات جڏهن هو گهران نڪري آيو ته پنيان ڪنهن هڪل ڪيس، هن پنيان ڏنو ته هڪ اٺ ڊوڙندو هن طرف اچي رهيو هو. اٺ جي پنيان ايندڙ همراهه هن کي پڃي وڃڻ جا اشارا ڏئي رهيو هو. ان کان اڳ ڇتو اٺ هن متان اچي ڪڙڪي، هن ڊوڙ شروع ڪئي، ڊوڙندي تمام اڳتي نڪري آيو، هن پٺ تي نظر ڪئي، اٺ مسلسل هن جي پنيان اچي رهيو هو پر اٺ پنيان ايندڙ همراهه غائب هو هن کي لڪڻ جي ڪا واهه نظر نه آئي بس هڪ کوهه نظر آيس، جيسين هي ڪو فيصلو ڪري اٺ متان اچي ڪڙڪيس، جلديءَ ۾ کوهه ۾ ٽپو ڏنائين، ٽپو ڏيڻ کان پوءِ کيس احساس ٿيو ته هن ڪيڏو نه غلط فيصلو ڪيو هو، ڇو ته کوهه بلڪل ڦتل هو، گپ پريو ميرو پاڻي تري ۾ بينل هو، ڊنگهر ۽ ٻيو ڪچرو پاڻيءَ ۾ ايريل ۽ ٻڏل هو. ڏيڏر به ڳلڪڙن ۾ وينل نظر آيس، کوهه کو خاص اونهو ڪونه هو. اٺ گول چڪر ڪاٽي اتي ئي ويهي رهيو. هنجي نظر ترڪي ڊنگهر تي وينل وڇونءَ تي پئي، وڇونءَ کي ڏسي هن جي لونءَ لونءَ ڪانڊرجي وئي، پر وري به همت ڪري اڳتي وڌيو، آهستي آهستي ڊنگهر کي پاڻي کان ٻاهر ڪڍيائين ۽ پوري طاقت سان ٻاهر اڇليائين، ڊنگهر وڇونءَ سڌو اٺ متان اچي ڪريو ۽ وڇون اٺ کي ڏنگي وڌو. وڇونءَ جي زهر ڪري، اُٺ وڏي رنڀ ڪري، پنهنجي منڍي پَٿَ تي ڍاري ڇڏي.
کوهه ۾ لڳل سرن جي وٿين ۾ آڱريون ڦاسائيندو متي نڪري آيو. ٺڏو چوڪارو پريائين، اٺ تي نظر پيس، حقارت مان ڪڪ ۾ لت هنيائينس، هن جي لت گوڏي تائين اُٺ جي ڳري ويل ماس ۾ اندر لهي وئي، ڇڪ ڏئي اُٺ جي ڳريل ماس مان ٻاهر ڪڍيائين،

سڄي گوڏي مان رت ٽميس پئي، گوڏي جو ماس ڳري رهيو هيس، ڏاڍيان رڙيون ڪرڻ لڳو.

ڇرڪ ڀري ننڊ مان اٿي پيو، خوف هنن جي رڳن ۾ رت جيان ڊوڙي رهيو هو. هن پنهنجي ٻنهي هٿ سان گوڏي کي پڪڙيو، وَرَڪنجي گوڏي تي کهي ڏنائين، هلڪي اطمينان جي لهر سڄي جسم مان گذري ويس. ٿهڪ ڏيڻ شروع ڪري ڏنائين، وري روئڻ لڳو. هن کي محسوس ٿيو ته هن جي ڪلڻ سان ڪمري جي هر شيءِ روئي رهئي هئي ۽ هن روئڻ سان ڪمري جي هر شي روئي رهئي هئي ، هو مسلسل ڪجهه ڏينهن کان حوف ۾ رهيو هو.

هو حوف جي ڪجهه لمحن کي همت ۽ جرئت تي حاوي ٿيڻ نه ڏيندو هو ، ڇو جو اهي ٻئي حبوبيون هن کي جنگجو پيءُ کان ورثي ۾ مليون هيون ، هن جو جنگجو پيءُ جيڪو سدائين جانبازي ۾ رڌل هو ، ڪيس هڪ پراڻي دوست حط وسيلي پنهنجي پوريل ملڪيت جو نقشو موڪليو هو جنهن جي ڳولا ۾ هو هت آيا هئا ، پيءُ جي حفيه موت کان پوءِ هو هيڪلو ٿي پيو هو پر ان واقعي هن جي مشين جي تڪميل تي اثر وڌو هو .

ٽئين رات هو عمارت جي پنئين پاسي واري ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو . چانڊوڪي رات هئي ، نظر جي پهچ جا تير پري پري تائين اڇلجي پئي لڳا ، رات جا پکي ڪٽي ڪٽي اڏامندي ۽ وينل ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا ، هي واه جي ڪپر تي هلڻ لڳو واه جي تري ۾ بينل پاڻي ، چنڊ جي ڏيمي روشني ۾ ڪير _ نئين جو منظر پيش ڪري رهيو هو. هو ڳوٺ جي ويجهو اچي، ڳوٺ ۾ داخل ٿيو. ڳوٺ اندر سڀ جا سڀ گهر ڇت اڪڙيل هئا،شايد هتان جا رهاڪو لڏپلاڻ ڪري ويا هجن ۽ لڏڻ ڇتين ۾ پيل ڪاٺ جا پڇر ۽ ورا ڪڍي ڪٽي ويا هجن .اڪڙيل ڀتين تي وڏي تعداد ۾ ڇبرا وينل هئا ايئن پئي محسوس ٿيس ته جڻ ماڻهن جا ڏڙ ڪپي ، اڇلي منديون ڀت تي رکي ڇڏيون ويون هجن . ماڻهوءَ جو واسو پاڇو به ڏسڻ نه ٿي آيو ، هن کي ٻئي ڪپر تي وڃڻ لاءِ ڪاٺ جي نهيل ننڌ ڏسڻ ۾ آئي ، هو جيئن ئي ڪاٺ جي پڇرن جي نهيل اها گذري رهيو هو تنهنجي ته ڏيڏرن جي ” ٽان ٽان “ ۽ ” سرر سرر“ جا عجيب آواز هن جي ڪنن ۾ ٻرڪي رهيا هئا ٻنڌ ٽپي ٽورو اڳتي آيو ، اڳيان نم جو گهاٽو وڻ هو ، جنهن جا اڌ کان گهڻا پن پيلا هئا چانڊوڪي هوندي به نم جي هينيان اونده هئي ، نم کان اڳتي مسجد هئي ، هو جيئن ئي نم کان اڳتي اچي ، مسجد جي دروازي کان اندر داخل ٿيو دروازي تي ڪا سنهي تندن واريءَ شيءِ هن جي ڇهري تي چنبڙي وئي ، هن جهٽ ۾ لاهڻ چاهي پر ناڪام ويو ، ڇو جو اهو در تي ناهيل ڪورئيڙي جو ڄار هو . هو مسجد جي صحن ۾ داخل ٿيو، هر شيءِ تي مٽيءَ جو هلڪو تهه ۽ دز ڏسڻ ۾ آيس . نلڪي پرسان آيو ، وڏو پٽر پيل هو ، پوريءَ طاقت سان ڌڪو ڏنائين ، پٽر هينان هڪ پراڻي اخبار ويڙهيل پئي هئي، هن جهٽ ۾ ڪٽي ورتي اخبار جي اندرئين ته ۾ اچو پنو پيل هو، پڙهڻ شروع ڪيائين.

” پيارا پٽ! ان رات نقشي جي نشانين تي بحث ڪري رهيا هئاسين ۽ مان گهران نڪري آيو هئس، صرف ان لاءِ تہ پنهنجي دليل جو ثبوت هٿ ڪري توکي ڏيکاريان. منهنجي دوست قمرالدين ولد اڪرم الدين جيڪو ملڪيت جو نقشو مون ڏي موڪليو هو جنهن جو بقايا حصو پاڻ گڏجي قمرالدين جي قبر جي ڪتبي مان ڪڍيو هو، ان جي آڌر تي مان ملڪيت جي پوريل جاءِ تي پهچي چڪو آهيان، اُتي ڪراس جو نشان لڳل آهي ۽ اهو حصو ان ساڳي قبرستان جي آخري ڇيڙي وٽ آهي، اتي هينيائين هجڻ ڪري برسات جو پاڻي بيٺل آهي ۽ اڄ رات اتان مان واپس گهر ايندس. فقط تنهنجو پيءُ“.

هن چٺي پڙهي پوري ڪئي تہ لڙڪ لاڙ ڪري وهي هليس. پيءُ کي ياد ڪري هن ڪان پنهجو پاڻ بہ وسري ويو هو. يادن جي وڻ ويڙهي ڪان خيالن جي لام آجي ڪيائين تہ ڪيس واپس ورڻ جو خيال ٿيو. هن نلڪي تان هٿ منهن ڌوئي ڪوريڙي جي چار جون تندون لاهڻ چاهيون، نلڪي جي پرسان اچي، نلڪو گيڙڻ شروع ڪرڻ لڳو.

” نلڪو مان گيڙيان ٿو....!تون منهن ڌوئي وٺ!“ هن جي پنيان ڪنهن جو آواز آيو، هن ڇرڪ ڀري ڪنڌ ورائي ڏٺو، هڪ سفيد ڏاڙهي وارو شخص بيٺو هو.

” دڄ نہ! مان هن مسجد جو پيش امام آهيان پر سالن ڪان وٺي مقتدي ناهي آيو.... تون منهن ڌوءُ، پوءِ ڳالهيون ڪريون ٿا“!

منهن تي بہ ڇنڊا هني هن ان شخص ڏي نهاريو، هو نظر نہ آيس، هيڏي هوڏي نهاريائين پر ڪاريءَ وارا ڪک، تڪڙا قدم کڻندو ٻاهر نڪري ايو، ڇهرا بدسوريتين تي وينل هئا، هن کي ائين لڳو ڄڻ هن خوفزده ٿين تي ڇيهارا ڪڍي ڪلي رهيا هجن. جڏهن هو عمارت وٽ پهتو، درواز کولي وراندي ۾ پيل کٽ تي ڪري پيو ، وڏا ساهہ کڻي جسم کي هلڪو ڪيائين ، ڪجهہ گهڙين ۾ ئي خوف جا پکي هن جي ذهن جي پڙ تان اڏامي ويا.

چوٿين رات تيز هوائون گهلي رهيون ، هو گهران نقشو ۽ ٻيو کوٽائيءَ جو سامان کڻي نڪتو ، اڃا ستڪو پنڌ جو مستقبل وڌيو تہ هلڪي بوندا باندي شروع ڪئي وئي ، جلديءَ ۾ واپسيءَ جو فيصلو ڪيائين ، اڃا عمارت ۾ داخل ٿيو مس تہ ٻاهر تيز برسات وسڻ شروع ٿي چڪي هئي ، عمارت اندر پر اسرار سناٽو ڇانيل هو ، هن جلديءَ ۾ لالٽين ٻاري ۽ ڪمري جي پنئين پاسي واري دريءَ وٽ اچي بيٺو ، جيڪا ٻاهر طرف کلي رهئي هئي . کنوڻ جو چمڪاٽ ، گاج جي گجگوڙ ۽ بوندن جي ڇرر ڇرر جو آواز ڪيس اڳ ڪڏهن بہ ايڏو پوائتو نہ محسوس ٿيو هو . کٽوڻ جي فليش بار بار ٻاهرين منظر جا فوٽو ڪڍي رهئي هئي . رات جي وچ ٿيڻ تي برسات ٿڪل مسافر جيان بس جي وڻ هينان پنهاهہ ورتي.

صبح جڏهن هن ٽڪ نيٽڻ سان ننڊ ـ نگر کي الوداع چيو تہ سڄو ماحول تازو تازو محسوس ٿيس ، پنئن پاسي واري دريءَ کان ٻاهر ڏٺائين تہ وهنتل ماحول ۾ ڌوتل منظر سرير کي سرور ڏئي رهيا هيس . هو ڪجهہ ڏينهن جو ٻاهر نہ نڪرندو هو ، ڇو جو

ڪيس پوءِ هو تہ متان سندس مهم جي سڌ ڪنهن کي پئجي وڃي ، ڇو جو ڪجھ ڏينهن اڳ ٻن ماڻهن ڪيس مشڪوڪ نظرن سان ڏٺو هو . هن هاڻي جلدئي اهو علائقو ڇڏڻ ٿي چاهيو ، ڇو جو اڪيلائي ۽ خوف ڪيس تنگ ڪري رهيو هو ، هو مهم اڪلائي پنهنجي ديس وڃڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪو هو .

پنجين رات هن جا قدم هلڪي گپ چڪ واري دڳ تي هلڻ شروع ڪن ٿا . ڪلهن تي کوٽائي جو سامان هيس ، اوچتو اڻ ڄاتل ڪڙڪي تي بيهجي وڃي ٿو ، ٽارچ جي مدد سان ڏسي ٿو ، اڳيان ٻاهڻ جي ٻاڪڙ وڻ جا ڏار ڪريل پيا هئا. جن وچان ڪو رولو ڪتو ٽپي رهيو هو. ٽارچ جي روشني پوڻ تي حيسجي بيهي رهيو اوچتو تيزيءَ سان نڪري گم ٿي ويو آسمان تي ڪڪر ڇائنجي چڪا هئا ، هو ڏار کي سوري اڳتي ٽپي ويو، سناٽي ۾ قدم ڪڻندو اڳتي آيو ، جتي ڏيئو ٻري رهيو هو،جتي ڪا تازي قبر ٺهيل هئي.

هو رڙندو قبرستان جي آخري ڇيڙي وٽ پهتو جتي پراڻيون متيءَ جون قبرون ٺهيل هيون ، برسائي ڪاٺ جي تختين مان ٺهيل ڪراس جو نشان ڪتل هو پر ان جي چوءِ گرد برسات جو پاڻي بيٺل هو. هن سامان لاهي رکيو. هڪ ٻشاخيءَ وارو لڪڙ پرسان ٽنبي ان جي هڪ شاخ ۾ ٽارچ ٻاري لڙڪائي ڇڏيائين. ۽ ڪوڏرءِ بيلچي سان ڪڏو کوٽڻ شروع ڪيائين رات ڳاڏيءِ جا ڦيٿا آهستي آهستي ڦرندا رهيا. هو اونهو ڪڏو چڪو هو هاڻي هن هڪ واهي ناهي . جنهن مان ڪراس وٽ بيٺل پاڻي اچي ڪڏي ۾ پئي پيو. پاڻيءَ جي ٻڙايل گپ کي ڪنديري، هو ڪراس جي نشان کي ڪيڻ لڳو. نسان اهو ڪتل هو، هن جي زور لڳائڻ سان ٻاهر نہ نڪتو، هن کوٽائي شروع ڪئي، کوٽيندي هن جي ڪوڏر ڪنهن سخت شيءِ سان ٽڪرائي، ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين، انسان ٻانهن جو هڏو هو، ڪٽي پري اڇليائين، آسمان اڄ بہ ڪڪرن سان ڍڪيل هو، هن جي ٽارچ جي رشني بہ ختم ٿي چڪي هئي مسلسل کوٽائي ڪري رهيو هو.

اچانڪ عجيب چرپر جو آواز هن جي ڪنن تي پيو، هن جي نظر ٽڪجي وئي . تازي قبر جي پرسان ٻرندڙ ڏيئي وٽ ڪا چرپر سمجھ ۾ آيس ، پر ڏيئي جي جهيڻي روشنيءَ ۾ ڪجھ ڏسي نہ سگهيو، اچانڪ ڏيئي جي روشني تيز ٿيندي وئي... ايتري جو هر شيءِ چٽي ڏسڻ ۾ پئي آئي، هن کي ڪراس پرسان ننڍڙيون کوليون ۽ ماڪوڙيون بہ ڏسڻ ۾ آيون.

سامهون ڪجھ ڏسي چرڪ پري پوئتي هٽي ويو، هن کي اعتبار نہ ٿي آيو گهوري ڏٺائين. ان روشنيءَ جي وچ تي اها ساڳي پوڙهي عورت بيٺي هئي ، جنهن عمارت اندر داخل ٿي ، هن کي تنگ ڪيو هو،جنهن جي ڇهري جا گنهج چٽا ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا، اڃن وارن باوجود ڪيس ڪنن ۽ ڳيچيءِ ۾ سونا زيور پاتل هئا ۽ هٿ ۾ ٽوالڙو هئس، روشني ايتري تہ وڌي چڪي هئي جو هو مسلسل پنهنجون اکيون کولي نٿي سگهيو پوڙهي قبر تي جهڪي رهي هئي جو هن تي نظر پيس پوڙهي جو منهن ٽپي ڳاڙهو ٿي ويو هڪ تيز گهور تي وڌائين ۽ پوءِ اوچتو اهہ روشني گهٽبي وئي ۽ فقط

ڏيئو ئي ٽمڪڻ لڳو پوءِ اهو ڏيئو ٻه وسامي ويو هن جي اکين اڳيان اوندهائي ڪائنجي وئي هو ڪجهه ڏسڻ لاءِ اجان اکيون ڦوٽاري ئي رهيو هو ته پنيان ڪنهن زور دار ڌڪو ڏنس ڪراس جي نشان پرسان ڪري پيو، هٿوراڙيون هٽي ٻئي هٿ ڪراس ۾ مضبوط وڌائين، ڪنهن ٽنگن کان وٺي اهڙي ته ڇڪ ڏنس جو ڪراس سوڌو ڇڪجي وڃي پري ڪريو اجا اٿڻ جي مس ڪيائين جو مٿان ڪا ڳري شيءِ ڪريس، منهن ڀر وڃي ڳپ ۾ ڪريو هو سيني ڀر رڙيون پائڻ لڳو ڪنهن وارن کان پڪري وات ۾ ٿوالڙو وڌس، هن سٽ ڏئي ٿوالڙو وات مان ڪڍي اڇلائي ڇڏيو، هاٽي مٿان ڳراڳرا ڌڪ لڳي رهيا هئس، عضون مان رت ٽمڪڻ لڳس، هن جا ڪپڙا جسم چيڪي مٿيءَ ۾ ٿڦجي ويا، هو سيني ڀر رڙهندو قبرستان کان ٻاهر نڪتو، ڳرا ڌڪ لڳڻ بند ٿي چڪا هئا ڇو جو ٻاک ڦٽڻ لڳي هئي، هونساهو ٻٽيو پيو هو، هنجي چوڌاري صبح ٿيڻ جي روشني ڇٽڪارجي رهي هئي. هن اکيون پٽيون، منهن آليءَ مٽيءَ مٿان پيو هيس، وات مان  رت وهندي مٽيءَ ۾ ملي ويو هو، عضو عضو ساڻ هيس. پاڻ کي ساڳيءَ جاءِ تي ڏٺائين جتان پيءُ جو لاش کنيو هئائين. ٿورو ڪنڌ مٿي ڪنيائين، هٿ کي سوريندي ڪيسي ۾ وڌائين.....پوءِ نقشي وارو پنو ڪڍي وات ۾ وجهي رت هاڻن ڏندن سان چباڙي ٽڪي، اڇلائي فٽي ڪيائين ۽ پوءِ ڪنڌ ساڳيءَ مٽيءَ  واري جاءِ تي رکي ڇڏيائين.

# وڏو چريو

مينٽل هاسپيٽل جي گرائونڊ فلور وارڊ نمبر ٻه جو مين گيٽ کليو،وارڊ انچارج هڪ پوڙهي کي ڪن کان پڪڙيندي بيڊ نمبر ست وٽ آڻي ويهاريو.
”هتي آرام سان ويهي رهه! ٻاهر نڪتين ته چتو ڪتو بچيندو سانءِ!“پوڙهو خاموش ٿي ويهي رهيو،وارڊ انچارج گجندو مين_گيٽ بند ڪري ٻاهر نڪري ويو.
سڀ چريا نئين چري جي آمد تي تاڙيون وڄائي خوشيون ڪرڻ لڳا.
”پڪ زال چريو ڪيو هوندس!“ بيد نمبر ڇهه تي ويٺل رمضان چيو.”وهي ڪائي ويو آهي ڪل ٽڙي وئي هوندس!“بيڊ نمبر چار جي ضَمير چريي چيو.
”ڪچا پتالون ڪاڏا هوندئين،شڪل مان ئي پاڙيو ٿو لڳي!“بيڊ نمبر اٺ جي چريي چيو.
”اسڪول ۾ جڏو هوندو،ماستر هيڏي موڪليو اٿس!“بيڊ ٻه جي لعلڻ چيو.
”نه ڙي ڪاڪوس ۾ ترڪي پيو هوندو، مٿي ۾ ڌڪ لڳو هوندس ۽ چريو ٿي پيو هوندو!“بيڊ نمبر نَوَ جي گلڻ چيو.
”توهان سيئي پاڳل آهيو،ڏيُ پڇي وئي هوندس!ڳولي ڳولي چريو ٿي پيو هوندو!“ڪرم چريي بيڊ پنجين تان ڳالهايو.
پوڙهو روئڻ لڳو،سڀ چريا خاموش ٿي ويا.
”هي ته ڪو” وڏو چريو“ آهي،روئي ٿو!“بيڊ ڇهه جي رمضان چيو.
سڀ چريا پنهنجي بيڊ تان اٿندا،بيڊ نمبر ست وٽ گڏ ٿي ويا .
”اڙي پوڙها روئين ٿو!ماڻهو روئڻ لاءِ چريو ٿورئي ٿيندو آهي!ماڻهو ته کلڻ لاءِ چريو ٿيندو آهي!حرڪتون ڪرڻ لاءِ چريو ٿيندو آهي! اڙي سڀ کلو !بيڊ نمبر چار جي ضمير سيني کي چيو.
”جيڪو نه کلندو ان جي ڪري.............!!“بيڊ اٺ جي نواز گار وڏي.مينٽل هاسپيٽل جي گرائونڊ فلور جو ورڊ ٻه ٺهڪن سان گونجي اٿيو.سڀ کلي کلي ڪيرا ٿي پيا .اچانڪ وارڊ جي مين گيٽ کلڻ جو آواز آيو،وارڊ انچارج ڇهبڪ اٿ ۾ ڪٽي داخل ٿيو،هڪ ٻن کي وهائي ڪڍيائين.
”حرامي ڦرئو!“گوڙ نه ڪيو، وڏو ڊاڪٽر آيل آهي.....نه ته پٽر ڪٽرائيندو مانوَ!“وارڊ انچارج،گيٽ بند ڪري ٻاهر نڪري ويو،سڀ چريا پنهنجي پنهنجي بيڊ تي ڪرڙيون هڻي کلڻ لڳا. بيڊ نمبر ٻه جو لعلڻ ڪاوڙجي غسل خاني هليو ويو.بيڊ اٺ جو نواز کلندي بيڊ تان ڪري پيو. هيٺ فرش تي ڪرڙيون هڻڻ لڳو.لعلڻ غسل خاني مان پراڻو ڏندن جو برش کڻي آيو ۽ نڪ تي هڻڻ لڳو.
”اڙي چريا مٿي نه ٿورو هيٺ ڪري هڻ!“بيڊ نَوَ جي گلڻ چيس.
”چريو هوندو پٺهين!چري هوندي ماڻهين!مان چريو ناهيان!باقي ڪلهه ڏند صاف ڪيا هئم ۽ اڄ نڪ صاف ڪيان ٿو!لعلڻ چيس.

اچانڪ يونيورسٽي ٽوئر تي نڪتل وين اسپتال داخل ٿي .شاگرد ۽ شاگردياڻيون وارڊن جي شيخن لڳل درين وٽ ڪنڌري ويا،وارڊ ۾ جا چريا ٻه درين وٽ پهچي ويا.

”وادا!وو پائو خدا سنئون مان چريو ناهيان!مونکي زال زوري چريو ڪيو آهي بيڊ نمبر ڇهه جو رمضان درئ وٽ بيٺل ڇوڪرن ڪي چوڻ لڳو.

”او ادي ڳاڙهن ڪپڙن واري!مونکي وٺي هل،منهنجي چار هزار فيس پر ته توسان گڏجي هلندس........قسم سان مان گولڊليف جي پاڪيٽ ۾ ڪي_ٽوسگريٽ وجهي پيئندو آهيان!“ بيڊ انين جي نواز چريي ايلاز ڪيس.

”نه نه هي حرامي ڪوڙ ٿو هڻي، مان پن جي ٻيڙي ٻه نه ڇڪيندو آهيان،مان رڳو ڪيلا کائيندو آهيان ،ڪم ٻه گهٽو ڪندو آهيان .“لعلڻ نواز جي بغل مان منهن ڪڍندي چيو.

”او پائو ٽوپي وارا!هي ٻئي هيروئني اٿئي !مان خانداني ماڻهو آهيان، منهنجو پاڙ وڏيرو آهي.وڏو اطاق آهي،پري پري کان مهمان ايندا اٿس، اهي چرس ٻه ڪٽي ايندا آهن ۽ منهنجو پاڻ انهن کان وٺي ڳوٺ ۾ جوءِ ۾ کپائيندو آهي مونکي وٺي هل هڪ ئي مهيني ۾ پنج هزار ڪمائي ڏيندو سانءِ!“بيڊ چار جي ضمير ٻنهي چرين کي ڌڪا ڏيندي چيو.

يونيورسٽي جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون ٿهڪندي ٻين وارڊن ڏانهن وڌي ويا.انچارج اندر داخل ٿيو،سپ چريا پنهنجي پنهنجي بيڊ تي ويهي رهيا.

”ڳالهه ٻڌو!وڏو ڊاڪٽر وارڊن جي دوري تي اچي رهيو آهي، ڪنهن ٻه اگر شڪايت ڪئي ته اُفٽ مري ويندو“.وارڊ انچارج دابو ڏيندي چين.

”ٻئي شڪايت نه آهي پر مان ڪڪڙ جا آنا نه کائيندس،ٻهراڙيءَ جون ڪڪڙيون ڇيڳريون ميرا آنا لاهن ٿيون ۽ شهر جي ڪڪڙين جي آنن مان فيئرن لولي ڪريم جي ڌپ اچي ٿي،تنهڪري مان هاڻي آنا نه کائيندس.“ لعلڻ وراڊ انچاج کي چيو.

”چڱو چڱو، توکي ٻيهر ٻليءَ جا آنا کارائيبا !“ وارڊ انچارج ورنايس.

”نه با !ٻليءَ جا آنا حرام آهن!مان نه کائيندس“!

لعلڻ توبه ڪرڻ لڳو.

تون ٻه ته حرام آهينڌ! حرام کادئي ته ڇا تي پيو“!

وارڊ انچارج چيس.

”او صاحب مان ٻه شڪايت نه ڪندس،مونکي رڳو ڄام شوري جي چرس جوهڪڙو وزم آني ڏيو!“ نواز چريي وارڊ انچارج کي هٿ ٻڌندي چيو.

”اڙي ڄام شوري جو چرس ڇو؟ ڪوئيٽه جو ڇونه !؟؟“وارڊ انچارج چيس

”ڄام شوري جو چرس پلو آ ابا!“نواز کُڇيو.

”ڇو ڄامشوري جو چرس پلا سنڌ يونيورسٽي جا پروفيسر ٺاهيندا آهن ڇا!؟“ وارڊ انچارج ڪلندي چيس.

سڀ ڇريا خاموش ٿي ويا، فقط ”وڏو ڇريو“ ڪنگهي رهيو هو،جو جو وارڊ انچارج جو چرچو ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ آيو.

..............”۽ ها ٻڌو!اگر ڪنهن شڪايت ڪئي تہ سمجهي افٽ مري ويو!“وراڊ انچارج ٻاهر نڪري ڇوڻ لڳن.

”اڙي ڪلو........!جيڪو نہ ڪلندو ان جي ڪري..........!!“ وارڊ انچارج جي نڪرندي ئي نواز ڇري گار وڏي.

”اڙي هن موالي؞ جي ڇوڻ تي نہ ڪلجو، ڪلهہ بہ بيڊ ست جو خودو بہ آئوٽ ٿي ويو هو هاڻي زنجيرن ۾ ٻڌو پيو آهي، توهان بہ ٿورو زيال ڪريو.اسپتال جو نيڪو تہ توهان کي ڪونہ مليو آهي.......هاڻي جلدي جلدي سياڻا ٿيو ۽ اسپتال خالي ڪري گهر وڃي وسايو.، ”اڄڪلهہ سڀ ڇريا ٿيندا ٿا وڃن!“ بيڊ پنج جي ڪرم سيني کي چيو.

ڪجهہ ڇريا ڪلي رهيا هئا،ڪنهہ مشڪي رهيا هيا ۽ ڪجهہ پنهنجي منهن ويٺي سوچي رهيا هئا، پوڙهو ڪنگهندي ڪنگهندي روئي پيو.

”اڙي لعلڻ! پوڙهو روئي ٿو!هن کي ڪل نٿي اچي !هي ڪيئن ڪلندو هن جي تہ ڏندن مان بہ ڳوڙها ٿا ڳرن؟“ نواز پنهنجي بيڊ تان ئي پوڙهي ڇري کي ڏسندي بيڊ نمبر ٻہ جي لعلڻ کي چيو.

ڏسندي ئي سڄي وارڊ جا ڇريا بيڊ نمبر ست تي جمع ٿي ويا،پوڙهو ڪنگهہ ۾ ٻٽيل هو، تارا ڳاڙها هئس شايد ڪنهن مار ڏني هئس.

”ڏس پوڙها! ڇريا رڳو روئندا ناهن، ڪلندا بہ آهن .“ بيڊ ڇهہ جي رمضان چيس.” هاڻي تون بہ ڪل ۽ وڏا ٺهڪ ڏي“!

”مان بہ ڇريو ٿورئي آهيان،سياڻو آهيان، مان رڳو ڪيلا گهڻا کائيندو آهيان،هڪ ڏينهن گهر ۾ چلهہ جي پرسان ڪلا کائي رهيو هئس تہ مونکي زال چيو تہ تون ڇريو آهين،ڪيلن جون ڪلون بہ کائي ٿو وڃين!“ بيڊ نمبت ٻہ جي لالڻ پوڙهي کي چيو.

”مان بہ رڳو ڄامشوري جو چرس پيئندو هوس،ٿورڙو موالڙي هوس ،زوري؞ مائٽ هتي ڇڏي ويا!“ بيڊ ائين جي نواز چيس.

”منهنجو ڀاءُ وڏيرو آهي، وڏو اطاق آهي،پري پري کان مهمان ايندا اٿس،اهي چرس بہ ڪٽي ايندا آهن، ۽ منهنجو ڀاءُ انهن کان وٺي،ڳوٺ ۾ ڪپائيندو آهي تہ جو؞ ۾ بہ، غريبن ۽ يتيمن کي چرس جو موالي ڪري ڇڏيو اٿئين! مان هڪڙي ڏينهن چيو مانس تہ ”ائين نہ ڪر ،ڏمر پونديئي!“ تہ اُن رات جو هڪ ” ڊاڪٽر“ آيو ۽ مونکي ڇوڻ لڳو،”تون بيمار آهين مان توکي سُئي هڻندس!“پو؞ هن مونکي هڪ سُئي هڻي ڪڍي، بہ ٽي ڏينهن غش هئس، اٿيس تہ سب ”ڇريو ڇريو“ چئي رهيا هئا.“ بيڊ چار جي ضمير پوڙهي کي ٻڌايو.

”چاچا ڪراڙا!مائٽن منهجي شادي جنهن ڇوڪري؞ سان ڪرائي،اها عمر ۾ مونکان ننڍي هئي، منهنجو نالو ۽ هن جي پي؞ جو نالو بہ رمضان هو،

هو؞ مونکي هٿ لاهڻ بہ نہ ڇڏيندي هئي، ”تون منهجني پي؞ وانگر آهين“ مان پي ڇريو ناهيان! مونکي زال زوري؞ ڇريو ڪيو آهي “ بيڊ ڇهہ جي رمضان ٻڌايو.

”هي هي.........هي!اڙي سڀ ڪلو! جيڪو نه ڪلندو،ان جي ڪري..........!!“ بيڊ ائين جي نواز گار وِڌي.

سڀ چريا ڪليا پر پوڙهو ڪاموش وينو ڳاڙهن تارن سان سيني ڪي ڏسي رهيو هو.

”توکي به زال چريو ڪيو آهي نه ؟!“ رمضان پوڙهي ڪي ڪلهي تي ٿڦڪي هڻندي چيو.

پوڙهي ڪرب مان ڪنڌ ڏوڻي نهڪر ڪئي.

”هاڻي ڳالهاءِ به“وڏا چريا“ نه توکي ڪنهن چريو ڪيو آهي!؟“ لالڻ پڇيس.

”ها مان جائي بچائي ”وڏو چريو!“ آهيان مون چريي جو پٽ وڏو آفيسر آهي، وڏو سڪاري بنگلو اٿس، آفيسر جي ڏيءُ زال اٿس، چار چار نوڪر اٿس، هي وڏو چريو به ساڻس گڏ رهندو هو،جنهن محنت مزدوري ڪري پئي زندگي گذاري،پٽ کي آفيسري ملي نه پني وجين سرڪاري گهر ۾ ترسايائين.

هڪ ڏينهن اوچتو منهنجي آفيسر پٽ ڳاڙهي جوري ۾ ڪا شهري ڇوڪري پرڻجي اچي گهر پهتو، مونکي ان لائق به نه سمجهائين جو ساڻس گڏ هجان ها ۽ خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيان ها، اندر جون مکون اندر ۾، ٻڙڪ نه ڪا ٻولي هئم.

ڪلهه رات وراندي جي ڪنڊ ۾ پيل کٽ تي ستو پيو هئس نه ڪمري مان آواز آيو:

”جمي! مونکي خبر هجي ها نه تون ڪنهن ڳوار جو پٽ آهين نه توسان هرگز شادي نه ڪريان ها؟“ ڪنوار جو آوز آيو.

”ڏس مهڪ ! هو منهنجو پيءُ آهي ،آءٌ سندس اولاد آهيان، هن جي خدمت ڪرڻ منهنجو فرض آهي، هن جا به ڪي حق آهن مونتي“.

”جمي ! مونکان هاڻي برداشت نه ٿو ٿئي، پوڙهو اڏرات جو ڪنگهي ڪنگهي منهنجي ننڊ به ڦٽائي ٿو ڇڏي، پوڙهي جو ڪو بلو ڪر يا نه مان هي گهر ڇڏي هلي ويندي سانءِ“!

”پليز مهڪ! مان پنهنجي پيءُ کي پوڙهائپ ۾ ڪا تي روليان!؟“

”سرونٽ ڪئاٽر ۾ رهائينس يا مينٽل هاسپيٽل ۾، پر مونکان پري هجي“ ڪنوار ڪاوڙ ۾ چيو هئس.

صبح جو هو مون وٽ آيو هو، ڪنڌ جهڪيل هوس منهنجي نرڙ تي هٿ رکي ڏنائين.

”بابا توهان جي طبيعت اڄ ڪلهه نيڪ نه ٿي رهي، ڪنگهه به وڌي وئي اٿوَ، هلو نه توهان کي ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وني هلان“.

پنهنجي نرڙ تان پگهر اگهندي چيو هئائين.

مون انڪار نه ڪيو هو، هو پنهنجي سرڪاري گاڏي تي ڪني مونکي هن اسپتال ۾ وني ويو. مونکي ويهاري ڪجهه لمحن لاءِ اسپتال جي ڊاڪٽرن سان مليو ۽ پوءِ ،مان

سنڌس سرڪاري گاڏي جي ڦيٽن جا زونڪٽ ٻُڌا، جيڪي اسپتال جي مين گيٽ کان ٻاهر پئي ويا ۽ پوءِ ڪجھ لمحن ۾ اهو وارڊ انچارج آيو، ہ چار چماٽون وهائي ڪڍيائين ۽ پوءِ ڪن کان پڪڙي هن وارڊ ڏانهن گهلي وٺي آيو.

پوڙهي جي ٻاڙهين سجيل اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا.

وارڊ جا سپ چريا وڏي ڊاڪٽر جي اچڻ کان اڳ اُتندا پنهنجي پنهنجي بيڊ تي وڃين ڪريا ۽ بيڊ نمبر ست تي وڏو چريو اڪيلو روئندو رهجي ويو .

# معصوم محبت

آئيني ۾ پنهنجي منهن مبارڪ جي تصوير مبارڪ ڏٺم،پهرين ته ائين ئي ڏٺم، وري اکيون کولي چتائي ڏٺم. "نيڪ ته آهيان!" ٻه ڪن، ٻه پرون، ٻه چپ، ٻه نڪ (ٻه نه، هڪ) هڪ نرڙ. وري وات قاڙي زبان ڏٺم، "نيڪ ته آهي!" بس رڳو لفظن جي ڏاکڻ تي لهندي چڙهندي گهٽو آهي. وري ڏند ڏٺم، "تورو رڳو سينوارجي ويا آهن ته بس!" وري گهوري اکيون ڏٺم، ڦڪاڻ محسوس ٿي، چپيون اگهي وري چتائي ڏٺم، ڇا نه سهڻيون اکيون آهن منهنجون، جيڪڏهن ليدي ڊائنا کي هجن ها ته وصيعت ڪري وڃي ها ته ڪڍي عجائب گهر ۾ رکجو!" نرڙ کان مٿي بگن وارن جي چڳ ۾ چتائي ڏٺم، بس تورڙو ڦاڙ هيو، مامي جي باغ ۾ جمون پٽيندي ڏار تان ڪري پيو هئس، پنج ٽاڪا مس لڳا هئا.

مٿو منهنجو اهڙو گول آهي جهڙو ٻٽالو، بس امان جلديءَ ۾ اهڙو ئي وهاريو هئو. وري آئيني کي پوئين پاسي ورائي ڏٺم، پاڻ کي ڏسڻ ۾ نه آيس پر ايتري پڪ هئي ته ساڳيو هوندس. امان ٻه جڏهن موڊ ۾ هوندي آهي ته چوندي آهي، "تون منهنجو چوٿيهه لکڻو پٽ آهين، اجا ٻه لکٽا ڪٽل اٿئي، ڇٽيهه لکڻو نه ٿيو آهين، جڏهن ڇٽيهه لکڻو ٿئين ته پوءِ شادي ڪرائيندي ماڻ"!

هڪ دفعو وري منهن مبارڪ چتائي ڏٺم اندر مان آواز آيو، "اهڙو سهڻو ۽ سيبتو مهاندو ته صدين ۾ ڪنهن صدوريءَ ماءُ وڻ ڄمندو آهي".

پوءِ اڄ چو هُن ڏيڏر جي ڌيءُ مون کي چيو ته آئيني ۾ پنهنجو ٻوٿ ڏٺو اٿئي!؟" پڻس جو مهاندو ٻه وڏي چبري جهڙو، رنگ صفا ڏيڏر جهڙو، ان ڪري ته مان هُن کي ڏيڏر جي ڌيءُ چوندو آهيان.

اڄ ماما جي باغ اڳيان ڪجهه ٻار نم مان نميريون پٽي ڪائي رهيا هئا ته ڪجهه ٻار واهه ۾ بينل پاڻيءَ جا چاندارا هڻي" هيبو لالا هيبو"ڪري رهيا هئا. واهه جي پرينءَ پڪ تان جت انن جو وڏو ولر ڪاهي وڃي رهيا هئا. مان انن کي ڏسي چئي رهيو هئس، " اٺ ماما گوگڙو سائو لڪڙ پيجي ڏي." ته ڏيڏر جي ڌيءَ چيو ، "ولو! ڏاڏي چوندي آهي ته اٺ سان نه ڳالهائيندا ڪريو، اٺ دلي ڪيندو آهي ته پوءِ چتو ٿيندو آهي ۽ ماڻهو کي ماري ڇڏيندو آهي ۽ ٻيو ته ائين ٻار چوندا آهن، تون هاڻي ٻار نه ٿيءُ"!

"اِها تنهنجي چٻ ٻوٿي پيءُ ڏيڏر جي ماءُ نسوار جو چپتو هينئين چپ ۾ ڦاسائي، جڏهن ڪبوتر وانگر "غٽر گون، غٽر گون" ڪري ڳالهائيندي آهي ته خبر ٻه ڪانه پوندي اٿس ته پرسان وينل اجا تائين وينو آهي يا اٿي ويو".

"ولو! تون منهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جي بيستي (بي عزتي) نه ڪر".

"هائو ڏيڏر جي ڌيءُ! مهاندو پلو ڪونه اٿن ته گهٽ ۾ گهٽ ڳالهائين ته پلو"!

"ها، باقي تون وري شهزادو آن! آئيني ۾ پنهنجو ٻوٿ ڏٺو اٿئي!؟"

مون وري آئيني ۾ چتائي ڏٺو ، پيھر اندر مان آواز آيو،”اھڙو سھڻو ۽ سيبتو مھانڊو تہ صدين ۾ڪنھن صدوريءَ ماءُ وٽ ڄمندو آھي.“ مان پيءُ ڏيڏر جي ڏيءُ ڪي ماڪي بہ نہ ڪارائيندس،جيڪا ماما جي باغ ۾ ليمي جي وڻ ۾ وينل آھي، بس ھاڻي ئي وڃان ٿو لاھڻ، آئيني ڪي ڪٽ تي اُڇلي ٽڪرو ٽڪرو در ڪان ٻاھر نڪتس تہ سروٽي ۾ ٿاٻڙجي ڍاٻڙ ۾ وڃي مُنھن ڪوڙيم.

”ھي تہ وٽ بہ سئو چوويھ!“ اڳيان ڏٺم تہ آمان رڌڻي مان ٻاھر نڪري پنھنجي ھٿ مبارڪ جي چئن آڱرين ۽ آڱوٺي ڪي ڪنديري ”آئينو“ جھلي بيني ھئي، مون چتائي ڏٺو ان آئيني ۾ مونکي پنھنجو مُنھن ڏسڻ ۾ نہ اچي رھيو ھو. باقي ”بہ سئو چوويھ“ واري نظريئي جي بہ مون ڪي خبر ھئي، ان ڪري سوچيم تہ ايڏو خراب ڪم نہ ٿيو آھي.”لڪ لعنت“ جي باري ۾ امان جو نظريو پنھنجو آھي،”ھر ننڍي وڏي غلطيءَ تي لڪ لعنت چوڻ درست ناھي، غلطي ننڍڙي تہ لعنتن جو شمار بہ گھٽ ھجي، جي غلطي وڏي ھجي تہ لعنتن جو شمار بہ وڌيڪ ھجي.“ان حساب سان لڪ مان بہ سئو چوويھ ڪو وڏو تعداد نہ پئي سمجھيم“.

”سڄو ڏينھن وتين ٿو ٽيھان ڪائيندو، ڪاليج ڪان موڪل ملي اٿئي تہ گھر ۾ آرام نٿو اچئي، اڄ ڪراچي ڪان مامھين اچي تہ توکي سيکت ڏياريان ٿي“!

امان جا سخت ترين جملا ٻُڌي ڪڙين تي زور ڏنم ۽ ساھ اچي ليمي جي وڻ وٽ پٽيم، ساھي پٽي ليمي جي ڏار وٽ بيِنس ماکيءَ جو مانارو ويڪرو ھو ۽ پرسان ڪارا ڪارا گھُٽا اُڏري رھيا ھئا،ڪَمن جي لڪايل ڪوڏر ڪٽي آيس، چو جو جلديءَ ۾ اچڻ ڪري کھاڙي ڪٽڻ وسري وئي ھئي. ڪوڏر جو لپو ڏار ۾ ھنيم، ڏار تہ ڪو نہ ٽُٽو پر مکيءَ جا گھُٽا اُٿيا ۽ مون ڪي چنبڙي ويا، پوءِ مُنھنجون رڙيون ھجن ۽ گھُٽن جي ”پون پون“. ٿڙندو ٿاٻڙندو باغ مان ٻاھرنڪري آيس، سڄو منھن سُڄي رھيو ھو، ھٿ پير بہ ٿلھا ٿي رھيا ھئا. لڪندو ڇپندو گھر آيس، در ٽپيم مس تہ امان آڱرين جي آئيني ڪي ڌڳھو ڪندي ڪندي بيھي رھي ۽ فقط” ڏہ ھزار پنج سئو يارنھن“ چيائين چو جو، امان سان گڏ ماما بہ وينو ھو، جيڪو ٻن مھينن ڪان پوءِ ڪراچيءَ مان موٽيو ھو. ماما ڪي ڪراچيءَ ۾ نوڪري آھي ۽ پگھار وٺي اڄ ڳوٺ پھتوھو، ماما مون ڪي ڏسي امان ڪان پڇيو،”ادي ھي ڪنھن جو ڇوڪرو آھي!؟“

”پائو! ھي مون وارو سڪيلڌو ولو اٿئي“!

امان ڪاوڙ ۾ مون ڏانھن ڏسندي جواب ڏنس.

”ماما ڪھڙا حال آھن!؟“ بيحيائي ڪندي ڪيس چنبڙي پيس.

”ولڻ يار، ھي ڇا ڪيو اٿئي !“ صفا ساڄو مگٹھار جي ڌُھل جھڙو ٿي ويو آھين“!

” ماما، اوھان مون سان اڳين دفعي واعدو ڪيو ھو تہ ھن دفعي مون لاءِ واچ وٺي ايندا، ھاڻي تہ مان انگريزيءَ جا انگ بہ سکي ويو آھيان، بہ مھينا انگيزي ٽيوشن سينٽر ۾ پڙھيو آھيان“.

” چگو ولڻ يار! ھي وٺ واچ....۽ انگريزيءَ ۾ ٽائيم ٻڌاءِ“!

”ماما ٽائيم ٿيو آهي سوا فائيو“!
”سوا فائيو؟؟“!
” ها،ها، سوافائيو پوڻا ٽو ڪان ساڍا ٽري ڪلاڪ مٿي“!
ان ڪان اڳ جو ماما منهنجي انگريزيءَ تي ڪلي، مان تڪڙو ڊيڊر جي ڊيءُ ڪي واچ ڊيڪارڻ آيس.گهٽيءَ ۾ ڊيڊر ڳڊيو،مون ڪي ڏسي ساندي جيان رنگ مٽائڻ لڳو، پنهنجي ڇپرين جهڙي گول اکين ڪي گهمائيندي مون ڪي مشڪوڪ نظرن سان تڪڻ لڳو، ان ڪان اڳ جو هو ڇُري مان ڪسڪي نڪري آيس.
ڊيڊر جي ماءُ مفت اکين جي ڪيمپ مان ورتل عينڪ نڪ تان سوري اکين وٽ بيهاري مون ڏي ڏسڻ لڳي. مون وراندي مان جهاتي پائي ڏٺو، هوءَ ڪمري ۾ روئي رهي هئي. مان دريءَ جي ڳلڪڙي مان ڏسڻ لڳس، هن جي اڳيان منهنجي اسڪول ۾ ٿيل تقريري مقابلي ۾ نڪتل تصوير پئي هئي. اوچتو منهنجي اکين جي پنيان ڪنهن هٿ رکيا. ڪنهن نرم گرم جسم جي پاڪر ۾ مان هوا جون ڇڙيون هڻڻ لڳس.اڄ خير ناهي! ڊيڊر اچي ويو هوندو! ڊيڊر جو مهاندو تصور ۾ آندم سچو ڏڪي ويس. ”جل تون جلال تون آئي بلا ٽال تون.“ جو ورد ڪرڻ لڳس. پر ”بلا“ هٿ ئي نه پئي ڪڍيو، پرسان وارو درلت سان ڪوليو ويو.بس مان ڊيڊر جي هٿان ٿيس ٻوٽي ٻوٽي. ”او منهنجي صدوري امان! متان سياڻي خيرات جو گوشت سمجهي منهنجي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڪائي وجين.“ پاڪر ڍور ٿيڻ لڳو، مون پاڻ ڪي ڪنهن هنڌ وچايل ڪٽ تي محسوس ڪيو، ڏنم ته ڪو در ڪي اندران بند ڪري مون ڏانهن ڊوڙندو پئي آيو.
” هان! ڪجي تون!؟ پوءِ ٻه شڪر آ جو تون نڪتيئن، مون ته پنهنجو نالو شهيدن جي لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو “.
”ولڻ! مَنَ اڄا ڪيترو تڙپائيندين؟ مان مران تو لئہ، تون ٻين ڪاڻ“!
”ڪجي! تون ايتري ته ڊگهي آهين جو مون ڪي پنهنجو ڪنڌ ٽيڏو ڪرڻو پوندو،تڏهن ئي پنهنجو جوڙ نهي سگهندو“.
”قد جو ڇاهي ولڻ! انسان جي دل وڏي هئڻ گهرجي“.
ڪجي! تون پنهنجي ڇپ مهاندي ۽ ڊيڊر رنگي پيءُ ڪي ڇوين ڇو نٿي ته شينهن ڪلهي چاڙهئي“!
”مان هي هار سينگار تو لاءِ ڪندي آهيان، پوءِ ڪنهن ٻئي جو انتظار ڇو ڪريان؟! ۽ تون اَن جو هُن تاني (سندس نندي پيڻ) تي ٿو اکن شڪن ٽئين“!
”ڪجي! هونئن ٻه مون ڪي ڪوئل وڻندي آهي، رنگين طوطن جا شوقين ٻيا هوندئي “.
ان ڪان اڳ جو ڪجي متان ڪري، مان ٽپ ڏئي ڪٽ تان لٽس ۽ در ڪولي هوائي جهاز تي اچي پنهنجي گهر جي در تي بريڪ ڏنم، ٻليءَ پير تي گهر ۾ داخل ٿيس، مامو ننڊ پيو هو، اَمان پرت پري رهي هئي، اڄ امان جي مُنهن ۾ شوخيءَ بجاءِ مسڪراهٽ هئي، پرسان ويهي رهيس.

”ولو! نياڳا! هيءُ پنهنجي ڪهڙي حالت ڪئي اٿئي، صفا سڄي پيو آهين“!
”امان! مان ڇتيهہ لکٽو ڪڏهن ٿيندس؟“
”ٻچا تون تہ چاليهہ لکٽو آهين“ توکي ڇتيهہ لکٽو ٿيڻ جي پلا ڪهڙي ضرورت؟“!
”امان! ڇا ڳالهہ آهي، اڄ لوڻ بجاءِ مکڻ پئي ڦڪائين“!
”ادو شانو (ڏيڏر) آيو هو، ڪجيءَ جي ٻانهن ڏيڻ جو چيائين پئي، پوءِ تنهنجي ڇا مرضي آهي؟ “!
”امان! مان ڳچيءَ ۾ رسو وجهي پکي ۾ ڦاهو ڪائي سگهان ٿو، هن ڪچيءَ جاءِ جي پويان جيڪا پاٽيءَ جي کڏ آهي اتي ٻڏي مري سگهان ٿو، تون چوين تہ مان ڏاتي سان پنهنجي منڍي لُٽي سگهان ٿو پر ڪجيءَ سان هرگز شادي نہ ڪندس“!
”ڏس ولو! جوڙا تہ آسمان تي ٺهندا آهن، پلا اسان ڇا ٿا ڪري سگهون؟“
”پر امان! ڪانو ۽ ڪونج، ڪوئي ۽ هاٿيءَ جا جوڙا ڌرتيءَ تي ٺهندا آهن“.
”اڙي ڇورا! مان چوان ٿي تون ڪيئن نہ ها ڪندين!“ امان پرسان پيل وڄٽيءَ ۾ هٿ وجهي، منهنجي ٻٽالوءَ جهڙي ٽڪڻ تي وهائي ڪڍي.
”ائلي اباڙي، گهوڙا ڙي، ائلي ماماڙي“!
”چندا! پنجاه هزار هجنئي“!.....
”پڄ ڙي ولڻ! اڄ تعداد وڌو اٿئي!“ جيسين امان جا وائيسر ڦرن ان کان اڳ ئي پيرن تي زور ڏنم ۽ سڌو ماما جي باغ وٽ پهتم ۽ نم تي چڙهي نميريون پٽي ڪائڻ لڳس ۽ سوچڻ لڳس، ”امان جي بہ نظر ڊم تي وئي آهي ڪٿي ڪجي ۽ ڪٿي مان! ڪجيءَ کان هيٺ تانيہ تي نظر نہ ٿي پويس، لڳي ٿو جيڪا جمعي جمعي تي خرچي ملندي آهي،ان مان امان لاءِ ٻن روپين واري عينڪ وٺٽي پوندي“.
”اڙي ولڻ! تون مٿي ڇا ٿو ڪرين، هيٺ لهي آءُ تہ توکي ڳوٺ جون خبرون ٻڌايان“!
هيٺ نهاريم تہ ببلو بي بي سي بينو هو هيٺ لٿس، پاڪر پائي مليو، ڳوٺ جون سنهيون ٿلهيون خبرون ٻڌائي چيائين،
”ٻڌو آهي تہ ڏيڏر پنهنجي ڌيءُ جو سڱ توکي ڏيڻ چاهي ٿو“.
”ها، پر بد قسمتيءَ سان وڏيءَ جو!“ مون ٺڏو ڇوڪارو پريندي چيو.
”توکي خبر ناهي ڏيڏر جي مرضي بہ تانيہ تي هئي، پر تنهنجي ماءُ جي چوڻ تي هن ڪجيءَ لاءِ ها ڪئي، ڇو جو تنهنجي ماءُ توکي ڏنگي زال وسيلي سڌارڻ گهري ٿي“.
”پر ببلو! منهنجي زندگي تہ تباهہ ٿي ويندي“!
”هڪ ترڪيب آهي . . . . جيڪا تنهنجي زندگي کي بچائي سگهي ٿي.“ ببلو منهنجي ڪن ۾ سنهي آواز ۾ زوزٽ ڪرڻ لڳو، منهنجا چپ ٽڙيا، هاٽي ڏند ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ ڏسندي ڏسندي فٽ بال جيڏو وات پٽجي ويو.
ٻئي ڏينهن ببلو ڊوڙندو ويو ۽ امان کي چيائين، ”ولو باغ ۾ زهر پي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي.“ اهو چئي ببلو سڌو مون وٽ پهتو، مون بيهوش ٿيڻ کان پهرين هڪ نظر رستي تي وڌي، پوءِ اکيون پوري ڇڏيون، ببلو ڳاڙهي دوا جو چمچو منهنجي چپن مٿان

هاريو، جيڪو منهنجي ڪِني واچ ڪان هيٺ وهي ويو. هاڻي ڪجھ گوڙ ٻڌڻ ۾ آيم، امان مون کي ٻانهن کان ڇڪي ڪڇ ۾ ويهاريو ۽ ويهي سڏڪا ڀرڻ لڳي،

”او مون کي کهڙي ڪپر ڪاڏو، جو مون سون جهڙي پٽ کي ڇڙٻون ڏنيون“.

”ادي! روءُ نہ، ڏٺي خير ڪندو.“ ماما جو آواز ٻڌم، گوڙ ويو پئي وڌندو، چرپاٽ وڌي رهيو هو، ڏيڏر پهتو، ڪجي پهتي ۽ ڏيڏر جي ننڍي ڏيءُ جو ڪوئل جهڙو آواز ٻڌم، دل چاهيو تہ اکيون کولي ڪيس ڏسان پر ائين ڪرڻو ڪونہ هو.

ماما ٽانگو ڪاهرائي آيو ۽ مون کي کڻي ٽانگي جي سيٽ تي سمهاريو، امان منهنجي پرسان ويٺي، ماما ۽ ڏيڏر اڳيان ۽ ببلو باقي پويان چنبڙي پيو. امان جون دعائون گهرڻ ۽ رب کي ٻاڏائڻ ڇنو ٻڌي رهيو هئس، ٽانگو علائقي جي واحد عطائي ڊاڪٽر جي ڪلينڪ جي در تي بيٺو، عطائي ڊاڪٽر يتيم ٻار جهڙو منهن ڪري ٻاهر نڪتو، مان ڇپرن جي وٿيءَ مان ڪيس ڏسي رهيو هئس. اسٽيٿو اسڪوپ سان دل جي ڌڙڪن چيڪ ڪري ، اسٽيچر جهڙي بينچ تي مون کي سمهارڻ جو چيائين، ٽارچ کڻي آيو اکين ۾ ٽارچ هنيائين پوءِ وات اندر ٽارچ جي مدد سان ڪاڪڙو ڏٺائين .

”زهر صفا مٿي چڙهي ويو آهي، ڇوڪري جو بچڻ مشڪل آهي.“ ڊاڪٽر ڪروڪرو جواب ڏنو.

”نيٺ ڊاڪٽر! ڪو تہ علاج هوندو!“ ماما ڪيس چيو.

”ڇوڪرو معصوم آهي ۽ سندس محبت معصوم آهي، هن جي دل تي صدمو آهي، جيڪڏهن اهو نہ هٽندو تہ ڇوڪرو نہ بچندو، توهان منهنجي ڳالھ سمجھو ٿا نہ؟“!!!

”ها ابا! رب حياتي بخشي ڏيس، جيئن چوي تيئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!“ امان التجا خيز ٿي ڊاڪٽر کي چيو.

”هاڻي پئي خبر تہ گهٽي ويهين سو آ.“ دل ۾ خوش ٿيڻ لڳس.

”اسان جو ڪم آهي ڪوشش ڪرڻ، شفا تہ رب جي هٿ ۾ آهي“.

ڊاڪٽر وائل مان سُئي ڀري مون هٽندي چيو.

مان وڏو وات ڦاڙي ننڍي دانهن ڪري اکيون کوليون، سڀ خوش نظر اچي رهي هئا. ببلو تہ نينگ ڏئي رهيو هئو، توڙي جو ڪيس سڀ خبر هئي.

”امان! مان ڪجيءَ سان نہ پر تانيہ سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو.“ موقعو ڏسي ڳالھ ڇٽي ڪيم.

”پٽ! جيڪا تنهنجي مرضي! تنهنجي خوشي منهنجي خوشي “!

”امان! اها مٽ پهرين اچئي ها تہ مان ڊاڪٽر کان سُئي ڇو هڻايان ها!؟“ دل ۾ پٽڪو ڪاڏم، شڪر ٿيو تہ امان نہ ٻڌو نہ تہ پوءُ هو تہ ڳوٺ پنڌ وڃڻو پوي ها!

خبر ئي نہ پئي لڏو اچي ويا، سيني ڪاڏا، مان تہ مسئلي جي نوعيت کي سمجھي ويس پوءِ تہ ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيس. ماما ڊاڪٽر کي فيس ڏني، سڀ خوش خوش ڪلينڪ مان نڪتاسين، هاڻ مون پان پئي پنڌ ڪيو.

”ٻيلي! ڊاڪٽر هوشيار آهي، ڪيئن مرض سڃاڻي ويو ۽ مريض کي ٺيڪ ڪري ڇڏيائين.“ ماما ڊاڪٽر جي تعريف ڪندي چيو.

ٻبلو منهنجي ڪن ۾ سرگوشي ڪندي چيو،” يار! ڊاڪٽر واقعي هوشيار آهي، ڪالهه پاڻ هلي ڪائنس مدد گهري هئي ۽ هن کي سڄو ڊرامو سمجهايو هو ته هن ڳاڙهي رنگ جي دوا ڏني هئي ۽ سهڪار جو واعدو ڪيو هو، اڄ پنهنجو ڪم به ٿاهي ويو ته تنهنجو ڪم به ٿاهي ويو “.

ٻبلو منهنجي ڪن ۾ ڪڇ ڪڇ ڪري ٿو، مان اکيون پوريان ٿو، مون کي منهنجي معصوم محبت انتظار ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي .

# هڪ ڏينهن جي روزي

گپ ۾ پريل پير ۽ وجايل پاچا وري پيرن ۾ ٽائر جي نهيل چپل، وجايل ۽ ليڙون ليڙون لٽا ، هڪ تتل ڪسيل سائيڪل کي زور سان پيندل هٽي اڳتي هليو. شام جي اونداهي جهڙا ميرانجهڙا ۽ ڇباڙيل ڪپڙا ڪيس اوڍيل ، هڪ اڻ ڌوتل ڪپڙي جي لڳل ٻٽ مان ٻه ڪاري رنگ وارو ماتا ڏڪيل منهن ظاهر ٿيو پئي.

پگهر ۾ چم ، ٻارن جي هول کان قبرستان ڏانهن رخ رڪيائين ، برسات وسڻ ڪري سارو رستو گپ ۽ گارو ٻٽيل هو، ققريل ڊاٻڙ ڪي برسات جي پاڻي جمائي چڙيو هو پر ڏنارن جي مينهن جي ڪرن جي نشانن ڊاٻڙڪي وري اڪيلي گهڻ ٻٽائي چڙيو هو، تنهن تي هلڻ تهائين دشوار.

هو زندگيءَ جي پلڪار ۾ سڙيل هو ۽ پلڪار جي آتش جي ڄر هن جي جسم کي ساڙي چڙيو هو ، سائيڪل کي قبرن ڏانهن موڙيندي هينڊل ۾ لٽڪيل ڳوٿري گوڏي سان اٽڪيس ، سور جو ڇهڻاءُ محسوس ڪيائين. زنگي ڇهڪ ئي ڇهڪ هئس، ماڻهو هوندي ٻه نہ ليکيو ويو هئو، سندس ڏبرين ٻانهن ۽ ٽنگن تي ٻڪ جو وزن رکيو ويو ، سندس زندگيءَ جو سفر گذر سائيڪل جي ڪسيل رم ۽ تتل پرزن تي هو. سائيڪل کي رستي تي ليٽائي هينڊل ۾ ڦاٿل ڳوٿريءَ مان تيز ڌار ڇري ۽ چاقون ڪڍي اڳتي وڌيو، ٻن قبرن جي وچ تي هڪ هنڌ ٻيهي رهيو، نظرن کي ڪنهن هڪ شيءِ تي مرڪوز ڪيائين،جيڪا سندس جياپي جو واحد ڪارڻ هئي،جنهن جي ڪري هن جا چار معصوم ٻار آرام سان سڄي ڏينهن جي ماني ڪائيندا هئا

.انهن معصومن ماءُ جي ڦٽڪي ڦٽڪي مرڻ کان پوءِ اهڙا ڪيترائي

ڏينهن ٻک ۽ پساهن ۾ پئي مانيءَ جي گول دائري کي تڪيو، غربت ۽ مفلسيءَ جون شيخون آويءَ ۾ پچائي سندن اوجهريءَ ۾ ٽنبيون ويون، مانيءَ جي ڳپي لاءِ هنن در در جون نوڪرون ڪاڍيون، پر معصوم ڪڏهن ڊوُ تي ماني پي نہ ڪائي سگهيا ها.

هن چاهيو ٿي تہ هو ٻہ عام ماڻهوءَ جيان زندگي گذاري پر ڪٽس هر دفعي اباٽڪائيءَ سان مهاڏو اٽڪائٽو پئجي ويو، هن اشرف المخلوقات پئي ٻڻجڻ چاهيو پر هن جي رستي تي ٽاندا وڇايا ويا، هي چنڊ جو تمنائي گگهہ انڌيري ۾ ٽاٻاڪائي موٽيو، هو صحرا جي طويل سفر ۾ ڪاٻہ سواري نہ ماڻي سگهيو، وقت هن جي جسم کي ڳاري ڇڏيو، هيءُ نبر سدائين ڪنهن سڌاتوري جي کهڪاهہ ۾ جليو پئي.

زندگيءَ جي اٽڪٽ راهن ۾ هن هڪ ڏينهن اهڙو رستو ڏٺو، جيڪو هن جي جياپي جو ڪارڻ ٻڻجي پئي سگهيو، دنيا جنهن کي ڪراهت جي نظرن سان ڏٺو تي پر هن جا معصوم تہ ٻکئي پيٽ ڪونہ سمهندا هئا.

ٻن قبرن جي وچ تي پيل ڊونڊ کي تڪڻ لڳو، جنهن کي ڪجهہ لمحن کان هن نظرن جو مرڪز ٻڻايو هو، ڊونڊ ڪنهن بيمار ڦنڊر جو هو، جا مناسب علاج نہ ملڻ ڪري مئي

هوندي. ڍونڍ ڪي ٽنگن ڪان جهليندي هلڪو چير ڏنائين ۽ پوءِ چريءَ سان ڳلَ ڪي لاهيندو ويو.

سڄو رستوويران هو،تاڪ منجهند سڄ باهه جا اُلا اڇلي رهيو هو، لڪون لڳي رهيون هيون،لُڪن واري ڪوسي هوا سرسراهٽ ڪندي ڪٽس ڇيڙي تي پر هو پنهنجي ڪرت ۾ محو هو. پريان ڪجھ فاصلي تي ڏنار ٻار مينهون چاري رهيا هيا.

ڍونڍ تي چنبڙيل هزارها جيت ۽ مکيون ڪيس ٻه چنبڙي ويا هئا، هو انسان بجاءِ حيوان ٿي نظر آيو. هو زندگيءَ جي ڪيڏاري ۾ شهيد ٿيل هو، حيوان جهڙو ٿي ويو هو ته ڇا ٿيو!!؟؟ هوئن ٻه ماڻهو حيوان صفت سڏيندا هئس، هن جون ڳالهيون ڪندي اُلٽي ڪندا هئا، ساڻس امتيازي ورتاءُ ڪندا هئا، ڪيس پر ۾ ويهارڻ ته پري پر جنهن گهٽيءَ سان ايندو اها گهٽي ڇڏي ٻئي پاسي کان اڪرندا، اگر مجبورن هن اڳيان گذرڻو پوين ته نڪ تي ڪپڙو چاڙهي مخالف رخ منهن ڪري اڪرندا هئا.

هو خواهشن جي ريل هينان پاڻ چيپاٽي چڪو هو، هو ان ڪوهه جو ڏيڏر هو جيڪو گدلاڻ جو ڍير سمجهيو ويندو هو.

هن ڪي چنبڙيل جيتن ۽ مکين مان ڪاٻه ڪرپ محسوس نه ٿي فقط ڏسڻ لاءِ هٿ چوريائين ته جيت سندس منهن تان هٽي ويا. هن ڍونڍ تان مڪمل ڳلَ لاهي سائيڪل ڪي اپو ڪيو، سائيڪل جي پوئين گهوڙيءَ ڪي مٽي ڪري سارو چمڙو ٻاچڪي ۾ وجهي پوئينءَ سيٽ تي رکيائين. سائيڪل جي هينڊل ڪي هٿن ۾ مضبوط جهلي رستي تي سڌو ٿي بيٺو، سائيڪل تي چڙهي پينڊل مس هنيائين ته ٻٽرن ، ٻترن ۽ گارين جا وسڪارا ٿي ويس.

”او ٻاگڙي ....! ڪتي جا پُٽَ“.

”او ڀنگي....! سوئر جا پُٽَ“

ڏنار ٻارن جي گارين ۽ ٻترن کان ناآشنا ٿيندو، پينڊل دٻائيندو هلندو رهي ٿو، ٻارن جون گاريون ۽ ٻتر وايو منڊل مان ڦيرا ڪائيندي ڪيس زخمي ڪري رهيا هيا پر ڪيس يقين هو ته هن جيڪو هٿ ڪيو آهي سو هن جي هڪ ڏينهن جي روزيءَ لاءِ ڪافي آهي.

***

# خلا جو سفر

”پُٽ همير! ڇا تون ڪجھ ڏينهن ۾ اسان جي ملڪ اچي سگهين ٿو؟“ ڪار ۾ وينل همير کي ليپ ٽاپ ذريعي ڊاڪٽر ڪارل جو پيغام مليو، جيڪو ليپ ٽاپ ۾ نسب ٿيل ويب ڪئميرا ۾ پريشان نظر اچي رهيو هو.

”جو سر! خير تہ آهي؟ پريشان ڏسڻ ۾ پيا اچو“!

”پٽ همير! مون جديد خلائي طشتري ايجاد ڪئي آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ مان پنهنجي هن تجربي ۾ ڪامياب ويندس پر فقط شرط آهي تهنجي سهڪار جو“.

”نيڪ آ سر، مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي“!

”جديد خلائي طشتري، جيڪا ڌرتيءَ تان اُڏام ڪري، خلا ۾ داخل ٿي نظام شمسي جي مڙني گرهن جي حدن ۾ گهرندي جڏهن مخصوص وقت جي گردش ڪان پوءِ ڌرتيءَ ڪان لهندي تہ ان عمل دوران ڌرتيءَ تي ڏهن سالن ڪان مٿي جو عرصو گذري چڪو هوندو توکي تہ خبر آهي تہ سيني گرهن جي هڪ ڏينهن گذرڻ جو عرصو مختلف آهي جيئن زهر تي 243 ۽ مشتري ۽ زحل تي 10 ڪلاڪ جو هوندو، جڏهن تہ عطارد جو هڪ ڏينهن 59 زميني ڏينهن جي برابر آهي... ۽ جڏهن خلائي طشتري واپس ڌرتيءَ تي لهندي تہ طشتري ۾ وينل ماڻهوءَ جي عمر ۾ ڇهن مهينن جو اضافو ٿيندي ۽ ڌرتيءَ تسي ڏہ سالن ڪان مٿي جو عرصو گذري چڪو هوندو“.

”سر!مان جلد ڪان جلد اچڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو“.

همير ڊاڪٽر ڪارل ڪان موڪلائي ليپ ٽاپ ذريعي پنهنجي گهر جون بتيون، فرج ۽ ٻيو سامان بند ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو گهر ڪان نڪرندي وسري ويو هئس. هاڻي ليپ ٽاپ بند ڪري موبائل فون جي ليڊ ليپ ٽاپ مان ڪڍي ڇڏيائين. سندس ڪار روڊ تي ترڪندي اڳتي وڃي رهي هئي. همير کي ياد آيو جڏهن سنڌ سرڪار هن سميت چار سائنسدانن کي ٽن سالن لاءِ ڊاڪٽر ڪارل جي ملڪ وڌيڪ تجربن ۽ تعليم لاءِ موڪليو هو، ڇو جو اها وقت جي اهم ضرورت هئي.

ڊاڪٽر ڪارل جي ملڪ ۾ هو”انٽر نيشنل سائنٽيفڪ انسٽيوٽ ائنڊ ليبارٽري (ججحج)“ ۾ پهتا. جتي ڊاڪٽر ڪارل پڻ ليڪچر ڪندو هو. اتي همير جو تعارف ڊاڪٽر ڪارل سان ٿيو، جيڪو هن ۾ گهري دلچسپي وٺندي ڪيس پنهنجي ذاتي رهائشگاہ تي وٺي ويو. جتي ڊاڪٽر ڪارل جي اڪيلي ڌيءُ روزلي سان سندس تعارف ٿيو.

هڪ ڏينهن ئي همير باٿ روم مان وهنجي نڪتو هو تہ روزلي کي بي تحاشہ ڪلندو ڏٺائين، جيڪا همير جي نالي ڪيل ڪمري ۾ اڳوات وينل هئي. همير کي سمجھ ۾ نہ آيو تہ آخر هُن جي کلڻ جو سبب ڇا هو؟ بيتاب ٿي ڪائنس کلڻ جو سبب پڇيو هئائين پر هُن اصل سبب نہ ٻڌائيندي فقط اهو چيو تہ، ” تمام خوبصورت ۽ ويڪري چيسٽ“.

هڪ ڏينهن وينا خوابن جي موضوع تي ڳالهائي رهيا هئا ته روزلي. ڊاڪٽر ڪارل جي ايجاد "ڊريم مشين" جو ذڪر ڇيڙيو جيڪا خواب رڪارڊ ڪري سگهي پئي.
"اهي رڪارڊ ٿيل خواب ڊراما ڪري ٽي وي ءَ تي هلايا ڪهاڻيءَ کي مڪمل ڪيو وڃي ٿو ۽ ائين ڊرامن جي رڪاڊنگ تي ٿيندڙ خرچ بہ بچيو وڃي".
همير ۽ روزلي هڪ ئي صوفي تي وينا هئا، جڏهن تہ ڊاڪٽر ڪارل پرسان واري صوفي تي وينو پنهنجي ان ڏينهن جي مصروفيتن جو ٽائيم ٽيبل ڏسي رهيو هو.
"روزلي! جنهن ڊريسنگ ۽ ويجهڙائيءَ ۾ تون مون سان گڏ ويٺي آهين، جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪو بروچ جي گهر ۾ هجي ها تہ پاڻ ڪڏوهو ڪو "ڪارو. ڪاري" جي الزام هيٺ هُن جهان پهچي وڃون ها." همير ڪارو ڪاري مسئلي جي شدت جو اظهار ڪيو.
....."هيومن رائيٽس جهڙا انسان دوست ادارا اوهان وٽ، اهن ڇا!؟" ڊاڪٽر ڪارل همير کان پڇيو.
"اهي ماڻهو مڪامي وڏيري کان سواءِ ڪنهن ناهن ڊڄندا"!....
"اوڪي همير! مون کي ضروري ميٽنگ ۾ وڃڻو آهي، مان هلان ٿو." ڊاڪٽر ڪارل اٿندي چيو. مس روزلي بہ اٿي باٿ روم ڏانهن وڃڻ لڳي. همير عالمي خبرون ٻڌڻ لاءِ ٽيبل تان ريموٽ ڪنٽرول کڻي ٽي وي کولي، اسڪرين روزلي کي ڏسي ڪا.نس چرڪ نڪرڻ تي هو پر چپ پڪوڙي ڇڏيائين. روزلي شاور کولي وهنجڻ لڳي ٿي. همير کي ڪجھ ڏينهن اڳ واري ڳالہ مڪمل ياد اچي وئي ۽ سمجھ ۾ اچي ويو تہ روزلي جي بي هميشہ کلڻ جو سبب ڪهڙو هئو! همير ٽي وي بند ڪري، ريموٽ ساڳيءَ جاءِ تي رکيو. ڪجھ گهڙين ۾ تروتازه روزلي سندس اڳيان هئي. هي بہ بي تحاش کلڻ لڳو، کلندي کلندي چيائين، " تمام خوبصورت ۽ ويڪري چيسٽ!" همير کي پهريون ڀيرو ڪنهن مغربي ڇوڪري جي مُک تي شرم ڏسڻ ۾ آيو هو.
اهو روز جو معمول ٿي رهيو، ڊاڪٽر ۽ همير شام جي وقت ڪارل جي ذاتي ليبارٽري ۾ مختلف تجربا ڪندا هئا. جتي ڪڏهن فرصت ۾ هو روزلي سان گڏ رهندو هو. مس روزليءَ ڊاڪٽر جي اڪيلي ڌيءُ ۽مقامي بينالاقوامي يونيورسٽيءُ ۾ فزڪس جي شعبي ۾ آخري سال جي شاگردياڻي هئي، سندس پيءُ وڏو نالو رکندڙ سائنسدان هو. جيڪو ان وقت تائين دنيا کي ڪيترين ئي ڪوجنائون ۽ ايجادون ڏئي چڪو هو پر سندس اهم نظريو وقت کي تيزيءُ سان گذارڻ(1234)هو. جنهن مختلف خيال ۽ نظريہ ڏئي چڪو هو، ڊاڪٽر ڪارل هڪ اهڙي مشين پڻ ايجاد ڪرڻ جو سوچي رهيو هو، جيڪا سندس ان نظريئي کي عملي جامو پهرائي سگهي. ڊاڪٽر ڪارل، ليمائٽر جي پيش ڪيل بگ بئنگ ذريعي(12345) تہ دنيا هڪ وڏي ڌماڪي سان وجود ۾ آئي." جو سخت مخالف آهي.
همير جي يادن جا ڏيئا وساڻا ۽ڪيس پنهنجي وجود جو پتو پيو، اجا ڪار ۾ موجود هئو تہ ۽ ڪار ايئر پورٽ وٽ هئي.

ٻہ ڏينهن بعد ٽرمينل تان ڊاڪٽر ڪارل جي ملڪ جي لاءِ اڏام ذريعي سندن ملڪ جي وڏي ايئر پورٽ تي لٿو. ايئر پورٽ تي اميگريشن مان ٿيندو، پاڻ مراد ڦرنڊڙ سامان واري پٽي تان ٿيلهو کڻي ٽراليءَ تي رکيو ۽ ڪسٽم وارن کان چيڪ ڪرائي، ڊوميسٽڪ فلائيٽ لاءِ ٿيلهي وارو سامان ۽ ٽڪيٽ جو ڪوپن ڏئي، وڏيڪ سفر جو بورڊنگ ڪارڊ ورتو، ڇو جو ڪيس ڊاڪٽر ڪارل ۽ روزليءَ جي شهر ذريعي اڏام وڃڻو هو. ڊوميسٽڪ اڏام ذريعي همير جڏهن ڊاڪٽر ڪارل جي شهر جي ايئر پورٽ تي لٿو تہ ڊاڪٽر ڪارل ۽ روزلي سندس گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ۽ خودڪار گاڏي هنن کي (12345) پهچايو، جتي هن خلائي طشتري جو معائنو ڪيو.

”سائنسدانن موجب ڪائنات جي عمر ڏهہ عرب سال ۽ ڌرتيءَ جي ڪل عمر ست ارب سال آهي، هر شيءِ جو زوال اچڻو آهي تہ .... بقا ڇا ڪي آهي!؟“ همير زندگيءَ جو مقصد دنياوي حياتيءَ جا سٺ ستر سال ڪي نہ سمجهندي ڊاڪٽر ڪارل کان پڇيو.

”بس اها هستي، جنهن هي ڪائنات جوڙي پنهنجي ڪاريگري جو مظهر ڏيکاريو آهي“.

”سر! جيڪڏهن زندگي بي بقا آهي تہ ڇو نہ ان کي ڪنهن عظيم مقصد لاءِ صرف ڪجي.... مان اوهان جي هن تجربي لاءِ پاڻ ارپيان ٿو“....

”ٿينڪ يو همير! تنهنجا جزبا مون لاءِ خوشيءَ جو باعث آهن...... بس جلد ئي تون هن خلائي طشتريءَ ذريعي ڌرتيءَ جي سيني تان اڏامي خلا ۾ سفر ڪندين ۽ مون کي يقين آهي تہ ڪامياب ٿيندين“!

”هو نئن بہ سر، منهنجو تعلق ان خطي سان آهي، جتي جي ٻهراڙين جا انگ اگهاڙا ٻارڙا اڄ بہ فضا ۾ هوائي جهاز جو آواز ٻڌي گهرن ۽ ڇاپرن کان ٻاهر نڪري پنهنجي معصوم اکين سان هوائي جهاز ڳوليندا آهن ۽ ڏسي وڻڻ تي خوشي جي اظهار بابت تاڙيون بہ وڄائيندا آهن ۽ اڇارا ڪري ٻين کي بہ ڏيکاريندا آهن. جي انهن مان ڪو هڪ نينگر اڄ دنيا جي جديد خلائي طشتريءَ جو پهريون واحد اڏام ڪندڙ هجي تہ ان کان وڌ خوشي جي ڪهڙي ڳالهہ هوندي؟“

”منهنجي خيال ۾ هاڻي گهر هلڻ گهرجي!“ روزلي، همير ۽ ڊاڪٽر ڪارل خان جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو.

خودڪار گاڏي ٽنهي کي گهر پهچايو. همير چار ڏينهن ڊاڪٽر ڪارل جي گهر گذاريا، پنجين ڏينهن خلا جي سفر لاءِ (123456) پهتو.

”پٽ همير! وش يو بيسٽ لڪ،“ ڊاڪٽر ڪارل سندس پٺي ٺپيندي چيو هو، روزلي بہ ڪيس الوداع چيو، جنهن سان گهرايل چار ڏينهن ڪيس اٽت ڏئي رهيا هئا.

”ڪا ڳالهہ ناهي سر!.... هو نئن بہ منهنجو تعلق، اُن ڌرتيءَ سان آهي جيڪا هر دور ۾ بهادري ۽ همت جا ڪردار ڏودا، هوشو ۽ هيمون پيدا ڪندي رهي آهي ۽ اڄ بہ ان ئي پونءِ جڻيو هتي آهي“.

ڊاڪٽر ڪارل ۽ روزلي ليب اسڪرين تي خلائي طشتريءَ جي اڏام ڏسي رهيا هئا. خلائي طشتري جي اڏام راڪيٽ جيان تي پر اڏام جي اسپيڊ راڪيٽ کان تيز هئي، طشتري فضامن خلا ۾ داخل ٿي چڪي هئي.

همير کي اڏام ۾ چاليهه ڏينهن گذري چڪا هئا، هو مريخ جي ايترو ويجهو پهتو جو ڪيس سچ ـ سرشتي جي وڏي ۾ وڏي جبل اولمپس بہ چٽو پسڻ ۾ ٿي آيو، ڪيس مريخ جا ٻہ چنڊ فوبوس ۽ ڊيموس بہ ڏسڻ ۾ آيا. همير کي هي دنيا، ڌرتيءَ جي دنيا کان وڌيڪ گونا گون محسوس ٿي.

طشتري عطارد جي حدن ۾ پهتي، عطارد پنهنجي مهور جي چوڌاري 48 ڪلو ميٽر في سيڪنڊ جي رفتار سان گردش ڪري رهيو هو. اچانڪ همير طشتري ۾ غير معمولي چڪ محسوس ڪئي، اها تبديلي سڄي طشتري ۾ اچي چڪي هئي، اڳيان پيل غير محفوظ سيون پوئتي وڃي ڪريون، تمام تيزي ايندي وئي، همير جي اڳيان پيل ليپ ٽاپ پيل ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. هن مشين ۾ نسب ٿيل گهڙيال ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اکيون حيرت وٽان پٽيل ئي رهجي ويس، گڙيال جا ڪاٽا ڇٽ جي پنڪي جي پرن جيان تيزي سان فري رهيا هئا. ڪڙڪو وڌندو رهيو، ڪڙڪو همير جي ڪنن ۾ ٻرڪي رهيو هو. اچانڪ طشتري تمام تيز گول ڦرڻ شروع ڪيو. همير جو دماغ چڪرائڻ لڳو. هن ڪاڏي جون ضرورتون پوريون ڪندڙ گوريون ڪاڏيون، هم کي ڪجھ سمجھ نہ ٿي آيو، هن جون اکيون بند ٿي ويون ۽ هوش ۾ نہ رهيو هو.

همير جون اکيون کليون، نساهو محسوس ڪيائين بدن ۾ ماٺار ۽ سڪتو محسوس ٿيس، ايتري سگھ نہ ٿي ٿيس جو ڪاڏي جون ضرورتون پوريون ڪندڙ گوريون ڪٽي ڪائي سگهي. هٿ وڌائي فوڊ باڪس ڪيائين ٻہ ٽي گوريون ڦڪي ويو، ڪجھ گهڙين ۾ ڦڙتي اچي ويس، آبدوز ۾ نسب ٿيل پيري اسڪوپ جهڙو جديد اوزار طشتري ۾ لڳل هو، ان وسيلي همير ٻاهريون جائزو ورتو. هو اجا خلا ۾ موجود هو. همير طشتري جي سسٽم کي آپيٽ ڪيو. سڀ ڪجھ نيڪ هو، هو پر اعتماد ٿيو، هن کي ڌرتيءَ تي ليڊنگ ڪندي ڪافي عرسو لڳي ويو ۽ هڪ نيٺ هڪ ڏينهن ڪامياب ٿي ويو. همير کي ڪا بہ خبر پئجي نہ سگهي تہ هو ڪهڙي ملڪ يا شهر ۾ آهي. ان کان وڌيڪ حيرت هن کي ان ڳالھ جي ٿي تہ هن جي ليڊنگ بعد ڪنهن بہ سيڪيورٽي هن جو گهيرو نہ ڪيو، هن محسوس ڪيو تہ شايد ائٽمي تقي آمن جو باعث بڻي هجي، يا ان ملڪ ۾ سيڪيورٽي نظام نہ هجي! ڪڪرن سان ڳالهيون ڪندڙ بلڊنگيون ۽ ٽرائفڪ نظان ۾ تيزي ڏسي، همير کي خوشي ٿي پر اها اڻ تڻ ضرور هئس تہ هو ڪهڙي خطي ۾ آهي. اهڙي معلومات وٺڻ لاءِ هن ڪنهن کان پڇڻ جو ارادو ڪيو. پر اچانڪ همير ڊاڪٽر ڪارل کي هڪ گاڏيءَ ۾ ويندل ڏٺو، جيڪا روڊ رستي اچي رهي هئي، همير جيئن ئي پرسان وڃڻ چاهيو تہ روڊ جي هڪ مخسوس جاءِ وٽان اها گاڏي بلڊنگ جي مٿان واري روٽ ڏانهن اڏاٽي. همير ڏٺو تہ مٿين روٽ تي ڪيتريون ئي گاڏيون اڏامي رهيون هيون.

همير جي اڻ تڻ وڌي وئي، هاڻي هن وڌيڪ وقت وڃائڻ نه ٿي چاهيو. بس ٽڪڙا قدم کڻندو طشتري وٽ پهتو، اڏام جي مختلف مرحلن جي پورائي ڪان پوءِ طشتري جي اڏام ٿي. فضا مان خلا ۾ داخل ٿي، ساڳي روٽ تان ڦرندي، ساڳيون مشڪلاتيون پار ڪندي، هڪ وڏي عرسي بعد جڏهن (12344) جي رابطي ۾ آئي ته همير کي ائين لڳو جڻ ڊگهي ڪاري رات جي پڇاڙي ٿي هجي.

اهو ڏينهن به آيو جو همير جي خلائي طشتري (1234) ۾ ليندنگ ڪئي ملڪي صدر، ڊاڪٽر ڪارل، روزلي ۽ سائنسدانن جي هڪ وڏي جٿي هن جو استقبال ڪيو. طبي معائني بعد هو ڊاڪٽر ڪارل جي ملڪ جي صدر جي دعوت ۾ شريڪ ٿيو. تقريب ۾ ڊاڪٽر ڪارل روزلي ۽ همير جو هٿ پڪڙيندي اعلان ڪيو،

”اڄ مان همير ۽ سنڌ کي ٻه تحفا ڏيندس، هڪ تحفو ته مان هن تجربي جي مڪمل ٽيڪنالاجي ڪين ارپيندي تحفي طور پيش ڪر يان ٿو ۽ ٻيو تحفو... مان پنهنجي خوبصورت ڌيءُ... روزلي“.....

روزلي جو ٻهڪندڙ چهرو ڏسي همير جا سڄي سفر جا ٿڪ لهي ويا. صدر جي دعوت پڄاڻا ڪجهه ٻيون تقريبون مهائي همير کي پنهنجي جنم ڀومي سنڌ ڏانهن اسهڻو هو، جتي ديس واسي سندس ڀرپور آجيان لاءِ آتا آهن.

# پورهيتن جي پڳ

ڳٽتين جا گهنج مُنهن تي وڪيري، گلڻ پنهنجي گهر جي چائنٽ ٽپيو. سندس وارَ، مُنهن ۽ هٿ ۽ سارو بدن لِهه دز سان ليپيل هو، تنهن مان ظاهر بڪي رهيو هو تہ هن سارياليءَ فصل لاءِ ٻج جي ٻاري بہ ناهي آهي ۽ لِهه بہ ڍويو اٿائين.

ڪٽ جي هينان ڪوڏر رکي، ڪٽ تي ويهي، جوءِ ڪان پاڻي گهريائين، ڇو جو سارو ڏينهن وٽاڻ وارو لِهه ڍوئي ٻنيءَ تي ڪنڌائي آيو هو ۽ جڃهي تڪليف سان ڪم اُڪلايو هئائين، اُتي اُڃ لڳڻ هڪ فطري عمل هو.

جوڻس گهڙا منجي تي پيل مَٽَ کي ڪنڌيءَ ڪان جهلي هٿ تي پيل وَٽي ڏانهن ليٽايو، پاڻي چڙڪ چڙڪ تي اوتجڻ ل ڳو.

”پاڻي بہ ڏيندينءَ يا ڏيان ڪوهہ ۾ ٽپو!“ گلڻ بي صبريءَ جو مظاهرو ڪيو تہ جوڻس ڪانويتر اوتيل پاڻي بہ اُٿلي پيو، گلڻ پنهنجي قسمت تي دل ۾ رشڪ ڪرڻ لڳو. ڪيس مظفر وارو چيل جملو ياد آيو.

”توهان جون زالون توهان جون شريڪ حيات آهن!“. گلڻ ڪان ٺهڪ نڪري ويو هو ۽ وراڻيو هئائينس:

”يار ! اسان جون زائفان وري اسان جون شريڪ حيات؟!!“.

”سارياليو ٻج پوڪي آئين!؟“. جوڻس پاڻيءَ جو وَٽو ڪيس ڏيندي پڇيو.

”ڪٿي؟ اڃا تہ ٻج لاءِ ٻاريون نڄاهي، انهن ۾ وٽاڻ وارو لِهه وڪيري آيو آهيان، آوانهندو بہ جوڙيو اٿم، ڇو جو شاخ ۾ پاڻي آيل آهي ۽ ٿوري ئي چاڙهہ سان واهہ ۾ وهي ايندو. سومر کي سارين جي ٻج لاءِ چيو اٿمانس، پيو اڄ سياڻ ڪري، باقي تر ۾ تہ اڌ جوءِ ٻج پوکي چڪي آهي“.

پينگهي ۾ سُتل ٻار روئڻ لڳو، جوڻس تنهن کي گود وٺڻ لاءِ ڊوڙ پاتي. گلن کي جوءِ جو مُنهن ڏسندي ئي ٻُچان لڳيس، هوءَ بہ هڪ تہ ڪوجهڙي ٻيو نہ سر اٿس نہ صواد ! ڪنهن ويل سوچڻ ويهندو آهي تہ هن  پلاريءَ پون ۾ تہ حسن جي اٽاڻ نہ هئي.مارئي ايڏي تہ سهڻي هوندي هئي جوعمر جي دل ڏسندي ئي هٿن مان ڇڏائجي وئي هئي، نوري بہ تہ سندرتا جو مجسمو هوندي هئي، باقي اسان جو زائفان..... جيڪڏهن و ار ڪولي، ڏند ڪڍي، ڪنهنجي آڏو اچن تہ ماڻهو غيباتگ سمجهي ڀڄي وڃن. گلڻ جي مُک تي مرڪ تري آئي.

ٻاهران ڀڻ ڀڻ ڪندي ملوڪان گلڻجي گهر ۾ داخل ٿي ۽ هميشہ جيان ٻنا لاهي چاڙهي جي سندس زبان هلوندي رهي.

”ابا، جيڪڏهن ايڏو شوق اٿن تہ چار چار پرڻائنس،م منهنجيکهڙي ڏراوت ضبط ٿيندي!!“.

”ڪير؟ ڪنهن کي ٽا پرڻائن!؟“. گلڻ ڳنڀير ٿي پڇڻ لڳس.

”ابا گلڻ ! اهو مزوفر (مظفر) ج نهن کي پڙهائي لاءِ ٻاهر موڪليو هئن، هئہ هئہ.... کهڙو تہ دؤر اچي ويو آهي ! محسن ئي وڏو دشمن ٿو سمجهجي، شل نہ ڪنهن کي چڱائي جا ٻہ اکر چئيج، ساري فلم ڳاٽي ۾“.

گلڻجي زال بہ ٻارڙي کي ڪنيون ملوڪان جي پر ۾ ويٺي.

”ابا گلڻ! ان ڇوري مزوفر جي شادي ٿا ڪرائن، مون رڳو ماڻس کي ايترو ڇيومانس تہ ڇوڪرو اجا ننڍڙو آهي، ان جو اجا اهڙو خيال ناهي، هيل ڇڏيوس تہ ڪ جهہ پختڙو ٿئي“.

ماڻس مچرجي وئي، جڻ تليهر ڏنگ وجهرايومانس، چوڻ لڳي:

”هيءَ تہ ڏسو پٽَ ۾ ڪبر، هيل ڇڏيوس.... هونهہ!! ڇا تہ تنهنجا اسان جي ڇوڪري سان ناتا آهن؟ جو چوين ٿي تہ هيل ڇڏيوس....“.

ملوڪان وات جي مشين گن مان لفظن جا برسٽ ڪيندي رهي. گلڻ ڪنڌ ورائي مشڪي ڏنو، ملوڪان جي لهجي تہ ڪِل ٿي آيس لحظي ۾ سڄو ٽڪُ لهي ويس، ڪٽ تان اُٿي گوڏ سوڌو نلڪي هينان وهنجڻ لاءِ وينو، مليل ميٽ بدن تي مکي، نلڪي جي ڳن سهاري دڌڪار ڏنائين جو سڄو ڇپڙ ٿي ويو، مونجهارن جي مٿي مُنهن تان لٿس تہ ڪيس ياد آيو تہ مئخاني جي ڀنيان پنهنجي سنگين صدوري ۽ ممونءَ سان ملڻو هئس.

ٽڙتڪڙ ۾ وهنجي مئخاني جي ڀنيان نهيل ٻُني تي پهتو، جتي صدورو ۽ ممون اڳواٽ وينا هُئا.

”ڪر خبر ڪا گلڻ صاحب ! ڪٿي ٿو رهين؟“ صدوري جي ٽوڪ تي هڪ ٻڪو ٿي ويو.

”لڳي ٿو ڪنهن اپسرا جي لسٽ ۾ الوپ ٿي ويو آهي“. ممون بہ ٽوڪ جو تير ڪمان مان ڪڍيو.

”اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي يارو!“ گلڻ جڻ ترديد ڪئي.

”تہ پوءِ.... ڀهي چڪر ڇاهي؟ سڄو رات ٻج پوکي ويو، سڄي جوءِ ۾ سارياليءَ فصل لاءِ پوکيل ٻج جون ٻاريون سايون ٿي چڪيون آهن، ڪن هارين تہ ريج بہ لاٿا آهن ۽ تو اجا وسر بہ ڪانہ ڏني آهي!؟“. صدوري جڻ تہ تفصيل معلوم ڪرڻ چاهي.

”هيل گلڻ پڳ ٻڌي ئي ٻڌي....وافر ڳالهين مان ايئن ٿو ڀاسجي“. ممون جڻ تہ اهو منظر اکين اڳيان پسي جهمريون پائڻ لڳو ۽ هر هر ڏند تيڙي گلڻ ڏانهن ڏسي ڪلندو رهيو. گلڻ اڳيان پورهيتن جي پڳ وارو سارو منظر گهوماٽيون کائڻ لڳو ۽ هُو خيالن جي وهڪري ۾ وهي ايندڙ ان منظر ۾ گم ٿي ويو.

رونبي جي مند ۾ جڏهن سڀ ڪڙمي ڪاسبي رونبو اڪلائي وٺندا آهن ۽ جنهن ڪڙميءَ جي ٻنيءَ ۾ سڀ کان آخر ۾ روبو ٿيو تہ سڀ ڪڙمي ڪاسبي ان جي واهر لاءِ ايندا آهن ۽ سندس سارو ڪم ڦڙتيءَ سان اڪلائي، ان ڪڙميءَ کي هڪ خاص قسم جي پڳ ٻڌندا آهن، جيڪا سڄو سال پئي ڳائبي آهي.

ڪڙمين سَٿَ گلڻ جي ريج لاٿل ٻنيءَ ۾ ساريالي ٻج جي هَٿين ۾ هٿ سنياري، رونبو اڪلائي رهيا آهن. هر چهرو ٻهڪي رهيو آهي. سواءِ گلڻ جي مموءَ اڳوات ئي پلال مانوڙ وَٽي آيو هو، مگڻهار ٻہ دُهل ساڻ ”الله توهار“ آسري ٻنيءَ جي ٻَندَ تيوينل آهي.

ڪڙمي ڪاسبي روبو اڪلائي ٻني مان نڪرندا مگڻهار جي پرسان گڏ ٿيندا ويا. ”الله توهار“ جي گونج گونجندي ئي ممو نوڙ گلڻ جي ڳ چيءَ ۾ ڊاري وَٺَ ڏيڻ لڳو، ٻيو نوڙ متي تي ڦيرائيندي پڳ ٻڌڻ لڳس، هڪ وٹ متي تي تہ ٻيو وٹ ڳچيءَ ۾ ڏنائينس، مگڻهار دُهل تي ڏونڪن ڪي ناچ ڪرائڻ لڳو، سڀ ڪڙمي عيد سمان ٻهڪڻ لڳا، مموںءَ ناڙي جي مُٺ پٽي گلڻ جي ٻپانهن ۾ ٻوڏندي چيو: ”موڙ منهنجي ادل جا پلارا، هن واهي ڪپر وارا!“

سڀ ٿهڪڻ لڳا، صدوري ڪيس ڪلهن تي ڪنيو ۽ سومر پنيان ڇهنڊڙيون پائڻ لڳس، ممون ۽ ٻيا دهل جي واڄي تي ناچ ڪرڻ لڳا. سڀ ڪڙمي ڪاسبي گلڻ سان يوڳ چرچا ڪرڻ لڳا. مرڪن ۽ ٿهڪنس ان پريل اهو قافلو ڳوٺ طرف وڃي رهيو آهي، جتي ڪونن تي ڪيترائي ٻار ۽ مايون گلڻ ڪي ڏسڻ جي اوسيئڙي ۾ وينل آهن.

# ڊاڪٽر پروفائيل

”نالو ڇا اٿئي!؟“
”ڇو، نہ ٻڌائيندم؟“!
”ٻڌاءِ.......بابلا ضد نہ ڪر“!
”صفا نہ ٻڌائيندم“!
”يلا شناختي ڪارڊ ڪيسي ۾ اٿئي!؟“
”ها آهي،ڇو؟؟“
”چڱو يلا سياڻي تنهنجو نالو اخبار ۾ پڙهندس!“تنوير ٻاراڻو رانديڪو پستول سڌو ڪندي چيس.
”ٽ ٽ ٽنڊڻ نالو آ منهنجو!ٽنڊڻ پٽ ڪبڙ جو! ڪبڙ پٽ ڪرڙ جو،ڪرڙ پٽ ڪانڊيري جو.ڪانڊيرو پٽ الاءِ ڪنهنجو“!!
”ٽنڊڻ دهشت ۾ پنهنجو مختصر تعرف ڪرايس.
”چاچو ڪاڪو سپاهي پيو اچي!!“ننڍڙي نومي پنهنجي چاچي جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو.
”پٽ نومي!فلائيٽ ڪر،جيڪا هر مشڪل گهڙي ۾ ڪم ايندي آهي“. ٽنڊڻ ڏنو تہ هڪ ننڍڙو ۽ هڪ وڏو جهاز“ رن_ وي تي ڊوڙڻ لڳا.
”شڪر آ حساس ايريا مان تہ نڪري آياسين!“ سٽڪو پنڌ جو اڳتي اچي تنوير، نوميءَ کي چيو.
”چاچو!هئين ڊوڙڻ ڪان تہ پلو آ تہ صبح جو جاڳنگ ڪجي گهٽ ۾ گهٽ صحت تہ سٺي رهندي....۽ ها مان ٻيهر ڪنهن بہ ايڊوينچر ۾ حصو نہ وٺندس، توهان جي دوستي ڳوري آهي.“
”ڏس نومي!ويلنٽائين ڊي آهي سياڻي!مان تنهنجي ساٿ بنا ڪيئن ملهائي سگهندس !چڱو هاڻي ٻيهر اهڙو ايڊوينچر نہ ڪنداسين جنهن ۾ جهاز تي ڊوڙڻو پوي.......هاڻي تہ خوش ٿئين؟“!
”چاچو محبوبہ نمبر ٻہ جي قصي جي خبر وپويَ!!؟
”نہ ڇا ٿيو آ هن جو!؟“
”چاچو! توهان جيڪو بغير نالو لکي پريم پتر ڪاغذ جو جهاز ٺاهي واري گهر ڏانهن اڏاري ڇڏيو هو، اهو وڃين ”نگو ايريا“ ۾ ڪريو،ڇو جو اهو محبوبہ ٻہ جي ڪمري بجاءِ ماڻس جي ڪمري ۾ وڃي ڪريو ۽ خبر اٿوَ!؟ ان ڏينهن ڪان پوءِ ماڻس هار سينگار ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن“!
”نومي! هن محبوبہ نمبر ڇهہ وارو قصو بہ هاڻي ختم سمجهہ! جنهن پنهنجو نقاب پاتل فوٽو موڪليو هو ۽ حويليءَ جي پرسان جيڪا نيڪال واري ڪسي وهي ٿي، اُتي ملڻ

جو چيو هئائين.ڪالهہ رات جڏهن رات جي ڊيڊ ۾ ٻڏندو اُن ڪسيءَ وٽ پهتس تہ نم جي گهاٽي ڇانوَ جي ڇاپي هيٺان هوءَ مون ڏي وڌي آئي هئي.

”تنوير مونکي سڃاڻي ٿو!!؟پڇيو هئائين.

”ها، تون هن حويليءَ واري سائينءَ جي وڏي ڌيءُ قمرالنساء آهين!“ چيو هيم.

”تنوير!بابا پنج سال اڳ منهنجو حق بخشرائي ڇڏيو هو ۽ مان انن سالن کان پنهنجا جذبا کهي رهي آهيان، مان هاڻي هن ڪڏي رسم جو پرم نٽي رکي سگهان....... مونکي وٺي هل تنوير! مونکي ڀڄائي وٺي هل!“ مونتي زور رکندي چيوهئائين.

”نہ مان ائين نہ ٿو ڪري سگهان!“ انڪار ڪندي چيو هئم.

”ڏس تنوير توکي واسطو آ ان عورت جو جنهن توکي جنم ڏنو بس مونکي هتان وٺي هلُ، تون جنهن لاءِ چوندين مان ان سان بہ وڃڻ لاءِ تيار آهيان.“ هن واسطا ڏيندي چيو هئائين.

”چڱو مونکي سوچڻ لاءِ مهلت ڏي! پوءِ مان توکي ڪو جواب ڏئي سگهندس!“دلاسو ڏئي نڪري آيو هئس.

”چاچو ڪنهن کي ڏوکي ۾ رکڻ چڱي ڳالهہ ناهي!“ نومي تعجب ڪائيندي چيو.

”نومي توکي نوان ڪپڙا ۽ بوٽ کپن!؟“

”چاچو نيڪي ۽ پڇا!؟“

........”تہ پوءِ هڪ نئين ايڊوينچر لاءِ تيار ٿي وڃ! ڏس سامهون ڪاڪو يعقوب ٿو اچي“!

تنوير ڪاڪي يعقوب سان ڀاڪر پائي مليو، ڪيس هڪ دڪان جي اڳيان پيل ڪاٺ جي بينچ تي ويهاريو،نومي بہ ڀرسان اچي وينو، تنوير روئڻهارڪي لهجي ۾ ڪاڪي يعقوب کي چيو،

”ڪاڪا يعقوب!مون رات خواب ۾ تنهنجو مرحوم  پيءُ ڏٺو. ويچاري جا حال صفا بيحال هئس،بدن تي ڪپڙو بہ قاتل ۽ ليڙون ليڙون هئس، پيرن ۾ چپل بہ ڪونہ هئس، ڏرتتيءَ ڪاٺ جي ٻُنڍَ تي وينو هو، مون کي ڏسي چيائين تہ يعقوب کي چئجانءِ تہ منهنجي  نالي تي ڪپڙن جو جوڙو چمپل وٺي منهنجي نيت ڪنهن کي ڏئي ڇڏي“.

تنوير اکين کي مهٽي زوري ڳوڙها ڪڍي ڪاڪي يعقوب کي ڏيکاريا ، ڪاڪو يعقوب جيڪو پيءُ سان ڏاڍو پيار ڪندو هو، تنهن مرحوم پيءُ جي ايثال ثواب خاطر کيسي مان پئسا ڪڍي تنوير کي ڏيندي چيو،

”پٽ تنوير! بابو مرحيات خواب ۾ توکي آيو هو، ان ڪري ان جي نيت  ڪپڙن جو جوڙو بہ وٺي تون ڏي، هي پئسا وٺ“!

نومي ايڊوينچر جي ڪاميابيءَ تي پنهنجي چاچي تنوير ڏي مرڪن جا رابيل مڪا. ٻئي مرڪندا گهر طرف وڌڻ لڳا، هتي انهن لاءِ هڪ نئون ايڊوينچر مهمان جي صورت ۾ پهتل هو ، تنوير وٽ مهمان جا اڻ ڳڻيا نالا آهن پر ڀاڙي وارا ”جاڳڻ“ جي نالي سڏيندا اٿس، ڇو جو ننڍپڻ ۾ جڏهن هو کٽ تي ستو پيو هوندو هو تہ بہ تارا ڀٽيل هوندا هئس ۽ هاڻ ي نانءَ جي ابتڙ جتي ڪٿي ”حمون نند“ وانگر ننڊ پيل هوندو آهي.

ميڊيڪل ريپ طور ڪمپنيءَ جي دوائن جا سيمپل ڊاڪٽر تائين پهچائڻ جو ڪم سرانجام ڏيندو آهي. زندگيءَ جي هر خوشي ميسر اٿس ور اڄ تائين ڪنهن نازنينءَ اکيون نه ملايون اٿس پر هي مڙسالو ڪنهن البيليءَ جي انتظار ۾ اڄ به نيڻ ڏيئا ڪيون ويٺو آهي.

”واهه تنوير واهه! مان ٻن ڪلاڪن کان تنهنجي وسيئڙي ۾ ديڳ جي پٽ جيان ٽڪان پيو ۽ تون هيئنر نازل ٿيو آهين؟“ تنوير کي ڏسي جاڳڻ جا جذبا جاڳي پيا.

”ڇو ضامن پوانءَ ڇا؟!“

”اڙي ضامن پوڻ جي ضرروت ناهي پر ”رشتي جي معاملو آهي.“

”جاڳڻ ڪنواري ڳوٺائڻ جيان شرم ۾ ٻڏي ويو.

”يلا تنهنجو ڏاج بلو مونکي ڪرڏو پوندو ڇا!؟“

”اڙي ٿنو! ننڍپڻ ۾ ڪيئن ٻين ٻارن کان ڪٽمنڙا، ٻوڙيندا۽ چوپٽيون ڦري پيجي ويندو هئين!؟“ جاڳڻ جنهن جو تنوير وٽ اهم نالو ”ڊاڪٽر پروفائيل“ آهي. تنهن ننڍپڻ جي پروفائيل مان هڪ جهلڪ بيان ڪئي.

”چڱو چڱو، مونکي ياد آهي ته مون کان وري اهي ٽافيون تون فري ويندو هئين“!

چڱو ڳالهه ٻڌ ياءُ تنوير! اڄ مهنجي رشتي جي سلسلي ۾ تو کي هلڻو آهي، اخبار ۾ ”ضرورت رشته“ جو اشتهار ڇپيو آهي ۽ آهي به پنهنجي ئي شهر جو“....

”هائو ٻچڙا!تنهنجو ”بابو“ هلڻ لاءِ تيار آهي “ تنوير ڊاڪٽر پروفائيل کي چيو.

”چڱو نومي اسان وجون ٿا، تون رات جي ماني تيار ڪرائي رکجان!“ شاڪٽر پروفائيل بنام جاڳڻ پنهنجي نڪ کي لمڪا ڏيندي نومي کي چيو.

ڊاڪٽر پروفائيل خوشي ۽ شرم جي گڏيل ڪيفيت ۾ ڪڏهن ٽڪڙو ته ڪڏهن ڍلو پئي هليو.

رستي تي هڪ فقير اڳ وني بيهي رهيو.

”رب مهربان ٿيندئي، هر مشڪل آسان ٿيندئي! بابا رب جي نالي تي پنجڙي ڏئي وڃ!!“ فقير ٻنهي کي ڏسي سين هنئي.

”مشڪل آسان ٿيندئي!! ڏيئس نه پنجڙي!!“ تنوير ڊاڪٽر پروفائيل کي نوٽ هٽندي چيو.

”پنجڙي ڏيانءَ ٿو فقير!پر جي تو واري دعا نه اگهي ته موٽ تي هٿ واري پنجڙي “ به ضرور ڏيندو سانءِ!“ ڊاڪٽر پرفائيل ٻٽون مان پنج روپيه ڪڍي فقير کي ڏيندي چيو.

”ياءُ تنوير!منهنجي خيال ۾ هي گهر آهي!“ڊاڪٽر پروفائيل اخبار جي ڪٽنگ واري ٽڪري ڏانهن نظر ڦيرائيندي چيو، تنوير بيل وڄائي، ڪجهه ئي لمحن ۾ هڪ ٿلهو متارو همراهه ٻاهر نڪري آيو، همراهه جو ڪاريون وڏيون مُڇون پستول ٽرئگر جيان مڙيل هيون، هڏ ڪاٺ ۾ پيليل ڏاند جيان پيو لڳو، تنوير ۽ ڊاڪٽر پرفائيل هيسجي پوئتي هٽي ويا.

”يائو توهان جو ڪنهن ۾ ڪم آهي!؟“ همراهه پڇا ڪين.

”ادا اخبار ۾ اشتهار توهان ڏنو هو!؟“ تنوير هٻڪندي پڇيس.
”اڇا اڇا! توهان رشتي جي سلسلي ۾ آيا آهي!؟“ همراهہ چين
”اچو اچو، اندر اچو “!
همراهہ ٻني کي وٺي هال ۾ ويهاريو.”توهان ٻئي رشتي لاءِ اميدوار آهيو!؟“ همراهہ مڇ ٽرئگر کي وٽيندي پڇيو.
”نہ مان هڪڙو آهيان، هي منهنجو دوست آهي!“همراهہ تي نظر پوڻ کان پوءِ ڀھريون پيرو ڊاڪٽر پروفائيل وات کوليو.
”اڇا! توهان جو نالو ڇا آهي؟“ همراهہ ڊاڪٽر پروفائيل کان پڇيو.
”منهنجو نالو نواب آهي“.ڊاڪٽر پروفائيل پنهنجو نئون نالو ٻڌايس.
”ڪم ڪھڙو ڪندو آهين!؟“
”پنندو آهي!“ همراهہ ڇرڪ ڀري تنوير ڏانهن ڏٺو تہ تنوير چيس، ”منهنجو مطلب آهي تہ ڪمپنيءَ جو دوائون ڊاڪٽرن تائين پڄائيندو آهي، ميڊيڪل ريپ آهي، ان ڪري گھٽي گھٽي ۾ ڊاڪٽرن کي ڳوليندو رلندو پنندو آهي“.
”معنٰي تہ ڊاڪٽرن جو چمچو آهي!“همراهہ مڇ کي وٽ ڏيندي چيو.”چمچو نہ پر ديڳڙي آهي!“تنوير ڪيس ورنايو.
”ماڻھو دلچسپ آهيو.....پر رشتي لاءِ اوهان جو ڪو شرط وغيره!“ همراهہ ڊاڪٽر پروفائيل کان پڇيو.
”نہ ادا اسان ڪنهن بہ شرط کان بغير آهيون، بس رشتو پڪو ڪريو.“ ڊاڪٽر پروفائيل نرميءَ سان همراهہ کي چيو.
همراهہ ٽيبل تي پيل گلاس کي وڄائو تہ گھر واري پاسي کان جيڪو در هو، اتان ڪا ڇوڪري لڏندي چانهہ ڪنيو پئي آئي.
”شاديءَ جي خوشي ۾ پيلا اڳوات ئي جهمر هڻندي ٿي اچي ڇا؟“ تنوير پروفائيل ڪن ۾ چيو.
”تنوير يار لڳي ٿو تہ منڊي آهي، مان منڊي نہ وٺندس“!
ڊاڪٽر پروفائيل آواز شايد ڪجھ تيز ٿي ويو هو.
”ڇا چيئي نہ وٺندين!؟ ڇوري چانهہ واپس گھر کڻي وڃ!“ همراهہ توائي ۾ ڇوڪريءَ کي چيو ۽ پوءِ انهن ڏي مخاطب ٿي چيائين،
”نڪري وڃو هتان!! ڪتا نہ ٻچايانوَ!سپ دڙڳي ٽا اچو سڳ لاءِ“!
ڊاڪٽر پروفائيل رف رف روانيءَ سان تنوير جي گھر ڏي ويندڙ رستي تي هلڻ شروع ٿي چڪو هو ۽ تنويرسندن پنيان پنيان پير ليڪيندو پئي آيو. گھر تائين ٻنهي ٻڙڪ نہ ٻولي. سج پنهنجي بادشاهي مٿان ڪاري چادر اڇلي چڪو هو، اونداهي ڪمرن مان نڪري رستن تي وڪري چڪي هئي. هو گھر پهچي چڪا هجا، ڊاڪٽر ماني کائڻ بغير کٽ تي آهلي پيو، سندس اکيون ڇت ۾ ڪتل هيون، هن جي اکين امان الاهي لڙڪ ڪريا الئہ سالن کان سانڍيل سپنا!

تنوير ڪي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته آخر هو ڪئين هن ڪي آٿت ڏي، پوءِ به هو ڪمري اندر داخل ٿي وڃي ٿو.

”ڏس يار! زندگي ڪڏهن عيش جيئڙي ته ڪڏهن سٽ جيان اُلجهي ويندي آهي،چو ته ڏک سک زندگيءَ جو حصوآهن“.تنوير ڪيس آٿت ڏيندي چيو.

”بس تنوير! منهنجي زندگي پپر جيان آهي، جنهن ڪي ذوئڻ سان فقط امانن جا پن ڪرندا“.

”ڏس ڊاڪٽر! تون ٻاهر هلي ماني کاءُ، توکي تنهنجي زندگيءَ لاءِ اهڙو تحفو ڏيندس جو دعائون ڪندين!!“تنوير ڪيس ڪجهه رازداريءَ سان چيو، ..........................“

ٻئي ڏينهن ويلنٽائن صبح تي نومي پنهنجي چاچي تنوير ڪي ننڊ مان اٿاريندي ٻڌايو ته رات حويليءَ واري سائينءَ جي وڏور ذيءَ الئه ڪنهن سان ڀڄي وئي ۽ ڊاڪٽر پروفائيل به ڪمري ۾ موجود نه ڪونهي!

# زندگيءَ جا ڳولائو

اها ڊسمبر مهيني جي پوئين ڏهاڪي واري رات هئي، ڪوئي عظيم رهنما جي ياد ۾ تقريبون ملهائي رهيو هو ته ڪوئي ڪرسمس ڊي. ڪاري ڪانڀارا جي سانت ڪان رات جي ڊني تي ته ممات به، پر حد جي ٿاڻي ۾ قيامت ڪهرام هو، ظلم جي پڄاڻي هئي، نندي جمعدار وٽ قتل واردات جو ڪيس هو. هن ڪهڙي به نموني ان جي ميتا تي گهري، جو ان ذريعي پنهنجي ورديءَ تي ڦول به وڌائي سگهي ۽ رئيس جي خوشنودي به حاصل ڪري سگهي.

مارڪُٽ ۾ جوابدار دانهون ڪيون، منٿون ڪيون پر قتل جي واردات ڪان نابري واري. ميجي به ڪيئن!؟؟ جنهن جي ڪيسي ڪا ڪَلَ ئي ڪونه هئي.

وڏي صاحب مڇرجي ٽارچر سيل لاءِ سوچيو.

ساڻو ساڻو ساهه هئس، ٿاڻي جي ڪلراٺي زمين تي ڪري پيو، پنهنجا ٻئي هٿ، پنهنجن وارن ۾ وجهي، وڏا وڏا ساهه ڪنيائين، ڪجهه لمحن بعد پاڻ سنڀاليائين، نظرون ڇت ۾ کُتل هئس، پاڻ سنوت ۾ آڻي، پٽ سان ٽيڪ ڏنائين، ڪيس خيالن جو واءُ ماضيءَ ۾ ڪڍي ويو.

پٽس ڪيڏي نه پاڀوهه ۽ پيارَ وچان نپايو هئس، غريبي حال هوندي به ٻارهين جماعت تائين پڙهايو هئائينس، ڪاليج جو نئون ماحول ڏسي ڪيس محڪومي ۽ اجائُن فرسوده ڳالهين ڪان بُڇان لڳندي هئي، هن جا ڪُجهه انقلابي دوست هنجي رهنمائي ڪندا هُئا پر ڇمندي ئي پٽس ڪي رئيس جي ڪڙمت ڪندي ڏٺو هئائين، ڪيس رئيس آڏو ليلائيندي اڪثر پسند هو. ڪيس ان عمل ڪانج ڪراهت ۽ ڪرپ ونندي هُئي. هر نئين ڏينهن رئيس جي ڏاڍ جي لٺ پئي لامارا ڪائيندي هُئي پيو ڪڙمين ونگار وهائيندو هو.

تن ڏينهن پٽس لاءِ ڪڙم جي پرداخت اوڪي تي پئي هئي، ڇو جو گهر ۾ نُهنج جو اضافو ٿيو هوس، هي به تعليم ڇڏي پيءُ سان ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو ۽ رئيس جي نت نئين ڏاڍ جي پيو پڇرندو هو، هڪ سمي ته رئيس ڪي چئي ڏنائين، ”رئيس ! تنهنجا هاري آهيون، ڪي زر خريد غلام نه، هاڻي اسان ڪان وڌيڪ تنهنجون ونگارون ڪونه پُڄنديون“.

رئيس ڪافي مار ڪڍي هُئس ۽ پٽس ڪي چيو هئائين:

”جُمعا ! پنهنجي لوفر، لفنگي ڇوري ڪي سمجهاءِ، نه ته اُڪٿ ماري وجهندو مانس.

هن جي دل ۾ جيئن پوءِ تيئن رئيس لاءِ نفرت وڌڻ لڳي، رئيس مٿس مڇرجي پيو، ڪڙمت جي ڏنل حصي مان ٻهاڏ تي ڪسيائين. هن احتجاج ڪرڻ گهريو هو پر پيءُ جي ٻانهونٻڌڻ ڪري ماٺ ڪيائين. رئيس جي ڪرتوتن جي به ڪيس خبر پوندي هئي. جن جي سُڌ هو ٻين ڪي به ڏيندو هو.

هڪ رات جڏهن ٻنيءَ تي رکيل ديري تان واپس گهر تي آيو ته هن ڏٺو ته رئيس ڪمدار سان گڏ ساجد گونگي جي گهر ۾ پئي گهريو، جيڪو رئيس جو ڪڙمي به هو، هو به لڪندو پنيان پئي آيو، هن ڏٺو ته رئيس ساجد گونگي جي ڌيءُ سان زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، هي هڪل ڪندي رئيس سان جنبوڙجي ويو. ڪمدار ڪهاڙيءَ جو پائڪو هن جي مٿي ۾ وهائي ڪڍيو. زخمي حالت ۾ گهر پهتو هو. پٽس کيس سمجهائيندي چيو هو: ”پٽ ! نانگن جي ٻر ۾ هٿ نه وجهه ! پاڻ ئي زخمي ٿيندين پنهنجو نه پر ابا.... اسان جي پيريءَ جو ئي خيال ڪر، هو ڏس پاڳيري ڪيئن پئي روئي، اسان ڪي ڇڏ، ڪٿي هوءَ پنهنجي جوءِ ڏس، ويچاري ڪيئن سسڪي رَهي آهي ! پيٽ سان آهي ! ڪجهه ته خيال ڪر!“.

پرهه ڦُٽيءَ جو نندي جمعدار اٿالي سان اچي در ڪڙڪايو ۽ جمن کي چيو: ”تنهنجو ڇوڪرو سعيد اسان کي ساجد گونگي جي قتل واردات جي ڪيس ۽ سندس ڌيءُ جي اغوا جي ڪيس ۾ گهربل آهي“.

نندي جمعدار جي ڏنل مار جو سور محسوس ڪري ٿو، ڪيڏو نه بيدرديءَ سان ظالم ڪٽيو ه ئس، عضون مان ست ئي ڇڏائي ويو هوس هر هر تي سڏڪا پريائين، ٽاٽي جي پٽ تي عڪس پسڻ ۾ آيس، پٽس ۽ ماٽس جا، پٽس جي ڇهري تي پيڙا جو تاثر هو ۽ ماٽس روئي رهي هئي.

”مون توکي ڪونه سمجهايوهو ته نانگن جي ٻر ۾ هٿ نه وجهه! جي زندهه رهڻو اٿئي ته سور سهڻو اٿئي ! توکي خبر ناهي ته ڪ نهن به دؤر ۾ غريب جو آواز اٿيوآهي ته ان کي امير جي گوليءَ سمهاري ڇڏيو آهي . پٽ! اسان جون خوشيون به واويلا ڪنديون آهن! هتي بگهڙين جو ديس آهي تو ”سيهڙ“ جيموت تي ڪير روئندو!!؟؟؟ تون احتجاج جو جهندو ڪٽندين ته پاڻ ئي ڏوهي بڻبين!“ پيءُ جو عڪس ڳالهايس.

”ها.... پلي جان مان ڏوهي بڻجان بابا ! مان غلامنجي بيڙي ۾ نه ڇڙهندس.... جتي نارين جي عزت سان راند ٿئي، جتي اسان جي هر عمل پنيان ”ڇو ۽ ڪيئن؟“ هجي جتي ڪامورا خوشين جا خرار ڪنيو گهمندا وتن ۽ اسين غم ۽ خوشيءَ جي خال ۾ رهون ته ڇا اتي احتجاج به نه ڪريون؟؟؟ آخر هڪ ڏينهن جلاد پنهنجو سِرُ اڏيءَ تي رکندو“. جلاوت ٿيندي چيائين:

”ها..... تون غلام ابن غلام آهين!! توکي هر وقت سور سهڻو پوندو. تنهنجو وجود ڪاٽر مشين ۾ پيل ان گاهه جيان آهي، جنهن جي هٿورو اڳتي نڪرڻ تي هر نئون ايندڙ ڪات پرزا پرزا ڪندو آهي“. عڪس وري ڳالهايس.

پر بابا.... اهي سٺر ماٺهو سڏائين ٿا، جن اڳيان مظلوم جو جسم آخري پساهن ۾ تڙپندو آهي ته به کين ڪا ذرڙي به نه ايندي آهي. اسين احتجاج ڪريون ٿا ته ڏوهي، ماٺ ته پوءِ غلام. جيڪي صدما اسان سنا آهن تن جو ماڻ دُنيا جي گولي تي شايد ملي! جنهن پيڙائن ۾ مان سڏڪان ٿو، تنهن جو ڏر ئي مونکي تر ترائي ٿو وجهي.... ڏکن کي مروٽي مُنهن تي مُرڪ آڻيندوآهيان ته به ڪلي ناهيان سگهندو آخر ڇو بابا....؟ ڇو

اسان جي اک جو لڙڪ ايڏو ترڪڻو آهي جو هر ساعت ڪريو پوي؟“ ڪنڌ پنهنجن گوڏن ۾ لڪائي روئڻ لڳو، ديوار تي عڪس ڪانئس اوجهل ٿي ويا. گرفتاري جي هڪ هفتي گذرڻ باوجود پٽس ٽي چار دفعا مُلاقات لاءِ آيو پر ساڻس ملڻ نہ ڏنو ويو.

رئيس جي اوطاق تي جمعو ۽ پاڳيري رئيس کي منٿون ڪري رهيا هُئا تہ اسان جي ڇوڪر کي بچاءِ، ڪيس ڪهڙي خبر تہ ماڻهو ڪيئن ماربو آ؟ هو تہ صفا ٻوگهلو آهي.“ جمعو ۽ جوڻس سڏڪڻ لڳا.

”مُنهن ۾ مُلان، اندر ۾ پليت!“ ڪمدار پٽڪندي چيو:

”ماءُ ڪان مامتا ڪسجي وئي تہ قيامت اچي ويندي!“ پاڳيري سڏ ڪندي چيو:

”قيامت.....!! ڪمدار شيطاني ٽهڪ ڏيندي چيو:

”ڇورو تو وارو وڏو وڙ ڪري ويو آهي جمعا ! ڦوسڙيءَ جو پُٽ، تو ٻڙَ سان مَهاڏو اَٽڪائي“. رئيس جلاوت ڏيندطي چيو.

”پوتار وڏا ! مان سمجهائي ڇڏيندو مانس، ٻيهر اوهانجي سامهون ٿئي تہ جيڪا سزا وَڻيوَ ڏجوس.“. جمعو التجائي نموني ڪُڇيو.

”پوتار سائين! ڪڏ ۾ هٿو انهيءَ چوري کي.....! جمن جي سر ڏي خيال ڪريو، ويچارو اوهان جو خانداني غلام آهي، ڪٽي هن جي صدقي ڇوري کي معاف ڪريوس“. ڪمدار شيطاني لهجي ۾ چيو.

رئيس بابو آهين، ”منهنجي پيريءَ جي سهاري کي ظالمن هٿان ڇڏاءِ“.

جمن منٿون ڪيون.

رئيس جي لبن تي شيطاني مُرڪ رقص ڪرڻ لڳي.

”ڇو نہ.... ڇڏائيندا سون تنهنجي ڇوڪري کي.... اسان باقي ڇا لاءِ آهيون!؟“ رئيس مُڇن کي وٽيندي چيو:

”پر هڪڙو شرط آهي!!“ ڪمدار جمعي سان مخاطب ٿيندي چيو:

”اڄ رات.... تو واري نُهن....!!“

”نہ رئيس نہ، ...... نہ....! مونکي پيرسنيءَ ۾ بي عزتو نہ ڪر، اسان جي عزت....“.

”مري ڪونہ ويندي هڪ رات ۾“. ڪمدار جمن جو جملو ڪٽيندي چيو:

”پوتار سائين رحم ڪر..... اسان سان ايڏو ڪلور نہ ڪر. ڏس هي.... مان پٽڪو ميڙ ٿو ڪيانءِ....“جمعو هيڄڪ هڻندو رهيو. ڪمدار ٻنهي کي گهليندو اندر ”خفيہ خاني“ ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ چاڙتا اُماڻي ڇڏيائين جمعي جي گهر.....

نذير جمعدار جي ڪيل ٽارچر سيل ۾ سعيد دنيا جي روڊ تي موت جي ڪار هينان ڇيپاڻجي ويو، نذير جمعدار ڄاڻايو تہ جمعي جي پٽ رات ڳاٽي اندر خودڪشي ڪري ڇڏي.

”رات ڳوٺن جي ڳاٽي ۾ هڪ قيدي خودڪشي ڪري ڇڏي“.

اخباري هاڪر هوڪا ڏيندو فٽ پاٿ وٽان گذريو، جتي ٻہ عورتون ۽ هڪ پيرسن تمام خراب حالت ۾ ستا پيا هئا.

”ڀاڳيري ! او ڀاڳيري ! اُٺن ڏي تہ نهار، توکي سڏي رهي آهي“. جمعي سندس زال کي ڏونڌاڙيندي چيو: جيڪا رات جو رئيس جي گاڏي جي ماٺهن پاران ڦُٽ پاٽ تي اڇلي وڃڻ ڪان وٺي ننڊ پئي هئي.

ڀاڳيري سُرڪي اچي اُٺن جي پرسان آئي، اُٺن جي پرسان ڪو نئون وجود ڏسي، خوشيءَ وچان چيائين:

”سعيد جا پيءُ هيڏي تہ ڏس..... سعيد موٽي آيو آهي!“.

”ڇا چيئي!؟؟ سعيد!؟“ جمن جي نظر نئين ننڍڙي وجود تي پئي تہ خوشيءَ وچان زمين تي سجدو ڪيائين.

ڀاڳيري نئين وجود کي ڪڇ ۾ ڪٽي پيار ۽ پاٻوهہ وچان چوڻ لڳي: ”تون منهنجو سعيد آهين نہ؟.... سعيد!“

”ها.... ڀاڳيري ! منهنجي مولا اسان کي سعيد موٽائي ڏنو آهي، هاڻ هلو تہ هلون، ڏور ڪنهن ماڳ تي نئين زندگيءَ کي ڳولڻ، جتي ڪو بہ رئيس نہ هُجي، اُتي هلي نئين زندگيءَ جو آغاز ڪريون“.

# ويهين صديءَ جو وڏو فراڊ ؟!

مان اڄ عمر جي ان حصي ۾ آهيان،جتي ماڻهوءَ جا عضوا زندگي ڀر جي محنت ۽ جفاڪشيءَ ڪانپوءِ ناپر ۾ ايندا آهن ۽ پوڙهائپ واري ڍنگ ۾ لڪي ڪم ڪار ڪان نابري واري ٻيهندا آهن، مان ٻه نڪو ڪيان ڪم نہ ڪار ۽ نہ ڪا لکَ پڙهہ!
پراهيون مڇيءَ مانيءَ وارا جو هرڪو پيو عزت جي نگاهہ سان نهاري، نہ تہ ماڻهو آهن اهڙا جو" پير ۾ مري پاءُ، ٻرڙي ٻاجهہ نہ پوي.
معاشري ۾ اسٽيٽس آهي چگن ٻلن تي رعب ڇميل آهي نہ تہ ماڻهو پوڙهن تي ائين تا اُلريا اچن جيئن ٻلي ٻوڙ تي مک. اڪثر ڪري انهيءَ وقت ۾ هر ڪنهن وٽ ڏوڪڙ صاحب جي اٽاٽ هوندي آهي ؛
گهر پيئنگ هوندو اتن پر مون لاءِ اهو مسئلو ڪا ٻہ حيثيت نہ ٿو رکي ، ڇو جو چار مهينا اڳ رٽائر مينٽ ورتي هئم ، ڏوڪڙ صاحب اڻ ٽر آهي پئسن مان هڪ گهر نهرايو آهي ۽ الله رکيس مون واري نينگر جي شاديءَ جي تيارين ۾ آهيان ۽ اڄ ٻہ الياس جي ماءُ ساڻ ڪري شاپنگ لاءِ ٿو وڃان ، عورت ڪي شل نہ چئجي تہ تيار ٿي اچ !پوءِ تہ منهجا سائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ چٽا.
"حيدر .....! او حيدر .....؟"
"جي صاحب"!
"وڃ ٻاهران ڏسي اچ تہ هاڪر اخبارون رکي ويو آهي ! " مون نوڪر کي سڏي چيو.
سچ پڇيو تہ اخبار پڙهندي عجيب ڪيفيت طاري ٿيو وڃي ، رت سان ڳاڙها لاش پسي مونکي ٻہ مرگهٽ اچيو وڃي، مٿو ڦري ويندو آهي پاڻ کي ٻہ خيالن جي صحرا ۾ ٺهيل صليب تي مرگهٽ ٿيل لڳندو آهيان جڻ دنيا جي گهٽيا روايتن سان مهاڏو اٽڪائيندي فوت ٿيو هجان پر اجوڪي اخبار تي مڙئي ميتن جي مهرباني هئي جو منهن مبارڪ کو نہ ڏيکاريو هئائون "
اچانڪ منهنجي نظر اخبار جي فرنٽ پيج تي ڇپيل اشتهار تي پئي، جنهن ۾ هڪ سوال لکيل هو، "ويهين صدي جو وڏو فراڊ ڪهڙو!؟"
مان سوچن جي گمسان واديءَ ۾ انهيءَ فراڊ کي ڳولڻ لڳس تہ ويهين صدي جو وڏو فراڊ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ اڄ ڪلهہ تہ دنيا تتل صحرا جي ڪنڊن ڀري راهہ گذر تان گذري رهي آهي. هر گذري ويل ڏينهن هر نئين اينڌڙ ڏينهن سان فراڊ ڪري رهيو آهي، ڪيس پنهنجا غم و غصا، ڪلفتون، آفتون، ويساهہ گهاتيون، پڇتاءَ، پيڙا، ڪرب ۽ عذاب ڏئي ٿو.
مون کي فراڊ تي گذريل سال جو واقعو ياد آيو، جڏهن ڪم سانگي، ريل رستي ڄامشوري پئي ويس، ريل اسٽيشن تي بينل هئي، ريل جي گاڏي ۾ چڙهندي ئي مان بريف ڪيس پرسان رکي سيٽ تي وينس. پرسان هڪ پيرسن آهليو وينو هو، برٿ تي

ڪجھ سفري بيگ پيل هئا ۽ سامهونءَ واري سيٽ تي هڪ ٽيهن پنجٽيهن سالن جو همراھ ويٺو هو، مون ڏي ڏسندي ئي سلام ڪيائين، مون سلام ورايو.
”سائين ڪاڏي ٿا وڃو؟“ مون کان پڇيائين .
”ڄام شوري!“ مون مختصر جواب ڏنو.
”ماڻهو ڏاڍا حرامي ٿي پيا آهن!“ هن چيو.
مون چرڪجي هن ڏي نهاريو.
”ها سائين مان سهي ٿو چوانءَ، ماڻهو ڏاڍا حرامي ٿي پيا آهن، اجا ٻه ڏينهن اڳ جي ڳالھ آهي تہ مان بہ توهان وانگي بريڪيس ڪنيون مائٽن ڏي پئي ويس، اجا منهنجي اک ننڊاکڙي مس ٿي جو پرسئون وارو همراھ منهنجو بريڪيس کڻي پڇڻ لڳو“.
مون ڏنو تہ هي همراھ بہ منهنجي بريف ڪيس ۾ هٿ وِڌڻ لڳو، مان اجان ڪجھ چوان ئي چوان هن چيو، ”سائين! هيئن هٿ ۾ کڻي پڇڻ لڳو“.
بوگيءَ جي در وٽان ٿي هي همراھ موٽي آيو، بريف ڪيس منهنجي پرسان رکي ويهي رهيو، مان ڪيس ڏسندو رهيس.
”سائين! ماڻهو ڏاڍا حرامي ٿي پيا آهن، اهي شاهينگ تہ الائي ملائڪ جا پٽ آهن! خبر ئي نہ پوندي، گم ٿي وڃن ٿا“.
مون هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.
”پلا سائين بريڪيس ۾ وزن بہ آهي گهڻو! پلي مالڪ ويٺو بہ هجي، شاهينگ هوا جي لوڏي وانگر کڻي وڃي تہ مالڪ کي خبر پوندي ڪاٿي!؟“
هو منهنجي اڳيان بہ پرئڪٽيڪل طور بريف ڪيس کڻي گاڏي مان لهي ويو، مان اوسيئڙي ۾ در ڏي ڏسندو رهيس تہ اِجهو ٿو موٽي چڙهي، پر ريل بہ اسٽارٽ ٿي چڪي هئي ۽ هو نہ چڙهيوتہ منهنجي وات مان بہ نڪري ويو؛
”واقعي ماڻهو ڏاڍا حرامي ٿي پيا آهن“.
”صاحب چانھ حاضر آهي.“ حيدر چانھ منهنجي اڳيان ٽيبل تي رکندي چيو.
”حيدر!“ مون پنيرکو ويندڙ حيدر کي سڏيو.
”جي صاحب!؟“ هن پريشان ٿيندي پڇيو.
”اندر بيگم صاحبہ کي چئہ تہ ٻاهر هن جو شدت سان انتظار ٿي رهيو آهي“.
چانھ جو سپ پريندي ياد آيو، جڏهن پنهنجي پراڻي دوست اخلاق احمد کي رٽائرمينٽ وٺڻ جي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ فون ڪئي هئي، جو هو بہ ساڳئي سال مون کان چار مهينا اڳ رٽائر ٿيو هو.
”هيلو!اخلاق احمد سان ڳالهائڻو آهي“!
”جي.....جي! ان جي ئي ڪن ۾ وات تي رسيور آهي“.
”مان بہ هاڻي تو جيئان مکيون ماريندس!“ مون هن کي مزاح جي موڊ ۾ ٻڌندي چيو.
”چو توکي بہ ڪنيو ڪٽيءَ چا؟ رٽائر ٿئين ٿو چا!؟“
”ڏوڪڙ جو ججها تا ملن، بس دل هرکي پئي“!

”خيال ڪجانءِ متان ڪو تاڙ ۾ وينو هجئي ۽ وجئي پڙ پالا ڪيون! تازو واقعو ٻڌايانءِ......“ ائين چئي هو پاڻ ئي شروع ٿي ويو،
”ڪراچيءَ کان اچي رهيو هئس، شام جا ڇهه ٿيا هئا، بلو لائين ۾ سانت لڳي پئي هئي، گاڏي جڏهن دادوءَ کي پوئتي ڇڏيو ته هڪ ڪرڙوڊ اتي بيٺو، جيڪو شايد دادوءَ مان چڙهيو هو، بس مسافرن کيس فقير سمجهي در گذر ڪري ڇڏيو، هو پنهنجي وڪڙ واري لڪڙ جي مدد سان گاڏيءَ جي سيٽن جي وچ واريءَ وٿيءَ وٽ اچي بيٺو .
”ادا مسلمان ڀائرو! مان هن شهر جو مشهور حڪيم آهيان، منهنجي رب پاڪ کان دعا گهريل آهي، جنهن ڪري مان هر سئو ڪامياب علاج کان پوءِ خيرات ڪندو آهيان. هاڻي مان هڪ هزار لاچار مريضن جو ڪامياب علاج پورو ڪيو آهي ۽ ان خوشيءَ جي موقعي تي مون رب کان دعا گهري ۽ سڄي شهر ۾ منائي ورهايان پيو، قسم سان منهنجو توهان ۾ ڪو به غرض ڪونهي، بس وات منو ڪيو ۽ رب کان مون لاءِ دعا گهرجو. توهان جي گاڏي جڏهن منهنجي شهر پهتي ته مان چڙهيو آهيان، بس دعا ڪجو ته رب مشڪل آسان ڪري.“ ان ڪرڙوڊ پنهنجي سيٽ تي ويهي ويهندي پنهنجي ڇوڪري کي منائي ورهائڻ جو اشارو ڏنو. ڇوڪرو منائي ورهائڻ شروع ٿي ويو.
”بابلا! هڪ مسلمان هيڏي به وينو آهي!“ ڊرائيور رڙ ڪندي ڇوڪري کي چيو.
”ها ادا! تون ڪيئن وسرندين!؟ خاص ماڻهو ته تون آهين!“ ان ڇوڪري ڊرائيور کي منائي ڏني ۽ هڪ لڏو وات ۾ وڌائينس.
”تو به منائي کائي ڇڏي!؟“ مون اخلاق کان فون پڇيو.
”ها، سڀ مسافر مطمئن ٿي کائي رهيا هئا، سو مان به کائي ڇڏي“.
”پوءِ ڇا ٿيو؟ حڪيم ۽ ڇوڪرو ڪاڏي ويا؟“ مان بيتاب ٿي اخلاق کان پڇيو.
فون رسيور مان فقط کلڻ جو آواز ٻڌي رهيو هئس، ڪجهه لمحن کان پوءِ اخلاق جو آواز آيو، ”۽ جڏهن اسان کي هوش آيو ته بلو لائين هڪ لنڪ روڊ تي بيٺي هئي ۽ سڀئي مسافر پنهنجو سامان سنڀاليندي دانهون ڪري رهيا هئا، ڪو چئي رهيو هو، ”الا، منهنجا به هزار!“ اڳيان آواز آيو،”ابا ڙي منهنجو سونو لاڪيٽ لاهي ويا.“ پويان هڪ مائي جو آواز آيو، ”مار پوين! منهنجون سونيون واليون به لاهي ويا.“ ڊرائيور کي به شايد هوش آيو هو،
”ٻيلي واهه جي ڪري ويا! منهنجو لين _خرچ به ڪٽي ويا “.
”پلا تنهنجو ڇا ڪٽي ويا.“ مون اخلاق کان پڇيو.
”منهنجي بيگ ۾ ڪجهه ڪتاب هيا، سو کولي کولي ڦٽي ڪري ويا، باقي ڪوٽ جي کيسي مان نظر واري عينڪ ڪڍي ويا.“ فون رسيور مان ٺهڪ ٻڌجڻ ۾ پئي آيا.
اچانڪ ٺهڪ ڪڙڪيدار ڇنڇيندڙ آواز ٻڌجي ويا. منهنجي يادن جو شيشو ڇڙان پڙان ٿيو ڏٺم ته اڳيان بيٺل بيگم صاحبه ڪجهه چئي رهي هئي.
”هلو پي، ڪيڏي دير ٿي وئي آهي، خريداري به ڪرڻي آهي، ڪهڙي ويل ورنداسين!؟“
”بس پي ڪيو، هلون ٿا“!

خريداريءَ تان موٽندي به مونکي فراڊ واري سوال پنهنجي سحر ۾ گهيري رکيو هو، سڄو وقت گم سم رهيم.

خبر ئي نه پئي پٽ جي شاديءَ واري ڏينهن جي تاريخ اچي وئي، دهلن دمامن سان ڄڃ ڪنواريتن جي گهرن ۾ قيام ڪري ٿي، سمورين رسمن جي ادئگي ڪان پوءِ گهوٽ کي نڪاح لاءِ وٺي اچڻ جو چيو ويو.

مون ته پنهنجي پاران گهوٽ کي سڀ ڪجهه سمجهائي ڇڏيو هو. نڪاح ۾ ”قبول آهي“جا آواز ٻڌي، رهيل رسمون اڪلائي ٻنهي کي لائون ڏئي هرڪو سمهڻ جي تيارين ۾ مصروف هو، مان اجان ڇاجين کي سمهارڻ جو جوڳو بندوبست ڪري رهيو هئس ته الله رکيس مون وارو نينگر الياس حيران ۽ پريشان ڪمري مان نڪري مون وٽ پهتو ۽ مونکي ڪنڌائتو وٺي وڃي بيٺو.

بابا! اندر ڪمري ۾ ”تصور“ ناهي“!!

”ڇا ..... ڇا چيئي؟؟“

”ھابابا! مان سچ ٿو چوان، اندر تصور بجاءِ ٻي عورت ڪنوار بڻيو ويٺي آهي“.

منهنجي ته پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي.

”ائي الله! ايڏو ڪلور، ايڏو وڏو اپمان“!

”بابا! ايڏو وڏو ڏوڪو اسان سان “!

”ها پٽ! ڏوڪو ٿيو آهي! ڪنوار جي تبديلي“!

اچانڪ منهنجي وات مان نڪري ويو؛

”اهو ئي ته ويهين صديءَ جو وڏو فراڊ آهي “!